دیوان



خالدہ نسرین

پبلیکیشن





سورهہ سنڌي ادب



صاحب خان ·سورهہ· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

ديوان

خالده نسرين



2021ع

Book No:128

كتاب: ديوان
موضوع: غزل
ليکڪ: خالده نسرين
ڪمپوزنگ: سعيد مرتضيٰ
ٽائيٽل لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
ڇاپو: پهريون
مهينو سال: آڪٽوبر 2021ع
ڇپائيندڙ: مرڪ پبليڪيشن ڪراچي



Published By: Murk publication,
Room No: 305 3rd Floor Sabir Manzil 98
Behind Gul Plaza, Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
murtazalaghari64@gmail.com
021-32772494
03005182494

ملهه: 400 رپيا

ڪتابن ملڻ جا هنڌ:

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ڪانياواڙ بڪ شاپ اردو بازار ڪراچي
ٿامس ڪتاب گهر ڪراچي، سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد،
دانيال ۽ رومي ڪتاب حيدرآباد، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر،
رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو سنڌيڪا ڪتاب گهر لاڙڪاڻو،
تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس، ٽر ڪتاب گهر مٺي،
سليمان ڪتاب گهر ۽ پريتم قاضي نواب شاهه، عاجز منگي سانگهڙ

ارپنا

ماضي، حال

۽

مستقبل جي سيني
صاحبِ ديوان
شاعرن جي نانءُ

فهرست

غزل

پبلشر نوٽ:

ڪالهوڪو ڏينهن ٿو لڳي، جڏهن پروفيسر خالده نسرين جو پهريون شعري مجموعو "پيڙا جي پاتار ۾" ڪمپوز ڪري مڪمل ڪيو هو. ڪتاب جي ڪمپوزنگ کان وٺي ڇپائي واري مرحلي تائين، سندس اهو موقف رهيو هو تہ شاعري وزن بحر جي محتاج نہ هئڻ گهرجي، هن اهو زباني اظهار پڻ ڪيو هو تہ وزن بحر جي سامهيءَ ۾ تڪيل ۽ توريل شاعري اوترو متاثر ڪندڙ نہ ٿي ٿئي، جيترو بحر وزن کان آزاد شاعري پنهنجو تاثر ڇڏي ٿي.

پر اها ڳالهہ سئو سيڪڙو درست آهي تہ شاعريءَ جو فن، شاعريءَ جو علم، شاعريءَ جي سامهي، عروضي شاعريءَ لاءِ بنهہ ضروري آهن، علم عروض بنا غزل سرجي نہ ٿو سگهي، ٻيون بہ ڪيتريون ئي شاعريءَ جون صنفون عروض سان گهرو تعلق رکن ٿيون، تخيل شاعر جي ميراث آهي، پر علم عروض اُن جي سونهن آهي.

بهرحال وقت پنهنجي وهڪري ۾ وهندو ويو ڏسندي ئي ڏسندي پروفيسر خالده نسرين جو ٻيو شعري مجموعو "چنڊ مٿي آڪاس" بہ شايع ٿي ويو. سندس ٻنهي ڪتابن سُٺي پزيرائي ماڻي آهي.

خالده نسرين نہ رڳو بهترين شاعر آهي پر سنجيده ۽ باڪمال شخصيت جي مالڪياڻي بہ آهي، هوءَ سڪڻي واهہ واهہ جي پويان نظر نہ ٿي اچي، هوءَ سوشل ميڊيا جو ناجائز فائدو نہ ٿي وٺي، هوءَ غزل شيئر ڪري لائيڪ ۽ ڪمينٽس وٺڻ لاءِ فيس بوڪي دوستن کي لنڪ نہ ٿي موڪليَ، هوءَ هلڪڙائپ کان هٽي پنهنجي تخيل جي آڌار تي پذيرائي ماڻي ٿي، هوءَ هر محفل ۾ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب تحفي طور نہ ٿي ڏئي، هوءَ هر ماڻهوءَ کان تعريفي سٽون لکرائڻ جي ڪوشش نہ ٿي ڪري، اُن جي باوجود ڪيس پذيرائي سندس شاعريءَ جي معيار جي آڌار تي ملي ٿي.

ڪجهہ وقت اڳ جڏهن ڪورونا وبا دنيا تي پر پکيڙيا تہ سڄي دنيا وڏي بحران ۾ اچي وئي، سڀ ڪجهہ بند ٿي ويو دنيا جو ٽرانسپورٽ نظام بہ بلاڪ رهيو. تن ڏينهن ۾ خالده نسرين لنڊن ۾ هئي، ان بحران سبب ڪيس اُتي ئي ترسڻو پئجي ويو وقت بوقت فيس بوڪ تي سندس غزلن جي بهار رهي، هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو اظهار ڪيائين تہ غزلن جو ديوان لکان پئي، مون کي حيرت بہ ٿي تہ خوشي بہ!

خوشي ان ڳالهہ جي تہ الف - ب وار غزلن جو گلدستو اُهو بہ هڪ سنڌي عورت شاعر جوڙيندي هجي، ٻي اها ڳالهہ تہ غزل جي صنف عروض کان سوا

سرجي نہ ٿي سگهي، ٿئين وڏي ڳالھ اها تہ اُهو ڪارنامو اُها ئي شاعر سرانجام ڏيندي هجي، جنهن جي نظر ۾ شاعريءَ لاءِ علم عروض ضروري ڪو نہ هو

هونئن تہ اڄ جي سوشل ميڊيائي دور ۾ ڪيترين ئي شاعرائون روز نئين رنگ روپ سان فيس بوڪ جي زينت بڻجن ٿيون، توڙي جو اها خوش آئيند ڳالھ آهي تہ عورت بورچي خاني مان نڪري علم ۽ ادب واري راھ ورتي آهي، ماضيءَ تي نظر ڊوڙائجي تہ ڪيترا ئي اهڙا نالا ذهن جي ڪينواس تي ايندا، جيڪي شاعريءَ جي جهان ۾ اچي وري جلد غائب بہ ٿي ويا، پر مان پايان ٿو خالده نسرين جهڙيون شاعرائون سنڌي شاعريءَ جو ڀاڱ آهن.

خالده نسرين جا آزاد توڙي پابند نظم پنهنجي سڃاڻپ پاڻ آهن، سندس گيت پنهنجي ڪلاسيڪل رنگ ۾ تمثار نظر اچن ٿا. اُن کان علاوه بہ شاعريءَ جي مختلف صنفن تي سندس تجربا رهيا آهن. پر ويجهڙ ۾ ٿيل سندس غزلن جو ڪامياب تجربو ڪيس مٿاهون مقام بخشي ٿو. مون هن جي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جا مڙئي اولڙا پسيا آهن، اُها وري هر شاعر جي تخليق ۾ واڌاري خوبي آهي تہ هو پنهنجي ڌرتيءَ جا درد پنهنجي ڪوتائن ۾ اوتي ٿو سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا شاعر آهن، جيڪي پنهنجي ٻوليءَ سان پيار بہ ڪن ٿا ۽ ٻوليءَ جا پارکو بہ آهن. جيڪڏهن ڪا عورت اهڙي پيچري تي هلي پنهنجي ٻوليءَ جي بقا لاءِ جنگ وڙهي ٿي، پنهنجي ادب جي آبياري لاءِ ڪوشان رهي ٿي، پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ ڌڻين جي حقن لاءِ آواز بڻجي ٿي، انسانيت ۽ اخلاقيات جو ڀرم بہ رکي ٿي تہ اُهو ڪمال آهي، اهڙن چند عورتن منجهان خالده نسرين بہ هڪ آهي.

خالده نسرين جي هن ديوان ۾ سنڌي الفابيٽ جي ٻاونجاھ ئي حرفن تي لکيل غزل شامل آهن، پر ڪيترن ئي حرفن تي هڪ کان وڌيڪ غزل بہ آهن. ان کان علاوه 'آ' تي بہ غزل ڏنل آهن، 'ن' واري حرف ۾ نون گنون بہ شامل آهي، ڪجھ غزل رديف وار آهن تي ڪجھ وري آخر ۾ رکيل ڪافيي وار آهن. هن ديوان جي ٻي اهم خوبي اها بہ آهي تہ سيني غزلن جي مٿان وزن ۽ بحر بہ ڏنل آهن، جنهن سان اُن غزل کي نہ رڳو مقرر ماڻ ماپ تي جاچي سگهجي ٿو پر ان سان گڏ اهو ڪارنامو نئين ٿهيءَ لاءِ بہ سنو سَنوَڻ ثابت ٿي سگهي ٿو. هن ديوان ۾ جديد سنڌي مزاحمتي ۽ رومانوي غزلَ جا سڀ رنگ رچيل آهن. اميد تہ هي منفرد، ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعريءَ جو ديوان تاريخي دستاويز ثابت ٿيندو.

مرتضيٰ لغاري
03005182494

سَمهاڳ

چانڊاڻ جي چُني! ’ديوان خالده نسرين‘

خالده نسرين، سنڌي ٻوليءَ جي ’نو وارد شاعر‘ نہ آهي، پر سندس هڪ ٻئي پٺيان تازو ڇپيل ٻن شعري مجموعن، ’پيڙا جي پاتار ۾‘ (2019ع) ۽ ’چنڊ مٿي آڪاس‘ (2021ع)، سنڌ جي ادبي حلقي، خاص ڪري شاعرن کان نہ رڳو ڇرڪ ڪڍائي ورتا آهن، پر هن پنهنجي منفرد ادبي ۽ شاعر وارِي سڃاڻپ بہ ٺاهي ورتي آهي.

منهنجو خالده نسرين سان ڀرپور تعارف، سنڌ جي قومي ۽ جديد مزاحمتي شاعر عبدالحڪيم ’ارشد‘ جي لائق ۽ فائق فرزند راشد لڪمير سان گڏجي، سندس گهر تي ملاقات ڪرڻ دوران ٿيو ۽ معلوم ٿيو تہ خالده نسرين، اُها ئي ماضيءَ واري خالده آهي، جنهن جون لکڻيون 1970ع واري ڏهاڪي کان وٺي ڀرپور خالده نوراني ۽ پوءِ خالده انور جي نالي سان ڇپجنديون هيون.

اسان جي سنڌي سماج جي اها ستم ظريفي رهي آهي تہ عام طور اديب ۽ شاعر، ۽ خاص طور عورت تخليقڪار ۽ شاعر کي اسان جي سماج ۾ ميڄتا ۽ قبوليت ملڻ ۾ هڪ وڏو عرصو لڳي ويندو آهي، سو بہ ڏکيائين ۽ تنقيدي پلصراط پار ڪرڻ کان پوءِ ملندو آهي.

خالده نسرين سان خيالن جي ڏي وٺ ۽ گفتگوءَ ڪندي، سائس بہ چار نسبتون جُڙي آيون:

(1) هن جي جنم ڀومي نوابشاهہ شهر آهي، جتي سندس والد محترم علي محمد نوراني، ڊاڪٽر هو ۽ مون بہ نوابشاهہ ضلعي جي هڪ ڳوٺڙي ’پير ڪولاچيءَ‘ ۾ هڪ هاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو هو.

(2) هوءَ بہ سيپٽمبر 1954ع ۾ ڄائي آهي ۽ مون بہ ساڳئي مهيني ۽ سال ۾ جنم ورتو آهي، پر هوءَ مون کان بہ ڏينهن وڏي آهي ۽ ان ناتي هوءَ

منهنجي وڏي ڀيڻ لڳي.

(3) هوءَ به مون وانگر سنڌي سبجيڪٽ ۾ ڪاليج - اُستاد رهي آهي ۽ ھاڻي سال 2014ع ۾ رٽائر ڪيو آهي.

(4) هن به مون وانگر ننڍپڻ کان لکڻ شروع ڪيو آهي. 1973ع ۾ سنڌس پهرين ڪهاڻي ڇپي ۽ 1975ع کان سنڌس شاعري ڇپجڻ لڳي. ان سفر ۾ آئون ڪانئس ڇهه ست سال سينيئر آهيان.

خالده نسرين جي ڇپيل ٻنهي شعري ڪتابن جا مهاڳ ۽ سمهاڳ نامور شاعر امداد حسينيءَ، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ بيدل مسرور لکيا آهن. هڪڙي ڪتاب جي بئڪ تي ڊاڪٽر سحر امداد جو تاثر پڻ آهي، جڏهن هن مون کي پنهنجي شاعريءَ جي ٽئين ڪتاب جو سمهاڳ لکڻ لاءِ ڏنو ته هن ملنسار ۽ وضعدار خاتون شاعر جي هجت آڏو انڪار نه ڪري سگهيس.

شاعريءَ جي ٻيءَ ڪنهن صنف تي لکڻ مون لاءِ ڏکيو نه آهي، پر جڏهن ڳالهه غزل ۽ سا به 'الف - ب وار ديوان' جي اچي ٿي ته مسئلو ڪجهه مشڪل ٿيو پوي.

سادن لفظن ۾ شاعريءَ جي جنهن ڪتاب ۾ سڀ غزل، الف-ب وار قافين ۽ رديفن سان بنهه ترتيب سان ٻيڌل هجن ته ان کي 'ديوان'، چئبو آهي: جيئن ديوان حافظ شيرازي، ديوان مير درد، ديوان گل، ديوان سانگي، ديوان قليچ، ديوان راشد وغيره.

سنڌي غزل جي تاريخ تي مٿاڇري نظر يا طائرانه نگاهه وجهبي ته اسان کي عربي- فارسي علم عروض ۽ وزنن تي شاعري ڪرڻ يعني سنڌي غزل لکڻ جي شروعات ڪلهوڙا دور ۾ 'دبستان ٺٽڙ' جي شاعرن: نور محمد 'خسته' 'عالي' ۽ 'چتن' جي غزلن يا غزلن جي بندن دستياب ٿيڻ جي صورت ۾ معلوم ٿئي ٿي. ان کان پوءِ ٽالپر دور جي ڪن شاعرن جون ڪافيون، غزل جي صورت اختيار ڪندي ملن ٿيون، جن ۾ 'سچل سر مست' جو نالو سرفهرست آهي، جنهن جي هيٺين غزل جي تتبع يا زمين ۾ شيخ اياز به لکيو آهي:

عاشق ڏسڻ ۾ آيو محبوب گل سناسي،
عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسي،

ثابت سچل سچاري، يارن جي يار ياري،
وحدت جنين وساري، تن تن مٿي اٽاسي.
(سچل)

جي تو اجا نہ ڇاتو آ ڪير ديس واسي،
تنهنجو جنم اجايو تنهنجي مٿي اٽاسي.
(اياز)

ليڪن ٽالپر دور جو خليفو گل محمد ’گل‘ هالائي (1808_ 1859) سنڌي ٻوليءَ جو پهريون شاعر آهي، جنهن عروض جي وزنن تي غزلن کي پنهنجن احساسن ۽ جذبن جي اظهار ۽ ترجمانيءَ لاءِ منتخب ڪيو ۽ سنڌيءَ جي پهرئين ’صاحب ديوان شاعر‘ سڏائڻ جو اعزاز حاصل ڪيو: بقول ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ”قدما ۾ خليفو گل پنهنجي دور جو يگانو شاعر هو. هن پنهنجيءَ ڪوشش سان ڇڻ نج سنڌي غزل جو مجسمو تيار ڪيو ۽ ان ۾ ساهہ وڌو. مگر اُهو غزل اڃا ٻارڙو هو ۽ پڻ لباس جي زيب زينت کان محروم هو.“
(ڪليات سانگي: ص 21)

بهرحال اها حقيقت آهي تہ خليفو گُل، سنڌيءَ جو پهريون شاعر آهي، جنهن عربي ۽ فارسي روايت کان ڪنهن حد تائين هٽي، سنڌي الف وار قافين ۽ رديفن تي غزلن جو ديوان ترتيب ڏنو. اها ڳالهہ آهي تہ نج سنڌي قافيا ۽ رديف ڪٿي ڪٿي ڪرختگيءَ ۽ ٻاڙائيءَ جو احساس بہ ڏين ٿا، پر اهو پهريون تجربو هو جنهن جو جوکم، خليفي گل ڪڻڻ جي جسارت ڪئي.

خليفي گل کان پوءِ، سنڌي غزل گو شاعرن ۾، مير عبدالحسين سانگيءَ جي امتيازي حيثيت آهي، ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ: ”سندس عاشقانہ مزاج، وسيع تجربي ۽ بي تڪلفانہ انداز بيان سبب، سنڌي غزل ۾ تازگي، رنگيني ۽ جواني آئي، ۽ محض ذهني مشق ۽ مقال جي بدران سنڌي غزل، دل جي حال ۽ مقامي سنڌي ماحول جو آئينہ دار بڻيو.“ (ڪليات سانگي، ص 13).

سانگي الف- ب وار قافيي/رديفن جي ترتيب سان پنهنجي حياتيءَ ۾ ٽي غزلن جا ديوان تيار ڪيا هئا، جن مان ٻه ديوان 1903ع ۽ 1904ع ۾ لاهور مان ڇپيا هئا.

آءٌ هتي ضروري سمجهان ٿو ته سنڌي الف- ب وار قافين/رديفن جي ترتيب سان ڇپيل ديوانن جي معلوم فهرست هتي درج ڪريان ته جيئن انهن جي روشنيءَ ۾ 'ديوان خالده نسرين' تي لکي سگهان.

سنڌي شاعريءَ ۾ الف- ب وار ديوانَ، هن مهل تائين هيٺيان ڇپجي پڌرا ٿيا آهن:

(1) **ديوان گل:** سنڌي غزلن جو الف- بي وار پهريون ديوان، خليفي گل محمد 'گل' هالائيءَ (1808- 1859ع) جو آهي، جيڪو ممبئيءَ جي ليٿو پريس مان 1858ع ۾ ڇپيو هو ان جو ٻيو ڇاپو 1933ع ۾ شايع ٿيو ۽ ٽيون ڇاپو 1956ع ڌاري ڇپيو.

(2) **ديوان فاضل:**سيد محمد فاضل شاهه 'فاضل' (1836-1900ع) جي اَلف- ب وار غزلن جو ديوان، 1873ع ۾، ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽيءَ ڇاپيو هو جنهن جو ٻيو ڇاپو سنڌي مسلم سوسائٽيءَ 1937ع ۾ ڇپيو ۽ ان جو منتخب ايڊيشن، ڊاڪٽر غلام علي الانا ترتيب ڏئي 1964ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ مان ڇپرايو هو ۽ جنهن جو ٻيو ايڊيشن 1982ع ۾ ڇپيو.

(3) **ديوان بلبل:** شمس الدين بلبل (1858-1919ع) جي غزلن جو الف- ب وار ديوان 1891ع ۾ لکجي تيار ٿيو پر سندس زندگيءَ ۾ ڇپجي نه سگهيو اهو ديوان اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ، مولانا غلام محمد گراميءَ جي مقدمي سان 1969ع ۾ شايع ڪيو ۽ اُن جو ٻيو ڇاپو 1982ع ۾ ڇپيو.

(4) **ڏيوان آسو:** هالن جي صوفي شاعر آسومل عرف آسو رام 'آسو' (1854-1941ع) الف- ب وار غزلن جو ديوان 1897ع ۾ لکي پورو ڪيو جيڪو ورهاڱي کان ڪجهه سال اڳ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(5) **ديوان سانگي** (جلد اول): مير عبدالحسين سانگيءَ (1851-

1926ع) سنڌي غزلن جو الف ـ ب وار ديوان 1893ع ۾ لکي پورو ڪيو جيڪو 1903ع ۾ لاهور مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

(6) **ديوان سانگي** (جلد ٻيو): مير عبدالحسين سانگيءَ جي الف ـ ب وار غزلن جو هي ٻيو ديوان 1904ع ۾ لاهور مان ڇپيو.

(7) **ديوان سانگي** (جلد ٽيون) مير عبدالحسين سانگيءَ جي الف ـ ب وار غزلن جو هي ٽيون ديوان 1908ع ۾ لکجي تيار ٿيو پر سندس زندگيءَ ۾ ڇپجي نہ سگهيو جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 'ڪليات سانگي' ۾ ٻئي ڪلام سان گڏ، سنڌي ادبي بورڊ مان 1969ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

(8) **ديوان خاڪي**: ديوان ليلارام وطن مل خاڪيءَ (1867ـ 1941ع) جي الف وار غزلن جو هي ديوان، 1921ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(9) **ديوان واصف**: محمد بخش 'واصف' (1892ـ1959ع) جي الف ـ ب وار غزلن جو هي ديوان، پبلشر پوڪرداس ٿانور داس شڪارپور مان 1922ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو جنهن جو ٻيو ڇاپو 1955ع ۾ ڇپيو.

(10) **ديوان 'نجفي'**: فقير هدايت علي 'نجفي' (1894ـ1939ع) جي غزلن جو هي ديوان (الف ب وار) پهريون ڀيرو 1922ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(11) **ديوان حامد**: ٺٽي جي شاعر حاجي حافظ ميمڻ 'حامد' (1832ـ 1897ع) جي غزلن جو الف ـ ب وار ديوان، 'ارمغان حامد' 1926ع ۾ پهريون ڀيرو ميرپورخاص مان ڇپيو جنهن جو ٻيو ڇاپو 1965ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(12) **ديوان قليچ**: مرزا قليچ بيگ: (1855ـ1929) سنڌي الف ـ ب وار غزلن جو ديوان، 1928ع ۾، پنهنجي وفات کان هڪ سال اڳ ترتيب ڏنو هو. جيڪو سندس لائق فرزند، اجمل بيگ، 'اجمل' مرزا جي طويل مقدمي سان، سنڌي ادبي بورڊ 1956ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو.

(13) **ديوان احسن**: دادوءَ جي اُستاد شاعر، حافظ محمد احسن چنا (1900ـ1986ع) جي الف ـ ب وار غزلن جو ديوان، 1933ع ۾ ڪنڍ مل لاڙڪاڻي مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو جنهن جو ديباچو جمعي خان غريب، ۽ تقريظ محمد بخش 'واصف' لکي هئي.

(14) **ديوان قاسم:** هالن پراڻن جي خليفي محمد قاسم 'قاسم' (1806_1881ع) جي الف_ ب وار غزلن جو ديوان، مرزا قليچ بيگ ترتيب ڏنو هو جيڪو مرزا صاحب جي فرزند افضل بيگ 1938ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

(15) **ڪليات عزيز:** ليکراج ڪشنچند 'عزيز' (1817_1971ع) جي 1938ع ۾ حيدرآباد مان ڇپيل هن ڪليات ۾ سندس الف_ ب وار غزلن جو ديوان به شامل آهي.

(16) **ديوان قادري:** فقير علي محمد قادري لاڙڪاڻويءَ (1856_1940ع) جي غزلن جو الف_ ب وار ديوان 1939ع ۾ شايع ٿيو جنهن جو ٻيو ڇاپو 'قلم قبيلي لاڙڪاڻي' پاران 2005ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(17) **ڪليات مسافر:** ماستر محمد صديق 'مسافر' (1879_1961ع) جو ڪليات 1942ع ۾ ڇپيو جنهن ۾ سندس الف_ ب وار غزلن جو ديوان به شامل آهي.

(18) **ديوان حافظ:** حافظ محمد حيات شاه 'حافظ' (1885_1955ع) جو الف ب وار غزليه ديوان، آزاد بوڪ ڊپو حيدرآباد، 1950ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

(19) **نالئه دل عرف ديوان مجروح:** عزيز الله ابڙي مجروح، (1928_1962) جو الف_ ب وار غزليه ديوان، 1955ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(20) **ديوان 'انجم':** هالن جي بزرگ شاعر الحاج آخوند عبدالرحمان 'انجم' (1902_1975ع) جي الف ب وار غزلن جو ديوان، حافظ حاجي فيض محمد نواب شاهيءَ، 1957ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو جنهن جو پيش لفظ ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل' لکيو هو.

(21) **ديوان اڪبر:** علي اڪبر درازيءَ (1895_1981) جي الف_ ب.وار غزلن جو ديوان، 1958ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(22) **محشرِ خيال:** سيد اظهر گيلاني 'اظهر' (1915_2006ع) جو الف_ ب وار غزليه ديوان 1960ع ۾ قصرالادب گهوٽڪيءَ پاران ڇپجي پڌرو ٿيو.

(23) **ديوان فدا:** مهراڻ خان بجاراڻي 'فدا' (1936_2012) جي

الف۔ ب وار غزلن جو ديوان، 1962ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(24) رعد اظهر: سيد اظهر شاهہ گيلاني (1915۔ 2006ع) جي الف۔ ب وار غزلن جو ديوان 'رعد اظهر' جي عنوان سان 1965ع ۾ قصرالادب گهوٽڪيءَ پاران ڇپجي پڌرو ٿيو.

(25) ديوان سامر: ا. ح. سامر جتوئي سنگهاٽي لاڙڪاڻي (1903۔ 1988ع) جي الف۔ ب وار غزلن جو ديوان 1966ع ۾ اڪبر آشرم پبليڪيشن لاڙڪاڻي ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن جو مقدمو سيد اظهر گيلانيءَ لکيو آهي.

(26) ديوان جتوئي (نعتيہ ديوان): مولوي غلام رسول جتوئيءَ (1897۔ 1957ع) جو هي الف۔ ب وار نعتيہ ديوان 1966ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(27) ديوان قمر: الحاج رحيم بخش 'قمر' نوابشاهيءَ (1938۔ 1990ع) جو الف۔ ب وار غزليہ ديوان، امين ڪتاب گهر شاهي بازار حيدرآباد، 1967ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

(28) ديوان احمد: عوامي شاعر مولانا حاجي احمد ملاح (1877۔ 1969ع) جي غزلن جو ديوان، 1974ع ۾ مولوي عبدالله جوٽيجي بدين واري ڇپائي پڌرو ڪيو جنهن جي تقريظ مولانا غلام محمد گراميءَ لکي هئي.

(29) ديوان ساغر: هي الف۔ ب وار غزلن جو ديوان، مولابخش 'سانگي' (جنم 1924ع)جو 1974ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(30) ديوان 'اثر' (نعتيہ ديوان): هي الف۔ ب وار نعتيہ ديوان، مولوي عبدالله 'اثر' چانڊيي (1920۔1976ع) جو 1981ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(31) فخرِ دبستان (نعتيہ ديوان): سيد اظهر گيلاني (1915۔2006ع) جو هي الف۔ ب وار نعتيہ ديوان، قصرالادب گهوٽڪيءَ پاران 1981ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(32) ديوان طالب المولىٰ: مخدوم طالب المولىٰ (1919۔1993ع) جي الف۔ ب وار غزلن جو هي ديوان سروري پبليڪيشن هالا 1982ع ۾ ڇپيو ۽ ان جو ٻيو ڇاپو طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا 2010ع ۾ ڇپيو.

(33) **ديوان فر فر (مزاحيہ ديوان):** هي مزاحيہ غزلن جو الف۔ ب وار ديوان، سيد اظهر شاھہ گيلانيءَ (1915۔ 2006ع)، قصر الادب گهوٽڪيءَ پاران 1982ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

(34) **بياضِ بينظير:** هي الف۔ ب وار غزلن جو ديوان، سيد اظهر گيلانيءَ (1915۔2006ع) جو قصر الادب گهوٽڪيءَ، 1985ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو.

(35) **حديثِ حسن:** سيد اظهر گيلانيءَ (1915۔2006) جي الف۔ ب وار غزلن جو هي ديوان، قصر الادب گهوٽڪيءَ، 1986ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو.

(35) **ديوان شوق:** رحمت الله 'شوق' (1926۔2007ع) جي الف۔ ب وار غزلن جو هي ديوان، 1998ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(36) **ديوان تارڪ:** فقير هدايت علي نجفي، 'تارڪ'(1894۔ 1939ع) جو هي ديوان نجفيءَ جو وڏايل سڏاريل الف۔ ب وار غزلن جو ديوان، ڊاڪٽر نواز علي شوق ترتيب ڏئي، سنڌي ادبي بورڊ کان 1989ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

(37) **سرور عالم (نعتيہ ديوان):** هي الف۔ ب وار نعتيہ ديوان گل محمد شاھہ بخاري شهدادڪوٽيءَ جو 1991ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(38) **سبحان جي ساراھہ (حمديہ ديوان):** هي الف۔ ب وار حمديہ ديوان، گل محمد شاھہ بخاريءَ جو 1993ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(39) **ديوان شانِ رسول (نعتيہ ديوان):** گل حسن 'شاد' گوپانگ (جنم: 1933) جو هي الف۔ ب وار نعتيہ ديوان، 1993ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(40) **ديوان ثناءِ رسول (نعتيہ ديوان):** هي الف۔ ب وار نعتيہ ديوان، رحمت الله 'شوق' جو 1993ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(41) **ڪلام بشير:** ماستر قادر بخش 'بشير' (1896۔1953ع) جي ڪلام جو هي ڪتاب، ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ ترتيب ڏئي، سنڌي ادبي بورڊ کان 1994ع ۾ ڇپايو جنهن ۾ قادر بخش 'بشير' جي غزلن جو الف۔ب وار ديوان بہ شامل آهي.

(42) **محسن اعظم (نعتيہ ديوان):** مولوي علي بخش جماليءَ (1912ع_1997ع) جو الف_ ب وار نعتيہ ديوان، 1994ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(43) **ديوان گل بخاري:** سيد گل محمد شاھہ بخاريءَ (جنم: 1960ع) جي الف_ ب وار غزلن جو هي ديوان، 1995ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(44) **ديوان شاد:** گل حسن 'شاد' گوپانگ (جنم: 1933) جو الف_ ب وار غزلن جو ديوان، 1996ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(45) **والي واحد وحده (حمديہ ديوان):** هي الف_ ب وار حمديہ غزلن جو ديوان، عبدالجبار 'عابد' لغاريءَ (1944_2020ع) جو رهبر يونائيٽڊ پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 1997ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(46) **آبِ ڪوثر: (نعتيہ ديوان):** هي الف_ ب وار نعتيہ ديوان، گل محمد شاھہ بخاريءَ جو 1997ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو.

(47) **ڪلام رشيد:** رشيد احمد لاشاري (1922_1970ع) جي سنڌي شاعريءَ جو هي ڪتاب سندس فرزند، رشيد اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران 1998ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن جو وڏو حصو الف_ ب وار غزلن جي ديوان تي مشتمل آهي، جڏهن تہ ٻئي حصي ۾ شاعريءَ جون ٻيون صنفون شامل آهن. ديوان رشيد جو تفصيلي مهاڳ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ لکيو آهي.

(48) **ديوان اسير:** قريشي علي اڪبر 'اسير' جنم: (1958ع) جو الف_ ب وار غزلن جو هي ديوان، قصبر الادب گهوٽڪيءَ 1998ع ۾ ڇپيو آهي.

(49) **سچو سرور دو عالم (نعتيہ ديوان):** ڊاڪٽر عبدالجبار 'عابد' لغاريءَ جي نعتيہ غزلن جو هي ديوان، مڪتبہ اصلاح و تبليغ، حيدرآباد، 1999ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

(50) **ديوان مرتضائي:** سيد غلام مرتضيٰ مرتضائي، ٺٽويءَ (1844ع_1910ع) جي غزلن جو الف_ ب وار ديوان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري پاران 2002ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

(51) **سنڌي سڪ پرين (نعتيہ ديوان):** مولانا دين محمد 'اڪرم' پورڙائيءَ (1936_2009ع) جو هي نعتيہ ديوان، امام بخش اڪيڊمي

ڪوٽڙيءَ 2003ع ۾ ڇپي پڌرو ڪيو.

(52) **جيڏو تنهنجو نانءُ (حمديه ديوان):** حڪيم دين محمد اڪرم ٻورڙائيءَ (1936_2009ع) جو هي الف_ ب وار حمديه ديوان، امام بخش اڪيڊمي ڪوٽڙيءَ 2004ع ۾ ڇپايو آهي.

(53) **سچڻ نت سوجهرا (منقبت ديوان):** حڪيم مولانا دين محمد اڪرمَ ٻورڙائي (1936_2009ع) جو هي الف_ ب وار منقبتن تي مشتمل ديوان، امام بخش اڪيڊمي ڪوٽڙيءَ ڇپي پڌرو ڪيو آهي.

(54) **ديوان راشد:** سنڌ جي قومي ۽ مزاحمتي شاعر راشد مورائي (1940_2014ع) جي الف_ ب وار غزلن جو هي ديوان، سچل پبليڪيشن حيدرآباد 2005ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن جو ٻيو ڇاپو 2013ع ۾ سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد ڇپايو آهي.

(55) **ديوان رياضت:** نوجوان شاعر رياضت ٻرڙي (جنم: 1971ع) جي الف_ ب وار غزلن جو هي ديوان، 2005ع ۾ محبت اڪيڊمي قمبر ڇپرايو آهي.

(56) **نائي نيڻ نمار:** حڪيم دين محمد 'اڪرم' ٻورڙائي (1936_ 2009ع) جي الف_ ب وار غزلن جو هي ديوان، امام بخش اڪيڊمي ڪوٽڙيءَ 2006ع ۾ ڇپايو آهي.

(57) **ديوان سرشار:** الهه بخش سرشار عقيلي سروريءَ جو قلمي ديوان سنڌي ادبي بورڊ وٽ موجود هو جنهن جو منتخب حصو دين محمد ٻرڙي جي مهاڳ سان سنڌي ادبي بورڊ 2006ع ۾ ڇپايو آهي.

(58) **ديوان پير:** بزرگ شاعر پير غلام جيلاني نورائيءَ (1945_ 2017ع) جي سنڌي غزلن جو الف_ ب وار ديوان، 2006ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

(59) **حديثِ عشق:** علي اڪبر 'اسير' قريشي (جنم: 1958ع) جي الف_ ب وار عشقيه غزلن جو ديوان، علامه تارڪ اڪيڊمي، لالورانڪ، ضلعي لاڙڪاڻي پاران 2010ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

(60) **ديوان قاضي:** قاضي عبدالرحمان هاليپوٽي (جنم: 1943ع) جي

غزلن جو الف- ب وار ديوان، خليفي محمد عمر جوٽيجي ميموريل ڪميٽي عمرڪوٽ 2011ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

(61) **ديوان طالب:** ڪاڇي جي عوامي شاعر محمد علي ’طالب‘ لغاري (1922_2015) جي غزلن جو هي الف- ب وار ديوان، تاج جويي جي مهاڳ سان، الهام ادبي اڪيڊمي، ٺري ميرواهه 2012ع ۾ ڇپايو آهي.

(62) **ديوان بهرام:** بهرام زرداريءَ نوابشاهه واري (1955_2013ع) جي غزلن جو الف- ب وار هي ديوان، ساهتي اڪيڊمي نوابشاهه 2013ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، جنهن جو مهاڳ مير محمد پيرزادي جو لکيل آهي.

(63) **ديوان فقير:** ميان غلام سرور ’فقير‘ قادري (1886_ 1936ع) جي غزلن جو هي الف- ب وار ديوان، مرزا فتح علي بيگ ’شاهد‘ ترتيب ڏنو آهي، جيڪو 2013ع ۾ ثقافت کاتي حڪومت سنڌ ڇپايو آهي.

(64) **ديوان زيب:** نواب گل محمد خان ’زيب‘ مگسي (1883_ 1953ع) جي الف- ب وار غزلن جو ديوان، ڪامريڊ ولي محمد مگھار شهدادڪوٽيءَ ترتيب ڏئي، پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچيءَ پاران 2014ع ۾ ڇپرايو آهي.

(65) **ديوان دادن:** عوامي شاعر دادن فقير جويي سوناري (1906_ 1979ع) جي الف- ب وار عشقيه غزلن جو هي ديوان، حڪيم اعجاز حسين چانڊيي ترتيب ڏئي، روشني پبليڪيشن ڪنڊياري کان 2014ع ۾ ڇپايو آهي، پر هن اڻچاٽائيءَ ۾ ڪجهه ڪافيون به جيڪي غزل جي فارم ۾ نه آهن، ديوان ۾ شامل ڪيون آهن.

(66) **ڪليات زيب:** نواب علي ’زيب‘ سومري (1941_1987ع) جي شاعريءَ جو هي ڪليات، ساجد سومريءَ ترتيب ڏئي پوپٽ پبليڪيشن خيرپور ميرس پاران 2014ع ۾ ڇپرايو آهي، جنهن ۾ هي شاعريءَ سان گڏ الف- ب وار غزلن جو ديوان پڻ شامل آهي.

(67) **ديوان نرمل:** واسديو نرمل (1936_2020ع) جي الف- ب وار غزلن جو هي ديوان، وينا پبليڪيشن الهاس نگر پاران 2014ع ۾ ڇپائي

پڌرو ڪيو ويو.

(68) ديوان عرشي: حڪيم سومري غلام محمد ’عرشي‘ (1904_2003ع) جي الف_ ب وار غزلن جو هي ’ديوان عرشي‘، پروفيسر اصغر پريائي ڀٽيءَ نہ رڳو ترتيب ڏئي، عرشي پبليڪيشن پريا پاران 2019ع ۾ ڇپرايو آهي، پر اُن جو تفصيلي مقدمو بہ لکيو آهي.

(69) ديوان معمور: محمد عمر ’معمور يوسفاڻيءَ (1939_1993ع) جي الف_ ب وار غزلن جو هي ديوان، ڊاڪٽر اسد جمال ترتيب ڏئي، سنڌي ادبي بورڊ پاران 2020ع ۾ ڇپايو آهي.

تي سگهي ٿو سنڌي غزلن جا ٻيا بہ ڪي ديوان ڇپيا هجن، پر مون کي مٿي ڄاڻايل داستان معلوم ٿي سگهيا آهن. جيڪو بہ هڪ وڏو تعداد آهي. ان کان سواءِ ڪيترا قلمي ديوان اڃا ڇپجي نہ سگهيا آهن. جن جو بہ معلوم تفصيل هتي ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو:

(1) **ديوان عاجز** (آخوند فقير محمد ’عاجز‘: 1846_1918ع)
(2) **ديوان عاقل** (مولوي محمد عاقل ’عاقل‘: 1851_1961ع)
(3) **ديوان شاڪر** (محمد شاڪر ’شاڪر‘: 1853_1933ع)
(4) **ديوان مخلص** (محمد هاشم ’مخلص‘: 1860_1956ع)
(5) **ديوان دوست** (دوست محمد ’دوست‘ مرزا: 1860_1920ع)
(6) **ديوان ٻيدل بيگ** (مرزا ٻيدل بيگ ’ٻيدل‘: 1862_1905ع)
(7) **ديوان مجروح** (لعلچند عرف لعل محمد ’مجروح‘: 1884_1942ع)
(8) **ديوان فدوي** (سيد امام بخش ’فدوي‘ : 1886_......)
(9) **ديوان نادر بيگ** (مرزا نادر بيگ: 1891_ 1940ع)

نوٽ: نادر بيگ مرزا، پنهنجو ديوان 1937ع ۾ ترتيب ڏنو هو. جيڪو پونيرن وٽ موجود آهي.

(10) **تحفہ سنڌ/ ديوان زيب** گل محمد زيب مگسي: (1883_1954ع)
(11) **ديوان ثنائي** (ثناءُ الله ثنائي: 1895_1976ع)
(12) **ديوان طالب** (محمد صديق ’طالب‘: 1903_1969ع)

(13) ديوان بدوي (لطف الله بدوي: 1904_1968ع)
(14) ديوان اجمل (مرزا اجمل بيگ 'اجمل': 1921_1984ع)
(15) ديوان عباس (مرزا عباس علي بيگ 'عباس' (1924_1999ع)
(16) ديوان سليم (الهہ رکيو 'سليم' ڳاڙهوي: 1925_1987ع)
(17) ديوان ضيا خياروي (ضياءَ خياروي نوابشاهہ: 1926_1994ع)
(18) ديوان سڪندر بيگ (مرزا سڪندر بيگ: 1940_2012ع)

ڪجهہ شاعريءَ جا ڪتاب، جهڙوڪ: ديوان صورت بهار (1935ع)، ديوان بيدل (1954ع)، ديوان بيڪس، ديوان مفتون (1973ع) وغيره پڻ 'ديوان' عنوان سان ڇپيا آهن، پر اُهي ديوان نہ آهن. اهي اصل ۾ ڪليات يا بياض آهن، جن ۾ ڪافيون، بيت ۽ ٻيون صنفون شامل آهن.

اهڙيءَ ريت 68 ڇاپي ۽ 18 قلمي ديوان، سنڌي شاعريءَ جا نظر مان ڪڍجن ٿا تہ اُنهن مان تمام وڏو انگ عروضي روايتي شاعرن جو آهي، جن جا اڪثر ديوان، شاعريءَ جي روايتي موضوعن تي آڌارت آهن، ۽ اُنهن تي پراڻ پڻو غالب نظر اچي ٿو. تي حمديہ، نوَ نعتيہ، هڪ منقبت ۽ هڪ مزاحيہ ديوان کان سواءِ چار پنج ديوان اهڙن عوامي ۽ لوڪ شاعرن جا آهن، جن جي عام شاعري بيتن، ڪافين، ۽ نظمن، مداحن وغيره جي هوندي آهي، پر اُنهن مشاعرن وغيره ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ عروضي شاعرن سان صحبت ۽ واسطي ۾ هئڻ ڪري الف ب وار غزل لکي ديوان ترتيب ڏنا آهن. جن جا غزل، مسلسل غزل يا نظم جي اثر هيٺ سرجيل آهن. ديوان گل کان وٺي ديوان معمور تائين باقي ديوانن جو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ اڪثر ديوان عروضي روايت جا پاسدار ۽ فارسي ۽ اردو غزلن ۾ ڪم ايندڙ اصطلاحن، استعارن، ڪناين ۽ لوازمات، جي دائري ۾ اچن ٿا، پوءِ بہ گل جي غزلن ۾ ايراني ماحول جي جاءِ تي سنڌي ماحول، اصطلاح، ترڪيبون، پهاڪا، تشبيهون وڌيڪ نظر اچن ٿا، ڪٿي اهي غزل نظم کي ويجها آهن تہ ڪٿي ٻسا، ڪرخت ۽ ڏکين قافين ۽ رديفن جي ڏيڻ ۽ دائري ۾ گهيريل نظر اچن ٿا. خليفي گل کان پوءِ سانگي اهو شاعر آهي، جنهن جي غزلن ۾ ايراني غزل وارا سمورا لوازمات، اصطلاح ۽ رنگ

موجود آهن. جيئن:

اي سهڻا سيم تن ساقي! ڀري ڏي پرت مان پيالا،
مئي احمر دوسالو پي ٿيون مخمورُ متوالا.

حضرت عشق کي سلام ڪيم،
بُتِ ڪافر کي رام رام ڪيم.

موسمِ گل ۾ هر ڪو ساغرنوش،
رهي حاضر به بزمِ باده فروش.

پر هن جي غزل ۾ سنڌي ماحول، تازگي ۽ جواني به ڪٿي ڪٿي جهلڪا ڏئي ٿي، جيڪا سندس جدت طراز طبيعت جي نشاندهي ڪري ٿي:

جي سهڻو پاڻ سڏائي ويا، البيليون اکيون اٽڪائي ويا،
چپ چاشنيدار چڪائي ويا، سُتِي سورن کي ته جڳائي ويا.

روح راضي ڪجي نه ڪجي،
عشق بازي ڪجي نه ڪجي،
جي حقيقي نه عشق ٿئي حاصل،
ته مجازي ڪجي، نه ڪجي!

سانگيءَ جا هي ٻئي غزل ايڏا ته دلپذير هئا، جو شيخ اياز اُنهن غزلن جي زمين، تتبع توڙي ترڪيبون پنهنجن غزلن ۾ ڪم آنديون آهن:

جي پنهنجو نُور نچوئي ويا، ۽ تنهنجي جوت جلائي ويا،
سي لُڙڪ مٽيءَ ۾ لوئي ويا، پر ڇا ڇا موتي پائي ويا!

وري عشق بازي، اڙي دل، اڙي دل!
اُئين ئي مجازي، اڙي دل، اڙي دل!
(اياز)

سنڌي شاعريءَ جا بنيادي دور چار رهيا آهن: لوڪ شاعري، ڪلاسيڪي شاعري، روايتي عروضي شاعري ۽ جديد شاعري. قديم لوڪ

شاعريءَ جو تسلسل اڄ بہ سگهڙ شاعرن وٽ موجود آهي، ڪلاسيڪي شاعريءَ جون خاص صنفون بيت، وائي، ڪافي ۽ گيت آهن. جن مان ڪافي اسان ڪي ڪلاسيڪي شاعرن کانپوءِ روايتي عروضي شاعرن ۽ جديد شاعرن مان گهڻ شاعرن وٽ ملي ٿي. پوءِ بہ ڪافيءَ جي اهم شاعرن ۾ طالب المولىٰ، عارف المولىٰ، عبدالڪريم پلي، بردي سنڌي، استاد بخاري، مير عبدالرسول مير، سوز هالائي ۽ مرتضىٰ ڏاڏاهي شمار ٿين ٿا. جڏهن تہ عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني، شمشير الحيدري، امداد حسيني، راشد مورائي ۽ ٻين جديد شاعرن ڪي ڳاڻ ڳڻيون ڪافيون چيون آهن. جڏهن تہ بيت طرف عروضي روايتي شاعرن مان محمد خان غني، طالب المولىٰ، احمد خان آصف، لطف الله بدوي، حافظ احسن چنا، معمور يوسفاڻي ۽ ڪجھ ٻين ڌيان ڏنو آهي، پر جديد سنڌي شاعرن شيخ اياز کان وٺي وسيم سومري تائين بيت ۾ وڏو انقلاب آندو آهي.

جيستائين غزل جي صنف جو تعلق آهي تہ اُن تي روايتي عروضي شاعرن فارسي ۽ اردو شاعريءَ جي تقليد ۾ زمين ۽ ماحول بہ اڪثر ساڳيو ڪنيو آهي، ان ڪري غزل جا وڏ ۾ وڏ ديوان اُنهن شاعرن سرجيا آهن. هتي هڪ ڳالھ واضح ڪندو هلان تہ جڏهن آءٌ 'روايتي عروضي شاعريءَ جو فقرو استعمال ڪريان ٿو تہ اُن مان منهنجو مقصد عروضي روايت وارا شاعر آهن. جن ۾ خليفي گل، سانگي، قليچ، حامد، حافظ نجفي، مرتضائيءَ ۽ طالب المولىٰ جهڙا قادر الڪلام شاعر بہ اچي وڃن ٿا. تہ دبستان ٺڪڙ ۽ 'دبستان' سروريءَ جا اهم شاعر دلگير، مخلص، شبير هاتف، احسن الهاشمي وغيره بہ اچي وڃن ٿا. اهڙيءَ ريت جديد شاعريءَ جي بانين تي نظر وجهجي ٿي تہ شيخ اياز هري دلگير، نارائڻ شيام، نياز همايوني، ارجن حاسد، ايم. ڪمل، شمشير، تنوير، اُستاد، امداد، واسديو موهي، وفا.پلي، وفا ناٿن شاهي، ارشد، راشد کان وٺي اياز گل، رڪيل مورائي، ادل سومري، اقبال رند، احمد سولنگي روبينا ابڙو ۽ ٻنھ نوجوان شاعرن تائين وڏي انگ ۾ غزل لکيو ويو آهي، پر اُنهن سمورن غزل جو ماحول، استعارا، اصطلاح، زمين، موضوع ۽ مواد تبديل

ڪري ڇڏيو آهي. ايئن ڇڻ تہ جديد شاعرن عروضي روايت واري غزل کان ڇڻ تہ انحراف ڪري, 'نئين غزل' جي نئين راهہ اختيار ڪئي آهي, جنهن ڪري انهن 'غزل جا ديوان' ترتيب ڏيڻ طرف اٿي ۾ لوڻ برابر توجهہ ڏنو آهي, ڇو تہ ديوان يعني الف۔ ب وار قافيي ۽ رديف وار غزل لکڻ لاءِ شعوري ڪوشش ڪرڻي پوي ٿي, جنهن ڪري غزل جو خيال مجروح ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي. ان شعوري ڪوشش ذريعي الف۔ ب وارا غزل سرجڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي, ان ڪري ئي جديد ترقي پسند شاعرن غزل تہ لکيا آهن, پر الف۔ ب وار ديوان ۽ طرحي غزلن سرجڻ طرف ڪو خاص ڌيان نہ ڏنو آهي, بلڪ هن ڪتابي صنف تي طبع آزمائي ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي, الف۔ ب وار قافين/رديفن جي اٽائي نوعيت ۽ ترتيب سان ديوانن وار غزل گهڻو ڪري رڪا ۽ خشڪ لڳندا آهن, جنهن ۾ 'آمد' گهٽ ۽ 'آورد' وڌيڪ هوندي آهي ۽ خيال جي سرجاءَ ۾ بہ ڪوشش جو عمل دخل هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو مٿي ڏنل ديوانن جي فهرست ۾ جديد ترقي پسند شاعرن جا صرف بہ ديوان نظر اچن ٿا, 'ديوان راشد', 'ديوان رياضت' ۽ ٽيون ڪو جديد شاعريءَ جو غزليہ ديوان آهي تہ اهو پڻ خالده نسرين جو 'ديوان خالده نسرين' آهي.

غزل ۽ خاص ڪري غزلن جي ديوانن جي روايت فارسي ۽ اردو شاعريءَ ۾ غالب رهي آهي. اُن جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ ۾ غزل لکڻ ايڏو آسان نہ آهي. امداد حسينيءَ لکيو آهي تہ:

"سنڌيءَ ۾ هر لفظ جو پڇاڙڪو اکر متحرڪ هوندو آهي, ان تي زبر, زير ۽ پيش جي اعراب هوندي آهي. ائين نہ رڳو تذڪير ۽ تانيث جو تعين ٿيندو آهي, پر جيڪڏهن اهو لفظ قافيو ٿي ڪتب اچي ٿو تہ پوءِ اعراب جي حساب سان ئي ٻيا قافيا اچڻ گهرجن." (نَائي نيڻ نمار." مهاڳ, امداد حسيني)

ان ڪانسواءِ شاعر, سو بہ غزل جي شاعرَ لاءِ صرف عروض جي ڄاڻ ئي ڪافي نہ آهي, ان ڏس ۾ قادر الڪلام شاعر, مرزا قليچ بيگ, 'ديوان قليچ' ۾ لکي ٿو تہ:

"صرف عروض جو ماهر, شاعر ٿي نہ ٿو سگهي. شاعر ۽ غير شاعر ۾ اها ئي شيءِ مايہ الامتياز آهي تہ شاعر معانيءَ جو خيال پيش ڪري ٿو ۽ غير

شاعر جي نزديڪ فقط قافيہ پيمائي ۽ الفاظ نوردي شاعريءَ جو معراج آهي،“
(ديوان قليچ: ص 20)

شاعريءَ ۾ ’آمد‘ کي ’آورد‘ کان وڌيڪ اهميت هوندي آهي، ان ڪري ئي مرزا اجمل بيگ، حقيقت بيانيءَ کان ڪم وٺندي، ديوان قليچ جي مقدمي ۾ لکيو آهي تہ:

”قليچ ’آمد‘ کي اڪثر پيش نظر رکيو آهي، البت ڪٿي ڪٿي خصوصاً سنڌي ٺيٺ رديفن ۾ ’قافيہ پيمائي‘ ۽ ’آورد‘ جو شائبو ضرور پيدا ٿئي ٿو، ڇا لاءِ جو اهي غزل خاص الخاص اُنهن ٺيٺ سنڌي رديفن جي پورائيءَ جي مراد سان لکيا ويا.“ (ص 47، مقدمو: ديوان قليچ، 1956ع)

’آمد‘ ۽ ’آورد‘ جو مسئلو ئي جديد ۽ ترقي پسند شاعرن کي هن ڪتابي صنف ’ديوان‘ تي طبع آزمائي ڪرڻ کان مانع رهيو آهي.

خالده نسرين جي غزلن جي ديوان تي لکڻ کان اڳ آءٌ چاهيان ٿو تہ ’ديوان راشد‘ تي ٿوري روشني وجهان، راشد مورائي، منهنجو شاعريءَ ۾ اُستاد رهيو آهي، اُن ڪري سندس ديوان تي پنهنجي راءِ کي پاسيرو رکي، ڪتاب جي مهاڳ لکندڙ عالم شخص، پروفيسر اصغر پٺي پريائيءَ جي راءِ ڏيڻ تي اڪتفا ڪريان ٿو. هو لکي ٿو تہ:

”روشن خيال (ترقي پسند) ادبي لاڏي ’ديوان‘ جي ترتيب تي ڌيان نہ ڏنو آهي. سائين راشد مورائي صاحب اُن چئلينج کي نہ صرف للڪاريو آهي، بلڪ عبرت جي حد تائين ديوان ۾ اٽانگن رديفن ۽ اوکن وزنن تي مبني اهڙا تہ خوبصورت غزل تخليق ڪيا آهن، جن ۾ احساسن جا لطيف اظهار دل جي پرپور اُڇل سان متحرڪ وجود رکن ٿا. ديوان راشد جو مطالعو زندگيءَ جي فڪر جي وسعت ۽ فن جي همہ گير نوعيت ۾ ’ديوان راشد‘ سنڌي عروضي شاعريءَ جو هڪ جامع نمونو آهي. تمام وزنن جا سبب، وتد ۽ خفيف رڪن، پنهنجي مضبوط ساڪن ۽ متحرڪ آوازن ۾ سالم، غير سالم، مقصور ۽ محذوف ڪيفيتن سان اهڙا تہ خوبصورت نپايل آهن، جو وزن ۽ خيال ۾ مڪمل هم آهنگي پيدا ٿي پئي آهي.“ (ديوان راشد، ص 13، 2005ع)

راشد. ديوان الف ـ ب جي 52 اکرن سان گڏوگڏ 'ڙهہ'، 'لهہ' ۽ 'نہ' جي مُرکب اُچارن وارن قافين رديفن وارا غزل بہ ڏاڍا خوبصورت لکيا آهن. هڪ هڪ مثال عرض رکان ٿو:

پرائي تي پختو گهٽو علم پڙهہ،
پڙهڻ سان پيارا، چڱو ٿئي تہ ڪڙهہ.

آءُ ڪيان ٿو اُتندي وهندي، انساني قدرن جي ڳالهہ،
تو وٽ آهي وحشي ماڻهو حيواني جذبن جي ڳالهہ.

اڻ هيريا هيراءِ نہ، هَيريل وري ڦيراءِ نہ،
شوخ! لاغرضي ڪري محبت منهنجي ٺڪراءِ نہ.

'ن' غُني واري هڪ خوبصورت غزل جو مطالعو بہ ڏجي ٿو:

تو پچاڻان تنگ ڪن ٽيون، ساهہ ڪي ساروٽيون،
خير جو خط موڪلي، ڏي هانوَ ڪي ڪي ٽوٽيون.

نوجوان اُڀرندڙ جديد شاعر رياضت برڙي جو 'ديوان رياضت' بہ هڪ اهم ديوان آهي، جنهن تي سينيئر شاعر سرمد چانديي جو مهاڳ پڙهڻ جهڙو آهي. رياضت برڙي "ہِ" رديف کي اُچار جي حوالي سان "ن" ۾ شمار ڪيو آهي، هي ديوان مختلف بحرن جي وزنن تي رچيل آهي. ہ مثال پيش ڪريان ٿو:

آءُ! جوڙيون حيات جو قالب،
هڪ نئين ڪائنات جو قالبُ.
اُداس رُت جا نہ خوابَ لهندسُ،
جذهن بہ لهندس، گلابَ لهندس!

هاڻي اچان ٿو 'ديوان خالده نسرين' تي. خالده نسرين اُها پهرين عورت شاعر آهي، جنهن جو سنڌي الف ـ ب جي 52 اکرن تي مشتمل هيءُ غزلن جو ديوان ڇپيو آهي. خالده روايتي عروضي شاعرِ نہ آهي، هن جديد

روشن خيال شاعرہ 1975ع کان 2020ع تائين جيڪا شاعري ڪئي، اها ٻن مجموعن ۾ ڇپائي چڪي آهي، جنهن ۾ نظم، آزاد نظم، نثري نظم، دوها، گيت، وايون، بيت ۽ غزل شامل آهن. هن جا ٻنهي ڪتابن ۾ 48 غزل ڇپيل آهن، پر سندس ٻن نظمن ’دور جديد جا شاعر ڏس‘ ۽ ’گنهگار باغي‘ ۾ عروضي پابندين خلاف هن قسم جو ردعمل بہ موجود آهي:

”هن چيو: آزاد شاعري بي ادبي ۽ ساهت جو نقصان آهي، مون چيو: عروضي پابندي وقت جو زيان آهي.“

(’پيڙا جي پاتار ۾‘. ص 174)

مفاعيلن جي چار ۾ قاتل!
تخيل جو پيو دم گهٽجي،
علم عروض جي ڪاتيءَ هيٺان
جُهريل شعر پيا ساهہ کڻن!
بحر وزن جي وايو منڊل ۾،
ڪُسجي مُسجي فطري اُڏما،
بي روح شعر ۽ بي جان غزل،
جذبن جا جن تي قرض رهيل،
قافيي، رديف جي جهنجهٽ ۾ جهڄي،
پيچ گهڙ جي ٽڪسات مان ٽڪجي،
ڪمڙي خوشيءَ ۾ صدين کان
ڪنهن گودام ۾ گم ٿي چپ آهن؟
جدت جي هن کليل فضا ۾،
بغاوت جي هٽ هليل هوا ۾،
گيت، غزل، اُهي بيت ۽ وايون
دوها، ڪافيون، چوسٽا، رباعيون،
جن کي نہ گهرجي،
ڇند وديا ۽ عروض جي گردش،

پدن ۽ ماترائن جي بندش!

(پيڙا جي پاتار ۾ ص 73_172)

ان لکڻ جي باوجود، سندس شاعريءَ ۾ عروض ۽ ماترڪ ڇندن جي پابندي بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. منهنجيءَ نظر ۾ هيءَ عروضي پابنديءَ خلاف خالده نسرين جو رويو اردو نقاد عظمت الله خان جي ڪتاب: 'سُريلي بول' ۾ بيان ڪيل حقيقتن مطابق آهي، جنهن ۾ هن عروضي ڏيڻ ۾ قاتل غزل کان جان ڇڏائي، گيت ۽ نظم جي حمايت ڪئي هئي، ڇو تہ اهو غزل زميني حقيقتن کان ڏور 'قافيہ پيمائي'، 'الفاظ نوردي' ۽ 'آورد' ۾ ڦاسي خيال پکيئڙي کي مجروح ڪري ڇڪو هو.

عروضي پابندين جي اوائلي مخالف خالده نسرين جو هي نئون موڙ غزل سان حَد کان وڌيڪ چاهہ ۽ الف _ ب وار ديوان جو سرجاءُ، واقعي ڇرڪ ڪيائي، حيرت جي واديءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو. اها تبديلي هن ۾ شعري رياض کان پوءِ آئي آهي. هن جڏهن محسوس ڪيو تہ عروضي بحر وزن هن جي سرشت ۾ رچي ويو آهي ۽ اهو 'آورد' کان وڌيڪ 'آمد' جو ساٿ ڏئي ٿو تہ هن جديد شاعرن واري واٽ تي هلي، تخليقي ۽ موضوعاتي نواڻ وارا غزل لکيا. ۽ مصنوعي روايتي عروضي اصطلاحن واريون پابنديون ٽوڙي، ايتري مهارت حاصل ڪري ورتي، جو خيال پنهنجي قالب لاءِ وزن ۽ گهاڙيٽو پاڻ منتخب ڪرڻ لڳو ۽ خالده کي اُن لاءِ وزن ۽ قافين/رديفن جي چونڊ لاءِ 'شعوري ڪوشش' نہ ڪرڻي پئي، ايئن هن 'غزلن جو ديوان' جوڙي ورتو ۽ ڏکيا سنڌي رديف ۽ قافيا ڪمال مهارت سان ڪتب آڻي، پهرين صاحب ديوان خاتون شاعرِ جو اعزاز حاصل ڪري ورتو. سندس لفظن ۾، واقعي ديوان جوڙڻ ڪو ديواني جو خواب نہ هو:

ديواني جو خواب. نہ آ مون لئہ هي 'ديوان' لکڻ،
پورو هي 'نسرين' ڪندي، باقي پوبان جاٽي ڏُج.

'نسرين' واقعي لاجواب ديوان تيار ڪري ورتو آهي، هاڻي اهو نقادن، پارکن، ڇنڊيندڙن ڇڙهيندڙن (ڏُچن) جو ڪم آهي تہ اُن جي تڪ تور ڪن!

خالده نسرين، هر غزل جي مٿان بحر ۽ وزن جو نالو لکي، مرزا قليچ کان پوءِ، نون لکندڙن لاءِ آساني پيدا ڪري ڇڏي آهي. هن ديوان جي غزلن جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ هوءَ عروض جي بحرن ۽ وزنن تي عبور رکي ٿي ۽ هن وٽ غزلن جا مصرع الهام تي لهن ٿا. جيڪا 'آمد' جي علامت آهي:

الهام ٿي جي مصرع، سرجي وڃي غزل ٿو
آ سمنڊ ۾ نديءَ جو جڻ فطري ڇوڙُ مصرع.

ٻيڙي خيال جي ڪا ترندي وڃي 'بحر' ۾
گهٽ وڌ ڪري وزن تون، پنهنجي نہ ٻوڙ مصرع!

دنيا مثال جنهن جو ڏيندي رهي سدائين،
اهڙي ڪا فڪر، فن سان هڪڙي تہ جوڙ مصرع!

خالده نسرين جي غزلن جو جائزو وٺجي ٿو تہ هن جا غزل، فڪر ۽ فن جي سنگم سان، ڏانءَ ۽ اسلوب جي نرالپ، گهري سوچ ۽ پختگيءَ جو مظهر لڳن ٿا. هوءَ ٻوليءَ ۽ لغت تي ملڪو رکي ٿي، گڏوگڏ حالتن، واقعن، مشاهدن ۽ تجربن جو گهرو ادراڪ رکي ٿي، هن جي شاعري ماحول کان نہ رڳو متاثر آهي، پر سندس لفظن ۾:

"منهنجي شاعريءَ جو منظرنامو پنهنجي آسپاس ٿيندڙ واقعن ۽ حادثن تي آڌاريل آهي. جڏهن منهنجي ڏات، ذات جي خول مان نڪري، ڪائناتي غم کي محسوس ڪيو ۽ هر پاسي وکريل سماجي اڻ برابري، ظلم ۽ انياءَ کي ڏٺو ۽ ڀڏو، تنهن تہ جڻ جيءَ کي جهوري ڇڏيو. ڏک ذاتي هجي يا آفاقي، سدائين مون تي اثرانداز ٿيو آهي.

(خالده نسرين: چنڊ مٿي آڪاس-ص 18، 2021ع)

خالده نسرين، پنهنجي پهرئين شعري ڪتاب ۾ 'ادراڪ جي سفر' بابت لکي ٿي:

"ادراڪ جو سفر ڏاڍو اڻانگو آهي. عقل جي عميق ۾ پوڳنائن جا پٿر ۽ ڪنڊا آهن، جيڪي روح کي بہ رهڙيو ڇڏين". (ص 51) ...... "زندگيءَ جي

لاهين چاڙهين شعور کي پختگي ڏني، جيئن محسوس ڪيو اٿم، تيئن ئي پنهنجي تجزيي ۽ مشاهدي کي زبان ۽ بيان ڏئي، منافقت ۽ مصلحت پسنديءَ کان پاسيرو ٿي، اوهان (پڙهندڙن) سان مخاطب آهيان“.

(پيڙا جي پاتار ۾: ص 52، 2019)

اچو تہ خالده نسرين جي ادراڪ ۽ شعور جي سفر کي سندس ’غزلن جي ديوان‘ جي سٽن مان ڏسون:

ماحول جي سياسي گدلاڻ

دونهين بہ ڪجهہ ڪثافت، ڌرتيءَ تي وڌ ڪئي،
ماحول پيو سياسي، ٿيندو وڃي ڪثيف!

هر شخص ڪماٽي آ

مون کي تہ هر ڪماٽي پنهنجي لڳي ٿي پر،
ڪردار ڪو بيو آ هر داستان ۾!

منافقت جا پوسٽر

منافق مشتهر نيڪي ڪري وهہ وا سهيڙي آ،
لڳل هر جاءِ تي ڪيڏا تہ هُن جا پوسٽر آهن.

ناچڻيءَ جي مجبوري

غارت ٿين سي پاپي، مايا جي لوڀ ۾ جي،
ڪنهن نار جي مُرن تي، زوريءَ ٻڌن ٿا گهنگهرو.

شل تي پگهر ۾ نچڻي، ٿڪجي پئي نچي پر،
مومِي بدن جيان ڪٺ لوهي ٽڪن ٿا گهنگهرو.

ٻارن جي جدائي

دُنيا ڏسڻ جي خواهش يا فڪرِ روزگار،
مون کان کسي وئي آ منهنجي جگر جو لخت.

وقت جا واڳي/صاحبِ اقتدار

وقت جا واڳي! ڪاپڻَ لڳئي، ٻچنئي شل نہ ڪک!
شهر ڪي مينهن ٻوڙي ويو پَتِ ڪٽي هاڻ اک!

ڪاريءَ جو درد

ناريءَ کي ڪري ڪارِي،
ٽِي سائين وڏي جي هَاڪَ.

ڪاريءَ تي وهِي ڪاتي،
ٿي ڦارون وئي هڪ ڦاڪَ.

آ دفن جتي ڪاري،
جرڪي سي پيا هن ٽاڪَ.

لطيف ۽ عورت

جنهن وٽ مقام آهي عورت جو معتبر
اڄ سنڌ سُرخرو آ، جڳ ۾ ڪئي لطيف.

خالده نسرين جي غزل جي فني ۽ فڪري پختگيءَ جو اندازو سندس پهرئين، 'بحر هزج مثمن اخرب سالم' جي وزن 'مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن' واري غزل مان تي وڃي ٿو ۽ معلوم ٿئي ٿو تہ ديوان خالده نسرين، جو پهريون غزل ئي شعوري ڪوشش وارو نہ، پر فطري ۽ سياويڪ روانيءَ وارو غزل آهي:

اڄ چنڊ نٿو ڏسجي، اڄ رات اُماسي آ،
دل ۾ بہ خزان جَهڙي، ڪيڏي نہ اُداسي آ:

چڻ واري هُجي ٿر جي، دل اهڙي ئي تاسي آ،
ڪو وقت ڪڏي مل تون، اک ديدَ جي آسي آ:

اڄ ويهہ گهڙي پَر ۾، ڪر ڳالهہ پُراڻي ڪا،
ڪي نيرَ وهايان مَان، دل دردَ شناسي آ:

اڄ هيرَ هِتي تِنهن جو آ حالُ پڇڻ آئي،
غمَ، دردَ ڪيو جنهن کي ڪٺڪائيءَ مان ناسي آ:

غزل جي هر بند ۾ مشاهدي جي گهرائي ڪمال جي آهي. هونئن به خالده نسرين حقيقت پسند آهي ۽ سندس غزلن ۾ حقيقت نگاريءَ جو عنصر موجود آهي. ڪيس زماني جي تبديليءَ ۽ زندگيءَ جي بي ثباتيءَ جو ادراڪ ۽ احساس آهي، تڏهن ئي تہ بي ڌڙڪ چئي ڏئي ٿي تہ

گذري ويو گهڙيءَ ۾، ڪو دور هو شبابُ،
تنهن جاءِ تي لٿو آ، هاڻي رڳو عتابُ.

رهي آرسيءَ ۾ ڪٿي ساڳي صورت،
ڪٿي هاڻ خود کي ڪو ايڏو وٽون ٿا:

سو بہ وقت هو جو ايندو ٿپالَ مان خط هو،
هاڻ نيٺ تي ئي نسرين ڳول ڇپيل خط

خالده نسرين، ٻوليءَ ۽ لُغت تي ملڪو رکي ٿي ۽ اُن جو سهڻو استعمال ڄاڻي ٿي، گڏوگڏ پراڻن ۽ ظاهري طور متروڪ لفظن جا قافيا، رديف توڙي لفظ، جنهن مهارت سان ڪتب آندا اٿس، ايئن گهٽ شاعرن ڪم آندا هوندا.

سِر ڪٽي سينو ٿو ساهي، ڇا ڪجي؟
نفس کي ڪيسين نفيءَ جو هٽجي 'ٻڙهہ'!

ساک ڏئي جو هيل ويو سو مُور نہ موٽي آيو هو،
ياڳ ڦتل منهنجا ئي رڳو ها 'ڪيڙُ' سچو تہ سياڳو• هو!

وچي ٿي مندَ او مالهي! اُٿي ڪر هوش تون هاڻي،
پڪو ميوو پلا ڪو يا سچو ئي 'پال' ۾ آ باغ؟

خودا! وني هوندي رکي ٿو سَوَ سُريتون،
پر نہ ٿا چتِ تي چڙهن اُن جا بہ ٿي 'چگهہ'

نارِ کي ڏسندي حيرت آ،
ٻاڙي ڳِگون تو پوڙهو ڪڳ.

'ٻڙهہ' جي معنيٰ سونٿو يا بانٺو' آهي، 'ڪيڙ' جو مفهوم خاندان، ڪٽنب، آهي، 'انب پالِ وجهڻ' محاوروءِ اصطلاح آهي. 'چگهُہ'، يار' يا آشنا لاءِ ڪم ايندڙ لفظ آهي، ڳِگ ٻاڙڻ اصطلاح آهي، 'ڪڳُ' لفظ بنهہ پوڙهي شخص لاءِ ڪم آڻبو آهي.

خالده نسرين جا اڪثر غزل 'آمد' جو نمونو آهن. ڪيترن غزلن ۾ تہ آبشار واري رواني موجود آهي: بحر رجز مثمن سالم جي وزن مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن تي لکيل هيٺين غزل کي پڙهي ڏسو:

ڏس روشني، ڏس روشني، ڪنهن هي ڇٽي آ روشني،
پاڇا پئي ڳڙڪائي سڀ، ايڏي گهٽي آ روشني!

يا هيٺيون 'بحر مضارع مثمن اخرب' جي وزن: 'مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن' تي لکيل غزل جي رواني ملاحظو ڪريو:

روئين ٿي هاڻ ڪنهن لئہ، دل زار زار هر هر،
ٿي ضبط تي وڃائين، چو اختيار هر هر.

منهنجو ٿئي ٿو جڳ تي غم آشڪار هر هر،
ماحول ٿي وڃي ٿو سڀ سوڳوار هر هر!

يا: 'مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن' (بحر مضارع مثمن اخرب) تي ئي لکيل هنن غزلن جي موسيقي، رواني ۽ لفظي تڪرار ڪيڏو نہ وڻندڙ لڳي ٿو ۽ من کي ترنم جي ٽُرنگ ۾ آڻي ڇڏي ٿو:

مون کي نہ جهل لکڻ کان، لکندس ضرور لکندس،
جيسين اکين ۾ آهي ٿورو بہ نُور لکندس.

ڪنهن لاءِ خاص هوندس، ڪنهن لاءِ عامَ هوندسِ،
ڪنهن لاءِ مڌ جي ماٽِي، ڪنهن لاءِ جام هوندسِ.

ڪنهن لاءِ ڇڻ سزا ڪا، ڪنهن لئہ انعام هوندس،
ڪنهن لئہ ڪتابُ ڪليل، ڪنهن لاءِ مام هوندس.

بحر هزج مربع سالم جي ننڍڙي وزن، 'مفاعيلن، مفاعيلن تي لکيل غزل جي اروڪ رواني بہ ڪمال جي آهي.

جتي دل ۾ هو گهر تنهنجو
اُتي دردن ڪيا ديرا.

ويو ڇڻ باغ ئي اُجڙي،
نہ لامون ۽ نہ آکيرا.

سنڌي ٻوليءَ جي نج اکرن 'ٻ'، 'ڄ'، 'ڃ'، 'ڳ'، 'ڱ'، 'ڏ'، جي رديف قافين تي قديم ڪان جديد شاعرن تائين غزل لکيا ويا آهن، پر خالده نسرين جو نياءُ ۽ رچاءُ سرس نظر اچي ٿو.

(ٻ)

ماحول ۾ اچا پيي آهي اُها ئي اُٻ،
دعويٰ تہ تو ڪئي ٿي، هوندي نہ ڪا ئي اُٻ.

ڪولي رکو درن ڪي، اندر اچي هوا،
گهر جي فضا ۾ اڄڪلهہ آهي سوائي اُٻ.

'ڄ'

ڪيڏو يا چُپ رهڻو آهي،
ايئن نہ من ئي من ۾ پڄُ!

'ڃ'

عشق ۽ مُشڪَ لڪن ٿا ڪٿ، پکڙي خُوشبو ٿي هرجا،
گهر ڪان ٻاهر نڪري ٿي ٿُومَ بصر جي لازم پڃَ.

'ڏ'

فرصت ڪڏي ڪمن مان، ڪي پل گذارجن گڏ،
گذري ويا جي لمحا، ويهي سي سارجن گڏ.

’ڳ‘

آهي ڪو تو سان ناتو آهي ڪو تو سان سڱ،
منڙو رهي ٿو آتو آهي ڪو توسان سڱُ!

خالده نسرين جي ٻوليءَ تي دسترس جي ڳالهہ اڳ ۾ ڪري آيو آهيان، هتي ڪجھ اهڙن ’اصطلاحن‘ جو ذڪر ڪريان ٿو، جيڪي بنھ انوکا آهن، جن کي خالده ڪمال ڪاريگريءَ سان ٻوليءَ تي مهارت رکڻ سبب ڪتب آڻي سگھي آهي:

نئين سانوڻ جي رُتِ آئي،
وري دل ۾ پوي ٿي پَٽَا!

......

اڙي قاصدَ سَمڪ ڏي ڪا،
هُئا پرين ۾ ڇو ڦيرا؟

......

ظاهر نہ ٿي سگھن ها، ’نسرين‘! غير سامهون،
پنهنجي خيال جا سڀ ڳشا ڇڪي ڳسين ها!

دَل ۾ پَٽَ پوڻ‘، ’سمڪ ڏيڻ‘ ۽ ’ڪشا ڇڪي ڪسڻ‘، سنڌي ٻوليءَ جا خوبصورت اصطلاح آهن، پر اُن کي جيئن خالده ڪتب آندو آهي، ايئن هر ڪو استعمال نہ ٿو ڪري سگھي، خاص ڪري ’خيال جا ڪشا ڇڪي ڪسڻ‘، اصطلاح تہ خالدہ جو پنهنجو تخليق ڪيل آهي.

خالده نسرين جيئن خود لکيو آهي تہ هُن ماحول کان متاثر ٿي لکيو آهي، پر هوءَ ماحول ۽ سماج جي نقاد بہ آهي، هوءَ اُن تنقيد جي شروعات خود احتسابيءَ کان ڪري ٿي، جنهن ۾ سوچ جي تبديليءَ جا عڪس ملن ٿا:

پنهنجي ئي عاشقيءَ ۾، پنهنجي ٿيس رقيب،
ڪڏهين ٿيس مان دشمن، ڪڏهين ٿيس حبيب!

(خود تنقيد)

ڪفر جي فتواَ لڳي تي، زهر تو پيئڻو پوي،
ڪير ٿو سچ لئہ مري، سو ڇيڙ تون موضوع اڄ!

(سچ چوڻ تي سماج جو رويو)

ذڪر آ غمخوار جي ڪردار جو
ظرف جي معيار جو مون کان نہ پُڇ!

(غمخوار جو ڪردار ۽ ظرف جو معيار)

الزام آ تہ باغي آهيان سماج کان،
تنهن جي سزا ۾ هيئر، ڪلندي مران ٿي چُپ!

(سماج سان بغاوت جي سزا)

پوٽو پڙهي پيو سو اڄڪلهہ جي دور ۾،
ڏاڏو پڙهي چڪو آ ننڍپڻ ۾ جو نصاب!

(نصاب ۽ تعليمي نظام تي تنقيد)

خالده وٽ 'خيال جي نزاڪت' بہ ڪمال جي آهي:

گُهرجي ٿو لفافو ڪو جنهن ۾ سڀ وجهان ميڙي،
خواب جي ڏنا گڏ ها، لڙڪ سڀ ۽ پُسيل خط

ڪي ڏهي ويا ها، پر ڪي اکر سڄاتا مون،
هيٺ جو وهاڻي جي تو ڇڏيو هو پُليل خط

خالده نسرين سماجي ۽ قومي شعور رکندڙ شاعرِ آهي، تڏهن تہ غزل جي جامي ۾ هن قسم جا بيباڪ شعر لکي سگهي آهي:

'اڄ چَنيسر'، 'دودا' ٻنهي کن حڪومت تا پيا،
سنڌ! توکي ورثو ناهي، پِير سان يا مير سان.

عجب آهي اهو 'نسرين' سڀ ڪي ٿي وٺي سنڌڙي،
وٺن چو ڪين سنڌي ٿا، گجهارت سا ٻجهايون چو؟

’گم تي نہ وڃن ڪنهِجَي ڪي،
ڪو ڇو نہ ٻڌي تو گُوڙ‘

فطرت رُسڻ تي آهي، سنڌو سُڪڻ تي آهي،
ڌرتي ٿئي نہ بنجر، ٻُڌ ٿُهمتن جي گونج:

دستورَ سڀ پُراڻا مزدور ڪر تون رد
ناسور تي ويا جي منشور ڪر تون رد!

ماڻهوءَ جي اندر ۾ پار زنده هوندو آهي، نسرين بہ اعتراف ڪري ٿي:
آهي اڃا بہ زندهٔ مون ۾ سا ڇوڪري،
جنهن ڪان وٺين تون جهٽ ۾ پنهنجو ڇڏائي هٿ!

مون ابتدا ۾ اظهار ڪيو آهي تہ خالده ’ملنسار ۽ وضعدار‘ عورت آهي، حيرت جهڙو اتفاق آهي تہ هن جي هيٺئين غزل ۾ بہ ساڳي ڳالهہ موجود آهي.
اندر ۾ رکي ڏک، ملون ٿا، کِلون ٿا،
سمجهدار آهيون، وضعدار آهيون:

جي سمجهن ٿا ’نسرين‘ مغرور آهي،
ٻڌايو انهن کي ملنسار آهيون!

خالده نسرين ڪسر نفسيءَ مان گهر وٺندي لکيو آهي تہ:

جڏهين عبور ڪامل ٿيندو غزل تي حاصل،
تڏهين عروض جا مان مڙئي بحور لکندس!

پر سندس شاعريءَ جو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ ڪيس نہ رڳو غزل تي عبور ڪامل حاصل آهي، پر عروض جي اڪثر بحرن تي بہ دسترس ۽ عبور حاصل آهي، تڏهن تہ اهڙا روان، مترنم ۽ پرپور غزل لکي سگهي آهي هوءَ نہ رڳو جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نمايان مقام رکي ٿي، پر هن کي پهرين ’صاحب ديوان‘ خاتون شاعرِ هئڻ جو اعزاز بہ سونهي ٿو هُن خود بہ ’شاعر‘ لفظ کي

تذڪير ۽ تانيث ڪان مٿانهون ڄاڻي، پاڻ کي، پنهنجي هڪ غزل ۾ 'شاعرِ' هئڻ جي اعزاز حاصل ڪرڻ جو اظهار ڪيو آهي:

سڄڻان تي مان اڄ شاعر،
رب اهڙو ڏنو اعزاز.

دل چاهي ٿي تہ "ٻ" رديف واري غزل تي اختتام ڪريان. چنڊ جو شاعريءَ ۾ شيخ اياز وٽ بہ ڪمال جو استعمال ملي ٿو. نسرين وٽ بہ چنڊ موضوع آهي. 'ٻ' رديف واري غزل ۾ چنڊ سان نسرين ڪمال جو نياءُ ڪيو آهي.

مان چنڊ ڳوليان ٿي، مون کان لڪي ٿو چنڊُ،
اڪ ٻوٽ ۾ ٽڪائي، خود کي تڪي ٿو چنڊُ!

ٻوڙان ٿي چنڊ ڏي مان، اڳتي ڌڪي ٿو چنڊ،
ٽڪجي بيهان ٿي جنهن پل، تنهن پل رُڪي ٿو چنڊ.

آ چنڊُ استعارو تشبيهہَ يا مثالُ؟
تنهن ۾ ڏسان ٿي توکي، دل کي ڇڪي ٿو چنڊ.

نازڪ بدن نويلي، ڪمري مان نارِ نڪتي،
ڪڪرن جي ڪورَ مان ڏس، تنهن کي تڪي ٿو چنڊُ

سج کان وٺي سُهائي، ڌرتيءَ تي ٿو وڇائي،
چانڊاڻ جي چنيءَ سان اونڌهہ ڍڪي ٿو چنڊُ!

پرجي نہ ٿو پلا ڇو وڄ جو سَنڌو ڇڪورَ!
تون چنڊ لئہ سڪين ٿو تو لئہ سڪي ٿو چنڊ.

تاج جويو

اي 147، چوٿين اُترين گهٽي،
گلستان سجاد، حيدرآباد، سنڌ
26 آگسٽ 2021ع

مهاڳ

ڪڏهن باڪَ ڦُٽندي...!

شاعري پنهنجو ڪارج پاڻ آهي. شاعريءَ کي ڪنهن به هڪ پئماني تي پرکي نٿو سگهجي. نظريا، شاعريءَ جي تخليق ٿيڻ ڪان اڳ به موجود هجن ٿا ۽ شاعريءَ ڪان پوءِ به جنم وٺندا رهن ٿا. پر شاعري نظرين جي محتاجْ ڪڏهن به نه رهي آهي. ڇاڪاڻ ته خيالَ جي اُڏامَ کي ڪا به سرحد قيد رکي نٿي سگهي. خيالُ شاعريءَ جو ساهُ پساهُ هوندو آهي. شاعريءَ جو فَن شاعريءَ جي خُوبصورتيءَ جي ضمانت هوندو آهي. جيئن ته شاعريءَ جو تخيلاتي سفر زمان مڪان جو پابند ناهي، اُن ڪري شاعري ڪائناتي ميراث آهي. اُهو مسبب آهي، جو شاعري ڪنهن به هڪ ڌرتيءَ ۽ آبهوا/ موسمَ جي طلب گار نٿي رهي، پر سڀني رُتن کي پاڻ ۾ سموهي ٿي. ورجاءُ، شاعريءَ جو نيلام گهر آهي ۽ تقليد شاعريءَ جي تخليقي روشنيءَ کي جهيٽو ڪري ڇڏيندي آهي. انتقاد، شاعريءَ جو ماپو ۽ ڪسوٽي آهي. عَدم انتقاد، شاعريءَ جي شهرَ جي اونده آهي. عقل شاعريءَ جو سُونهون ۽ سائنس شاعريءَ جي ميڊيڪل رپورٽ آهي. رازداري شاعريءَ جي حڪمت ۽ تخيلَ شاعريءَ جا پَرَ آهن. اسلوب شاعريءَ جي ضرورت، قدر، معنيٰ خيزي/ مطلب Significance آهي. قافيا شاعريءَ جا ٽَنپَ آهن. رديفَ، شاعريءَ جا ٻانهن ٻيلي ۽ تجنيس شاعريءَ جي چانڊوڪي آهي. ڇند، شاعريءَ جو محبوب آهي. اِيئن شاعري جا رنگ، قدر، ڳَس، پنڌ، سڌَ، راهُون، رستا منزلون ۽ مقامَ پنهنجي هڪ الڳ ڪائنات جُوڙين ٿا. اُها ڪائنات گهڻن قِسمن جي Multifarious ٿئي ٿي، جنهن ۾ هر قِسم جو انسان پنهنجي جمالياتي حِس توڙي انقلابي سُڌ سان رهي سگهي ٿو. شاعري ڪرڻ لاءِ تخليقي ذهن جو هُجڻ لازمي آهي. نه ته مصنوعيت، شاعريءَ جو نياڳُ ٻڻجي پوندي. شاعري

ٻوليءَ تي دسترس گُهري ٿي. فَن جي ڄاڻ طَلبي ٿي. مُنفرد اسلوب گُهري ٿي. ٽيڪنڪ جي تقاضا ڪري ٿي. مُوضوعن جي وُسعت ڳولي ٿي. شاعريءَ ۾ غزلَ جي صنف تہ نزاڪت ۽ لطافت جي شرط سان وابستہ آهي. غزل، نِرملتا ۽ نِفاستَ جي صنفَ آهي. گهرائي ۽ باريڪ بينيءَ جي صنفَ آهي. داخليت جي اندِيرن ۽ روشنين جي صنفَ آهي. حُسن ۽ جمالَ جي صنفَ آهي. تخيل ۽ جذبي جي شِدت جي صنفَ آهي. روانيءَ جي راهہ جي صنفَ آهي. بلاغت جي شفاف پٽي جي صنفَ آهي. غزلَ تي جن کي عبوريت هئي، تن غزليہ شاعريءَ جا ديوان تخليق ڪيا. اٺويهين صديءَ ۾ پهريون ديوان سرجيندڙ شاعر، آخوند گل محمد هالائيءَ کي سَڏيو وڃي ٿو. اُن کان پوءِ تاريخ ٻُڌائي ٿي تہ ايڪهين صديءَ جي هِن ٻئي ڏهاڪي تائين سنڌيءَ ۾ ڪافي اهم ديوان تخليق ٿيا آهن. مثال طور: ”ديوان گل“ کان بعد ۾”ديوان قاسم“، ”ديوان بلبل“، ”ديوان قليچ“، ”ديوان بيڪس“، ”ديوان نجفي“، ”ديوان حافظ“، ”ديوان صوفي“، ”ديوان احسن“، ”ديوان عطا“، ”ديوان اسير“، ”ديوان فاضل“، ”ديوان حامد“، ”ديوان فدا“، ”ديوان بيوس“، ”ديوان خاڪي“، ”ديوان قادري“،”ديوان غلام اڪبر“، ”ديوان انجم“، ”ديوان سانگي“، ”ديوان بيدل“، ”ديوان مجروح“، ”ديوان مسڪين“، ”ديوان واصف“، ”ديوان حفيظ“، ”ديوان مفتون“، ”ديوان سام“، ”ديوان طالب المولىٰ“، ”ديوان زيب“ ۽ ”ديوان سرمد“ جهڙا ديوان پڙهڻ وٽان ملن ٿا، پر اُهي سڀ مرد شاعرن جا ديوان آهن. ادب ۾ جِنس وار ترتيب ڪرڻ نہ گهرجي. پر تاريخَ جي رڪارڊ خاطر ڏسون تہ اڄ تائين ڪنهن بہ سنڌي شاعره جو ديوان شايع ٿي نہ سگهيو آهي. منهنجي علم موجب، ”خالده نسرين“ جو هيءُ غزلن جي گلدستي وارو مَجمُوعو سنڌي ادب ۾ ڪنهن بہ شاعره جو پهريون سنڌي ديوان آهي. اُها ڳالهہ نہ صرف خالده نسرين لاءِ هڪ اعزاز آهي. پر مون لاءِ پڻ هي تاريخي لمحا آهن، جو مان پهرين سنڌي ديوان سرجيندڙ شاعره جي ديوان جو مهاڳ لِکي رهيو آهيان.

لفظُ ”ديوان“ فارسيءَ مان عربيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ آيو آهي، جنهن جون مُختلف معنائون آهن. مثال طور ديوان معنيٰ، هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ، مصنف،

ڪنهن هڪ ليکڪ جو سمورو ڪتاب، هڪ رجسٽر، هڪ ڳٽپ جو ڪتاب، پر ادبي ۽ ڪلچرل مفهوم موجب، ديوان غزلن جو اهڙو مجموعو هوندو آهي، جيڪو قافيا وار يا رديف وار تخليق ڪيو ويو هجي. سنڌي الفابيٽ جا ٻاونجاهه اکر آهن ته امڪاني طور هِن ديوان جا غزل ٻاونجاهه هجن ها، پر خالده نسرين پنهنجي فني، فڪري ۽ تخليقي قوت جو اظهار ڪندي، هِن ديوان ۾ پنهنجا هڪ سئو پنج غزل ڏنا آهن. هن ديوان ۾ رڳو رديف وار غزل نه آهن پر هن ديوان ۾ مردف ۽ غير مردف ٻنهي قسم جا غزل شامل ڪيا ويا آهن ۽ قافيي وارا غزل به پنجاهه کن شامل آهن، جنهن ڪري غزلن جي تعداد ۾ اضافو ٿيل آهي. سندس هيءُ ديوان پڙهندي مون محسوس ڪيو آهي ته سندس شاعريءَ ۾ رُتون، فقط معروضي سطحَ تي نٿيون مَتجن، پر مُوضوعي سطحَ تي بي ساخته طور تي به مَتجي وڃن ٿيون. سندس شاعريءَ ۾ احساسن جي اُوچتي آيل لهر جي بازگشت به آهي ته سُندر احساسن جي نويد به آهي. رُوحَ جي پُراڻن آثارن تي بُوندن جي مهڪارَ به آهي ته ڏکن جي ڪُوسي واءَ جي شڪايت به آهي:

وري واءُ آڻي بسنتي نئين رُت،
پراڻيءَ زمين تي پکيڙي ويو آ.

سُڪي دل کي ڪيڙي، چِٽي ٻج ڏُکن جو،
اچي چاڪ دل جا اُديڙي ويو آ.
(خالده نسرين)

فطرت ڪائنات جي آفاقي سَچائي آهي. فطرت ڪشش آهي. روحَ جو آٿتُ آهي. زندگي آهي. اِنسان جي مُوضوعي اُتل پٿلَ جو فطرت سان گهرو تعلق آهي. حساس دل ماڻهو فطرت ڏانهن وڌيڪ رغبت رکن ٿا. سندن اندر جي ڪائنات جي خُطابتَ به فطرت سان هُوندي آهي. اُهي نه صرف فطرت ۾ پنهنجي غمن جا اُولڙا پَسي وڻن ٿا. پر مَسرتن کي به فطرت سان ونڊين ٿا. شاعراڻي مزاج جو ته روحُ، فطرت نگاريءَ ۾ ئي هُوندو آهي. عقلُ شاعريءَ جو

حسن آهي تہ جذبو شاعريءَ جو ڪردارُ آهي. خالده نسرين وٽ بہ فطرت سان اِهڙي هَم ڪلامي آهي. روڳُ ۽ سُوڳ آهي. سندس مَسرتن جي گواهي ڪِٿي گلن کان ورتل آهي تہ ڪِٿي چنڊ کان ورتل آهي، جيڪو گڏهن سندس خوشيءَ جي احساسن جو همراهي ڪندڙ رهيو هو. اُها نزاڪت جي تقاضا ۽ نفيس پڻي جي علامت آهي، جيڪا ڪيترن ئي ماڻهن جي احساسن جي هُوبهو عڪاسي ڪري ٿي. جڏهن خالده نسرين وٽان گُذري ٿي تہ اُها فن ۾ پُوئجي سهڻي مالها بڻجي پوي ٿي :

نہ ڪو گُل ڪتابن ۾ هاڻي رکون ٿا،
نہ خط ڪنهن جي نالي لِکي ڪو لکون ٿا.

تڪي چنڊ هاڻي نہ ڳوڙها ڳڙن ٿا،
نہ ڪنهن لئہ نياپا هوا کي ڏيون ٿا.

تشبيهہ جو استعمال خالده نسرين جي شاعريءَ جي اهم خاصيتَ آهي. تَشبيهون جيتريون خُوبصورت ۽ شفاف هُونديون، شاعريءَ ۾ اُوتري چِڪَ ۽ سَگهہ پيدا ٿيندي. هر دَور جو اِنسان پنهنجي گُهرج کي تَشبيهن سان واضح ڪرڻ جو معيو ساريندو آهي تہ جيئن سندس تَصوُرن جي منتقليءَ ۾ سَهل پَسندي پيدا ٿي سگهي. شاعري تہ تَشبيهن جو جنم آستان رهيو آهي. خالده نسرين جي غزلن جي تَشبيهن جي رنگت منفرد ۽ نرالي آهي. شڪُ نٿو ڪري سگهجي تہ هوءَ ڪا پَڪي پُختي شاعره نہ آهي. هيو تہ غزل جي فنَ ۾ سندس اُهو ڪرافٽ موجود رهيو آهي تہ اُنهن ۾ ڪافي رواني هُوندي آهي. رواني واري خاصيت پاڻ هرتو عَروض مان ڦُٽي نہ نڪرندي آهي، پر تخليقڪار جي ڪاريگريءَ تي انحصار رکندي آهي. ڪهڙن لفظن کي ڪهڙي مناسب يا ٺيڪ ٺاڪ جاءِ تي ملائي رکجي، جو سِڻون ٻوليءَ توڙي صوت يا موسيقيت ۾ سُريليون لڳن. اُهو روانيءَ جو فَني ڪم آهي. جڏهن ڪو بہ ڪلام تخليق ڪيو وڃي ٿو تہ پوءِ اُن کي تُحتُ اللفظ پلي پڙهجي، پر وڌيڪ بهتر ٿيندو تہ اُن کي ڳائي ڏِسجي تہ اُن ۾ ڪا رنڊڪ يا اٽڪ تہ نٿي

ٿئي؟ رواني، کي اُن طريقي ٺيڪ ڪري سگهجي ٿو خالده نسرين جي غزلن ۾ اهو رواني، جو فَن چڱي مقدار ۾ ملي ٿو:

نہ ڪنهن سان شڪايت نہ ڪا ريس باقي،
نہ ڪنهن سان رُسون ٿا نہ ڪنهن سان وڙهون ٿا.

وڃي محفلن ۾ وٺي ڪُنڊ ويهون،
نہ سامهون اچون ٿا نہ ڪنهن کان لِڪون ٿا.

غزل ڪيترن ئي طريقن ۽ قِسمن ۾ لِکيو وڃي ٿو پر مون کي ڪنهن بہ غزل جي مُختصر سِٽن اندر شفافُ پڻو وڌيڪ متاثر ڪندو آهي، ڇاڪاڻ تہ مختصر سِٽن ۾ ڪو بہ سنيهو جلد منتقل ٿي ويندو آهي. ايئن ئي ننڍيون سِٽون وڌيڪ مترنم ٿين ٿيون. مُختصر سِٽن جي نحوي ۽ صرفي حالت بہ وڌيڪ بهتر رهي ٿي. هڪ پاٺڪُ بہ اُن کي آساني، سان سمجهي ياد رکي سگهي ٿو. دراصل ٻولي، جيڪا جديد لسانياتي فلسفن موجب، انسان جي اُظهار جو شفاف ميڊيم نہ آهي، تنهن ٻولي، ۾ اظهاريت جي لاءِ انسان ٻولي، جي لفظن/ نشانن يا علامتن کي استعمال ۾ آڻي ٿو. لفظ علامتن نما ٿين ٿا، جن جا تصور سيپيتائي يا ڪلچرل ٿين ٿا. تهذيب/ثقافت/ڪلچر شين جي نالن جو تعين ڪري ٿو. شين جي نالن جي تقرري، مان جيڪي تصورَ اُپرن ٿا. انسان انهن تصورن جي ئي نمائندگي ڪري ٿو. لفظ، پنهنجي ثقافتي ۽ سيپيتائي مقرر شعورَ ۾ انسان کي قيد ڪري ڇڏين ٿا. تخليقڪارن جا ذهن اڪثر غير معمولي ٿين ٿا، ڇاڪاڻ تہ اُنهن وٽ ادراڪ جي حِس، عام ماڻهو، جي مقابلي ۾ وڌيڪ تيز ٿئي ٿي، جنهن ڪري اُهي زندگي، جي تجربن کي بہ مختلف زاوين کان ڏسن ٿا. اُهي باريڪ سطح بہ ڳولهي لهن ٿا. پر اهم ڳالهہ تہ اُهي تنگ ۽ بُوريت جو شڪار ڪندڙ عام معاشرتي معنائن خلاف مزاحمت ڪن ٿا. اها مزاحمت سندس تخليقي روپن ۾ اظهارجي نروار ٿئي ٿي. پر اهم ڳالهہ تہ هر تخليقڪار جڏهن ڪجهہ تخليق ڪري ٿو تہ هُو لفظن جي لغوي معنائن مان پيدا ٿيندڙ يڪسانيت ۽ بُوريت کان بيزار ٿئي ٿو.

هُو چاهي ٿو تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح ساڳي ئي معنويت جي ورجاءَ کان ٻاهر نڪري، اِهڙو ڪجهہ اظهاري، جيڪو اڄ تائين اظهارجي نہ سگهيو هُجي. ان ڪري هُو لغوي، اصطلاحي، سيپتائي/ثقافتي معنائن کان ٻاهر نڪري شاعراڻي ٻوليءَ ۾ پناهہ وٺي ٿو. بهترين تخليقڪارَ وسيع تخيل کي گرفت ۾ آڻڻ جا جتن ڪن ٿا. پر لفظن جي معنويت ڪُٺي پوي ٿي. انڪري علامت سازي ڪن ٿا. تخليقي ٻوليءَ کي چُونڊين ٿا. لفظن ۾ تاثر جي وحدت سمائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جيئن خالده نسرين جي غزل جا هي بند آهن:

باڪن ڦٽڻ کان پهرين نيڻن تي هٿ ڏئي،
انڌا ٿا ڪن شڪايت اُڀري نہ ٿو سراج،

سيني ۾ گُهٽجي آخر مرندو مڪالمو
اظهار کي ٿو گهرجي لفظن سندو خراج.

خالده نسرين جي غزل ۾ عام معاشرتي معنائن جي تقرريءَ جي اُبتڙ باطني معنويت آهي. اُنڪري سندس غزلن جي ظاهري معنائن تي لِيڪا ڪڍي ويهڻ، سندس فن سان ناانصافي لِيکبي. هُن وٽ فطرت نگاري تہ آهي ئي، پر اُن فطرت نگاريءَ کي هُن استعارا نگاريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. هُن جي شاعريءَ جي رڳو معروضي شڪل جو نظارو ماڻي، سندس فن جو ڪاٿو نٿو ڪري سگهجي، پر سندس سِٽن جي باطن ۾ ڪا درد جي ميراث ڳولڻي پوي ٿي، تنهن کان پوءِ ئي معنويت جا گوهر نظر اچن ٿا. مثال طور: ”خزان جهڙي اُداسي“ هڪ استعارو آهي. پر جڏهن ادراڪ هيٺ آڻي ڏِسبو تہ موضوعاتي سطحَ تي ساڳي ڪيفيت کان سواءِ، اُن جو تعين ڪِٿي ڪري سگهبو؟ باغَ تہ سُڪل سڙيل بہ آهن تہ سر سبز بہ آهن. هِتي شاعريءَ ۾ جنهن ”باغَ“ کي شاعره استعارو بڻائي ورتو آهي، اُهو باغَ ڪنهن ماڻهوءَ جي اندر جو باغُ هو. جنهن ۾ سُڪون، راحت ۽ لُطافت هئي، جنهن جون هاڻي لامون بہ سَڙي ويون آهن تہ، اُنهن لامن جا آڪيرا بہ ڪکَ پَنَ ٿي ٽڙي ويا آهن. سوالُ هيءُ آهي تہ اُنهن سيني اجگر سُورن جا ذميوار فطرتي لقاءَ آهن؟ يا انساني سماج آهي؟

اُهي سوالَ معروضي ۽ مُوضوعي جوابن جي ورهاست ڪن ٿا. مون لاءِ اُن ڪان به وڌو سوالُ هِتي اُهو آهي ته شاعره هِتي خزان جي رُتِ کي ڪهڙيءَ نه خوبصورت ڪرافٽ مئنشپ سان درد جو استعارو بڻائي ورتو آهي! خالده نسرين جا هي بندَ نه صرف انساني سياءَ جي فطرت سان جڙيل رشتيداريءَ کي چڱي طرح پڌارين ٿا، پر زماني جي مَنجھ سان بدلجندڙ انساني ڪيفيتن جا به ساکي آهن:

ٿيا جي ڪلهه ڪِلي ڪيرا،
رُئن ٿا اڄ سوين پيرا.

خزان جهڙي اداسيءَ جو
ڪيا هن روح کي گهيرا!

ويو جڻ باغ ئي اُجڙي،
نه لامون ۾ نه آڪيرا!

شاعريءَ جي بيانيي ۾ ماحول نگاري يا منظر ڪشيءَ جو ڪردارُ شاعريءَ جي جمالياتي سگهه جو ضامن هُوندو آهي. ماحول نگاري شاعريءَ جو تاثر به خلقي ٿي ته ڪائنات جي مظهرن جي تصوير گشي به ڪري ٿي. شاعراڻي نگاهه شين ۾ لقائن لاءِ جڏهن عُقابي بڻجي وڃي ته اهڙيون خُوبصورت سِٽون وجود ۾ ايندڙيون آهن، جن ۾ نَظارا ساهه کڻندي نظر ايندا آهن. جيئن خالده نسرين جون هي سِٽون، فِطرتي نَظارن جي تجسيمي صورت پسائن ٿيون. هڪ حساس دل شاعره جي حيثيت ۾ هوءَ نه صرف فطرت مان عڪس کڻي ٿي، پر اُنهن عڪسن ۾ هوءَ ڌرتيءَ جي درد کي به پسائي وٺي ٿي ته فطرت جي رُسڻ کي منطقيت بخشڻ ۾ پڻ ڪاميابي به حاصل ڪري وٺي ٿي:

فطرت رُسڻ تي آهي، سنڌو سُڪڻ تي آهي،
ڌرتي ٿئي نه بنجر، ٻڌ تهمتن جي گونج،

موجن ۾ ناهه مستي، هيرن وڃائي هستي،
ڪينجهر هجي يا منڇر، ٻڌ تهمتن جي گونج.

شاعريءَ جي رُوحاني غِذا فطرت آهي. فطرت شاعريءَ جي اشاريت آهي. فطرت ئي آهي، جيڪا شاعريءَ جي گَسن پَنڌن جو تعين ڪري ٿي. ٻيءَ صورت ۾ سماج وٽان سِڌيون شيون کڻڻ سان، شاعريءَ جي نِرِي خشڪ ٿي وڃي ٿي. سماج جي ڪڙاهٽ، شاعريءَ جي اکين مان ڳوڙها وهائي وجهي ٿي. اُها فطرت ئي آهي، جيڪا شاعريءَ جي اِظهاريت جي پناهه بڻجي ٿي. شاعريءَ کي چانوَ عَطائي ٿي، پوءِ ڪڏهن عڪسن ۾ ته ڪڏهن استعارن ۾، ڪڏهن تشبيهن ۾ ته ڪڏهن محاڪات ۾ فطرت، پاڻُ اظهاري ٿي. پوءِ اِنسان جي مُوضوعي دنيا پڻ اُن سان واڳجي وڃي ٿي. اهڙيءَ ڏسا ۾ خالده نسرين جي غزلن ۾ موجود خارجيت به داخليت جي آئينه داري ڪرڻ کان خالي ڪانهي. هوءَ فطرت جي بيشمار نشانين کي زندگيءَ جي ڪيفيتن سان ڀيٽي، پيش ڪرڻ وارو آرٽ رکي ٿي. وقت ۽ اُن جي فاصلي کي هوءَ فطرت جي ماحول ۾ڪَتي ونڻ جا گُر ڄاڻي ٿي ۽ دل جي ماضيءَ ۽ حالَ کي هوءَ مَنظر ڪشين جي ڪسوٽي تي پرکي، جڻ ته ماڻهوءَ کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي نئون سوادُ ۽ نئون دڳُ ڏِئي ٿي:

دل جي ڌرتي ۾ آهي رڻ پٽ جهڙي رُج ئي رُج،
اُڏري وقت جي واري ٿي، هر پاسي ڏسجي ٿي سِج.

اِهڙي تاسي دل آهي نَنهڻ ۾ ڪو صحرا جڻ،
پرجي سانوڻ آيو هو ڪونه لٿي پر منهنجي اڃ.

فطرت، انسان کي هر دَور ۾ وحدت جو درس عطا ڪري ٿي. تفرقي کان نجات جو رستو ٻُڌائي ٿي. ماڻهوءَ جي منَ کي متحرڪ ڪري ٿي. احساس جا تاڪيا کُولي ٿي، روحَ کي تازگي بخشي ٿي. فطرت، ذهن جو وِسُرامُ آهي. مُحبتن جي جنم ڪار آهي. شاعريءَ ۾ جڏهن به فطرت نگاري ٿئي ٿي ته، عشقَ جا پُراڻا فسانا ياد اچن ٿا. چاهتن جي نئين شوقَ جي پالنا ٿئي ٿي. دردن جا ديرا مَهڪي پوَن ٿا. خُوشين جا ڪيتَ نِرِي پون ٿا. اُها به هڪ حقيقت آهي ته اِنسانَ جي اندر جي ڪائنات سموري خارجي دنيا کان وسيع

ٿئي ٿي. اُن جي دريافت موجوده زماني تائين شاعريءَ کان وڏيڪ بهتر ڪو بہ ميڊيم نہ ڪري سگهيو آهي. شاعريءَ ۾ غزل تہ آهي ئي موضوعي صنف، جنهن ڪري غزل عشق جو چڙهيل تاج آهي. پيار جو تَخت آهي، چاهتن جي دربار آهي. انڪري غزل حِساس دل ماڻهوءَ جو ويجهو رشتيدار آهي. غزل، پنهنجي سمورين خاصيتن ۾ جيڪا غالب خاصيت رکي ٿو سا عشق جي خاصيت آهي. غزل، زلفن جي خوبصورتي سَميٽي وٺي ٿو. ڳلن جي لالاڻ عَڪسي ٿو. چَپن جي خامشي گُهوري وٺي ٿو. اکين جي برسات عڪسي وٺي ٿو ۽ ڪردارن جي ٿُرشي چَڪاسي وٺي ٿو. غزل، جيڪو بنيادي طور عروض جي پلاٽ جي صِنف آهي، تنهن ۾ سُوئيءَ جي پاڪڙي جيتري سَنهڙي خُوبصورتي بہ پرکي وڃي ٿي. خالده نسرين جي غزلن ۾ بہ فطرت نگاريءَ کان جيڪا پهرين سگهاري راهہ نڪري ٿي، سا محبتن جي راهہ آهي. نظر جي جادوءَ جي ڪهاڻي آهي. شخصيت جي تشڪيل ۽ لاتشڪيل جي ڳالهہ آهي. تارن ڳڻڻ واري سوڳ جي آتم ڪٿا آهي. زندگيءَ جي رومانتڪ تجربن جو نچوڙ آهي. اُنڪري ئي هوءَ عشق کان محروم دلين کي ويران سَڏي ٿي ۽ عشق کي عظيم جذبي طور پيِتا پيش ڪري ٿي:

سڀ کان عظيم جذبو دنيا ۾ آهي عشق،
ويران سا ئي دل آ، جنهن دل ۾ ناهي عشق.
تارا ڳڻيندي گذري جنهن جي نہ رات ڪا ئي،
ڄاڻي سو ڇا حقيقت؟ آخر تہ ڇا هي عشق.

ڪا بہ شاعري تصوراتي سِڻاءَ بنا رپورٽ نما شاعري آهي. صحافت آهي، پر شاعري نہ آهي. سمورو عينيتي فلسفو شاعريءَ جو ڪاڄ آهي. تصورُ آسماني تشڪيل تائين بہ عرفانيت ماڻي ٿو. تڏهن تہ شاعري بہ مافوق الفطرت پسند بہ آهي. تخيلُ، زميني حقيقتن جي شرط جو پابند ڪونهي، پر مابعد الطبيعات جي لِڪل رمزيت تائين رسائي حاصل ڪرڻ جو مُتلاشي آهي. رُومانيت بہ ائين ئي خلقجي سگهي هئي، جڏهن صرف جذبو مقدس حيثيت جو حامل بڻيو هو. احساسَ اُن جا جان، نشين هئا. اوله ۾ جڏهن

رُومانويت جي تحريڪ اُڀري هُئي تہ شاعريءَ ۾ قياس کي افاديت نصيب ٿي هئي. قياس، تصور نما خيال کي چئبو هو جنهن ۾ ڪنهن هڪ فڪر، خيال يا گُمان کي ٻئي گُمان يا سوچ سان تمثيلي طور پيش ڪيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح مادي دنيا جي اجگر وزن کان ڇوٽڪاري وٺڻ جي رستن جو تعين ڪيو ويندو هو. مادي دنيا ۾ سخت گيري آهي. جڏهن تہ رُومانويت لُطافت ۽ نرملتائن جي ديس جي ڳولائو رهي آهي. انسان کي زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کان پناهہ رڳو رومانويت ئي ڏني آهي. شاعري رُومانويت لاءِ وڌيڪ سازگار بڻجي ٿي. اڄ بہ رُومانوي تحريڪ جا اثر دنيا جهانَ جي ادب ۾ پَسي سگهجن ٿا. جڏهن جديد سنڌي شاعريءَ پڙهجي ٿي تہ اُن ۾ حقيقت نگاريءَ جي برعڪس، نوي کان پنجانوي سيڪڙو شاعري رڳو رُومانويت جي روشنيءَ ۾ سفر ڪندي نظر اچي ٿي. رُومانويت ۾ وري ماتم وڌيڪ آهي. روڄ وڌيڪ آهي. سوڳ ۽ وڇوڙو وڌيڪ آهي. ڏک وڌيڪ آهي. غمَ ۽ دردَ آهن. رڳو سورَ ئي سورَ پريو ويراڳُ آهي. خُوشي نهايت گهٽ نظر ايندي. سُک، شانتي ورلي ملندي. زندگيءَ جو توازن بگڙيل نظر ايندو. خوشحالي جي برعڪس بد حالي هوندي. ترقيءَ عيوض احساسن جو جمود وڌيڪ هوندو. احساسن جو جمود دراصل اها جاءِ آهي، جتي احساس، اصلاحَ طرف عقل نہ ٿي سگهي ۽ عقل طرف مائل ئي ٿي نہ سگهي. جذبي ۽ شعور جو ميلاپ ئي دراصل سنو ادب تخليق ڪندو آهي. بغير شعور جي جذبو بہ ديوانگيءَ جي سپرد ٿيو وڃي. رُومانويت عقل جي سختيءَ کان خوفزده رهي آهي. عقل زندگيءَ جو رُوح روان آهي. اُنڪري جڏهن اولهہ ۾ اُڻويهين صديءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جي تحريڪ اُڀري هُئي تہ رُومانويت جي تحريڪ جو سج لهي چڪو هو. اسان وٽ رومانويت "عمرِ دراز" ماڻي آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ رُومانويت جڻ تہ آفاقي بڻجي آئي آهي. اُن جو هڪ وڏو سبب جاگيرداري سماج آهي، جيڪو پنهنجي طِبعي عمر تہ ڪائي چُڪو آهي. پر وڏندڙ سرمايا داري ۽ وڌندڙ شهري تهذيب جي هن عهد ۾ پوءِ بہ اُن جي نيم سماجي شڪل موجود آهي. ڇاڪاڻ تہ صدين جي جاگيرداراڻي دَور جي نفسيات اجان بہ مقدس بڻي بيٺي آهي.

جيئن تہ جاگيرداري سَماجَ سرماياداراڻي سماج جي مقابلي ۾ پوئتي پيل هُوندو آهي، تنهنڪري اهڙي سماجَ ۾ سماجي پُوسٽ بہ سَرس ٿيندي آهي. مَسرتون موڪلائي ويندیون آهن. سنڌي سماج جي سموري جُرٽت ئي اهڙي آهي. فطري طور اسان جي شاعري بہ اُن صورتحال جي ساخت جو بيانيو آهي. منهنجو ذاتي خيالُ آهي تہ رُومانويت لوڪ پسند نہ پر دل پسند ٿيندي آهي. اجتماعيت جي برعڪس رُومانويت، ليڪڪ جي ذات کي ادب ۾ وڏيڪ اوسر ۽ نِکارُ ڏئي ٿي.

خالده نسرين جي شاعريءَ ۾ ڪجھ ٻيا موضوع بہ آهن. سماجي سطح تي ايتري مايوسيءَ باوجود، هن جي غزلن ۾ هڪ اتساهڪ فضا آهي. ولولو آهي. نئين آس جا ڏيئا آهن. باکن جي نئين نويد آهي. الڪن جي زوال جي اميد سازي آهي. نين رُتن جي حسرت آهي. منزلن جي جاڳرتا آهي. زمانا سازي آهي. رائج سماجي قدرن جي شڪوه آهي. اُهو سڀ ڪجھ سندس رڳو ذهني ميراث مان ڦُٽي نہ نڪتو آهي، پر اُن لاءِ هُن اندر جي تخليقي خيالن کي بہ فڪري سونهن بخشي آهي. انڪري ايئن چَئجي تہ ڪرافٽ کي هُن چڙهَ پاڳ جو حصو بڻائي ورتو آهي. يقيناً هُن رياضت ڪئي آهي. هُن هڪ پورهيو ڪيو آهي ۽ ڪنهن جو بہ پورهيو وڃائڻ نہ گُهرجي:

نئين شام ايندي ڪٽي پاڻ سان شب،
سهي سُور سج پوءِ باکون ڇٽيندو.

اکين کي رهي ٿو اهو هاڻ اُلڪو
ڪڏهن باک ڦٽندي ڪڏهن ڏينهن ٿيندو.

متان ڪو گمان تون رکين هاڻ دل ۾،
وٺي هٿ سان توکي ڪو منزل ڏي نيندو!

زماني ڪيو آ قدر ڪنهن جو جيئري،
سو "نسرين" جو پڇي قدر پوءِ ٿيندو.

خالده جي هِن ديوان ۾ حقيقت شناسي بہ آهي تہ حالتن جو ادراڪ بہ آهي. سماج جي روين جو مُشاهدو بہ آهي. اصلاحَ بہ آهي. شعوري هدايت بہ آهي. زماني جو تجربو بہ آهي. روشن خيالي بہ آهي تہ ڪڙا سچَ بہ آهن. عاجزي بہ آهي تہ سُڏڪا بہ آهن. سندس شاعريءَ ۾ تلخ حقيقتن جي تصوير ڪشي بہ ڏاڍي گهري انداز ۾ ڪئي وئي آهي. سندس شاعريءَ ۾ ننڍي وزن کان وڏن وزنن تي طبع آزمائي ٿيل آهي. خالده ديوان سرجڻ وقت ڪنهن ڏُکيائيءَ مان گذرندي نظر نٿي اچي. هونئن قافيا وار يا رديف ـ وار غزلن سرجڻ لاءِ وسيع علم، وسيع تجربو ۽ وسيع فن جي ضرورت هوندي آهي. خالده نسرين ڪنهن نہ ڪنهن طرح هِن پنهنجي ديوان ۾ پنهنجي علمَ، تجربي، مشاهدي جي لحاظ کان ڪافي بهتر نڀايو آهي:

خدا خود کي سڏائڻ آ، صفت فرعون جي نادان!
بندا آهيون اسان انسان، پڏايون ڇو وڏايون ڇو؟

ڏسي ليکا نصيبن جا ڇڏي هٿ پير ڇو ويهون!
ڪري تدبير ريکائون نيون پاڻهي نہ ٺاهيون ڇو؟

هيءَ دنيا اَڻ پُوري آهي، اُها ڳالھہ حساس تخليقڪار وڌيڪ شدت سان محسوس ڪري سگهي ٿو. تڪميل ۽ مُڪملتا هن مادي دنيا جي تہ ٿيڻي ئي نہ آهي. دنيا ۾ هر ڪو پنهنجو ڪردار ادا ڪري هليو وڃي ٿو. انت تہ عرفانيت آهي، جنهن لاءِ گهڻو ڪُجھہ گُهرجي ٿو. تيز رفتاريءَ هِن دَور جي انسان لاءِ وڌيڪ پيچيدگيون جنميون آهن. زندگي جيئڻ پوءِ تيئن مشڪل ٿيندي پئي وڃي. اليڪٽرانڪ شين ۽ نئين اليڪٽرانڪ رشتيداريءَ پراڻن سماجي قدرن جو زوال آڻي ڇڏيو آهي. علمَ هاڻي واپار بڻجي ويا آهن. علمن کي ڏاهپ تخليق ڪرڻي هئي. پر علم وِڪري ۽ خريداريءَ جي مڪينزم تائين محدود ٿي ويا آهن. علم جا دُڪان تہ سَجايل آهن، پر ذهانت بازار جو سودو ڪونهي. شِيشي جون ڍِگهيون ديوارون آهن، پر اخلاقي سطحَ تي انسانيت جي اُبتڙ حيوانيت جو دَور نظر اچي رهيو آهي. تهذيبي شعور جي

رڪَ پئي اُڏامي. اِهڙي غير نظرياتي، غير منطقي دَور ۾ خالده نسرين، اِهڙي ادراڪ کي پنهنجي فن ۾ پُوئي نهايت ڪاريگريءَ سان پيش ڪندي، جڻ تہ هُوءَ هِن عمد کي هڪ قابل نقاش جيان اُڪري نروار ڪري ٿي:

اڄ لڳي ٿو ڄڻ هجون پٿر جي جهوني دور ۾،
فرق ناهي ڪجھہ رهيو ماڻھوءَ مرونءَ ۽ ڍور ۾.

ڪِر نتيجو ڪونہ نڪتو فلسفي يا راءِ جو،
ڪا ڪمي منطق ۾ آ يا سوچ، فڪر ۽ غور ۾.

هونئن تہ سنڌي شاعري ماضيءَ کان حالَ تائين رومانٽسزم ۽ مزاحمت کان سراسري طور اڳتي نڪري نہ سگهي آِهي. دنيا جهانن جي ٻين فلسفن، مثال طور: اولھہ جي جديد فلسفي توڙي عجم جي فلسفي کي جديد سنڌي شاعريءَ ورلي ڪو "اٽي ۾ لوڻ جيترو" ڇُهيو آهي. اُن جا انيڪ ڪارڻ آهن. پر وڏو ڪارڻ مطالعي جي کوٽ ۽ دنيا جهان ڏانهن عدم دلچسپي آهي. چند شاعرن کان سواءِ شاعرن جو چڱو خاصو تعداد صرف پنهنجي مخصوص حلقي جي شاعري پڙهي، واھہ واھہ ڪري ٿو. تنقيد جيتري بہ ٿئي ٿي، برداشت ڪندڙ صرف آڱرين تي ڳڻن جيترا بچن ٿا. سموري دنيا مسئلستان آهي. ڪيئَين حادثا سنڌي شاعريءَ جو مُنهن مُهانڊو بہ ڏسي نہ سگهيا آهن. ويهين صديءَ کان ايڪهين صديءَ تائين دنيا ۾ ڪئين انساني آزاديءَ جون تحريڪون اُپريون آهن. فلسفن پنيان رد فلسفا آيا آهن. مهابيانن، جن دنيا کي ڪائنات ۽ سماج جو شعور ڏنو ۽ زندگيءَ گذارڻ جا دستور عنايت ڪيا، تن جي فطرتي سنيهي تي بہ آڱريون کڄي ويون آهن. بلاڪَ ٽُٽا آهن. ڪيترن ئي نظرين جا گهر سَڙيا آهن. انساني ذهني لاڙن ۾ هڪ ڀونچال آيل آهي. عقل تي بي اعتمادي غالب وئي آهي. سائنس انسان کي مڪمل طرح دريافت ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي. مافوق الفطرت شين ڏانهن رجحان موٽي آيا آهن. سموري دنيا ۾ پورهيتن جي استحصال ۾ واڌ آئي آهي. پر پورهيت کان سماج جي هڪ طبقي هجڻ واري حيثيت بہ ڦُري وئي آهي. هن دَور جي سرمايادار طبقي هڪ ڪنزيومر سوسائٽي پيدا ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل

ڪري ورتي آهي. اهڙن انيڪ ٻين عالمي حادثن کي جديد شاعري پنهنجي گرفت ۾ آڻي نه سگهي آهي. جيڪو هن دور جي سنڌي شاعريءَ جو هڪ وڏو الميو آهي. ان جي باوجود خالده نسرين جا موضوع سنڌ ۽ سنڌي سماج جا پرجهلا نظر اچن ٿا. هُن جيترو به سنڌي سماج جي مسئلن کي ڇُهيو آهي ته ڏاڍي ڪرافٽ سان ڇُهيو آهي. هُن سنڌ جي پورهيت ڪلاس کي به بنيادي اهميت ڏني آهي. هوءَ مزدور کي پراڻن دستورن جو ردُ سيکاري ٿي ۽ پنهنجي حقن جي حصول خاطر اتساهي ٿي:

دستور سڀ پراڻا مزدور ڪر تون رد،
ناسور ٿي ويا جي منشور ڪر تون رد.

همت ذري ڪپي ٿي حق جي حصول لئہ،
مجبور ٿي ڪيو جو منظور ڪر تون رد.

انڌير آ مچايو معذور فڪر فن!
گهرجي نہ روشني ٿي بي نور ڪر تون رد.

ڪيڙي ٻني تون هاري، پوءِ پيِ سمهين ٿو بُک،
پرجي نہ پيٽ جنهن سان تندور ڪر تون رد.

خالده نسرين جي شاعريءَ ۾ مزاحمتي رنگَ به نظر انداز ڪرڻ جهڙا نہ آهن.سندس مزاحمت جو هڪ وڻندڙ روپ تہ اُها اصطلاح نگاريءَ آهي، جيڪا نهايت گهري علامتي سازيءَ ۾ آهي. سندس شاعريءَ جي وڏي خاصيت هي آهي تہ اُها لڪل رخَ به رکي ٿي. اُها انفرادي سطح تي به وٺي سگهجي ٿي تہ اجتماعي سطح تي بہ پوري لهي ٿي. مزاحمت ۾ هوءَ پُر اميد آهي. هوءَ بحيثيت شاعره مزاحمتي اعتبار کان صرف پنهنجي ذات لاءِ نہ، پر سموري جڳ جي سوجهري جي ڳالهہ ڪري ٿي:

جيسين ڦُٽي نہ باک ڪا تيسين ٻري صباح،
سمجهي ٿو سوجهري جو جڳ جنهن کي اصطلاح.

طوفان جو نہ تنھن ۾ ٿورو بہ ڏوھ ھو
ٻيڙي کي ڳن ۾ آڻي ٻوڙي ويو ملاح.
(خالده نسرين)

خالده جي شاعري ظلم، ڏاڍ، بربريت، ڌڪاءَ، وحشت ۽ ناانصافيءَ جي خلاف شاعري آهي. هوءَ جڳ کي امن ۽ انصاف پرئي سماج جو تصور ڏئي ٿي. جنگ ۽ جدل جي خاتمي جو خواب ڏسندڙ شاعري آهي. اجتماعي سازشن خلاف مزاحمتي تصوير ڪشي ڪندڙ شاعري آهي. هوءَ ظلمتن جي ڏينهن جي ختم ٿيڻ جي سُڌ ڏئي ٿي:

هڪ ڏينهن اهڙو ايندو رهندو نہ جڳ ۾ ڏاڍ،
ڪو شخص ڪنهن جو ناحق، سهندو نہ جڳ ۾ ڏاڍ.

هٿيار حرفتن جا ويندا فنا ٿي نيٺ،
ڪاتي جيان پو ڪنڌ تي، وهندو نہ جڳ ۾ ڏاڍ.

هِن انتظار ۾ ڇا؟ ٿيندي حياتي پوري!
ڏاڍن تي ڏاڍو ٻڻجي لهندو نہ جڳ ۾ ڏاڍ.
(خالده نسرين)

سنڌي شاعري ڪيتري بہ جديد ترين ٿي وڃي، پر ڌرتيءَ جي ٿڌي ڪوسي واءَ سان وساري نٿي سگهي. هر شيءِ جي ارتقا ٿئي ٿي. سنڌي لوڪ ڏاهپ، سنڌي ڪلچر، سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي بہ هڪ تاريخ آهي. سنڌي شاعري، پنهنجي ماضيءَ جي فڪري تهذيبي اولڙن ۽ عڪسن جي ڇانوَ ۾ پلجي وڌي ٿي آهي. پر ماضيءَ جي شاعرن پنهنجي عهد جي حادثن، سُکن ۽ ڏُکن توڙي روايتن کي ڪيئن ڏٺو ۽ ڪيئن پيش ڪيو؟ اڄ جا شاعرَ ساڳين تهذيبي عروجن ۽ زوالن کي ڪيئن ٿا ڏِسن، تنهن ۾ فڪري زاوين جو فرق ٿيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ ماضيءَ کان تيز تہ نہ پر آهستي آهستي ارتقا ڪئي آهي. ڪجهہ سماجي اوسر اڳتي وڌي آهي. اڄ جي سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙا فرق انتهائي ٿورا آهن. آڱرين تي ڳڻڻ جيترا بہ شاعر نہ آهن. جن ايئن

ڪيو هجي. ٻن ٽن ڪيو تہ خير آهي. اُهو ڪو مجموعي لاڙو يا تخليقي ڪارنامو نٿو چَئي سگهجي. اهڙي ماحول ۾ خالده نسرين لوڪ روايتن کي موضوعي دنيا سان واڳيندي، اُنهن کي لوڪ استعارن ۽ رمزيت ۾ ڪاميابيءَ سان پيش ڪري ٿي:

پيجل نہ چنگ جي تون ڪا ڇيڙ تار تند،
هي ساز تنهنجو آهي، مون لاءِ چار ڦند.

منهنجي خيال ۾، خالده نسرين جي ديوان جي فن طرف ڏسجي تہ سڀ کان اول تہ ڪنهن بہ رديف وار يا قافيا وار ديوان سرجڻ وقت ٻوليءَ تي قدرت جو هجڻ لازمي آهي. ٻوليءَ تي قدرت حاصل ڪرڻ لاءِ شاعر/ شاعره جو ٻوليءَ بابت نہ صرف مضبوط حافظو ضروري آهي، پر ٻوليءَ جي علم، مُشاهدي يا تجربي جي بہ گهڻي گُهرج آهي. ديوان سرجڻ، ڪو آسان تخليقي پورهيو ڪونهي. موضوعاتي طور تي بہ هڪ شاعر/ شاعره وٽ وسعت جو هجڻ لازمي آهي. اُنهيءَ ڪان سواءِ جيئن تہ ديوان غزليہ شاعريءَ جي زينت بڻجن ٿا ۽ غزل هڪ عروضي صنف آهي. انڪري شاعر يا شاعره وٽ عروض جي بہ سٺي ڄاڻ هجڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ مختلف موضوعن ۽ خاص ڪري "الف"، "ب" کان "ي" تائين وارن اکرن سان، رديف يا قافيا سرجڻ وقت، مختلف بحرن ۽ مختلف وزنن تي طبع آزمائي ڪرڻي پوي ٿي. ان کان علاوه خود غزل جي صنفَ، ماضيءَ کان موجوده وقت تائين جيڪا فني ۽ فڪري اوسر ڪئي آهي، ان کي بہ ذهن ۾ رکڻ جي ضرورت آهي. ان سموري پس منظر ۽ پيش منظر کي سامهون رکي، جيڪڏهن خالده نسرين جي هِن ديوان جو جائزو وٺجي ٿو تہ هُوءَ سولن بحرن کان ڏکين بحرن جي وزنن تي ڪافي بهتر نموني طبع آزمائي ڪندي نظر اچي ٿي. فٽ پٽيءَ تي تہ سندس وزنن جي ڪٽ ڪونہ ڪبي. جيئن پراڻي عَروضي تنقيد ۾ ڪيو ويندو هو. علم عَروض سنڌي ٻولي جي مزاج سان سئو سيڪڙو مطابقت نہ ٿو رکي، اُن ڪري هر شاعر يا شاعره عروض ۾ ڪجهہ سهولت چاهي ٿو. منهنجي خيالَ موجب، ڪِٿي ٻوليءَ جي فني صحت خاطر عَروضي ماترائن جي گهٽ وڌائي قربان

ڪري سگهجي ٿي. ڪٿي وري خيال جي خوبصورتي پيش ڪرڻ جي عيوض، عَروضي سختيءَ کي قربان ڪرڻو پوي ٿو. خالده نسرين وٽ بہ ايتري وڏي ديوان سرجڻ ڪري يقيناً ائين ٿيو هوندو. خود خالده نسرين وٽ شاعري/غزل/مصرع/سِٽ يا ديوان بابت، جيڪو فڪري خاڪو آهي، ان بابت هوءَ هڪ سٽي سِٽ کي بہ تخليقي سعادت سمجهي ٿي. عروض تي بہ هوءَ پاڻ پنهنجو اظهار پنهنجي ئي غزلن ۾ ڪري ٿي:

مون تي لهي مٿان کان پهچي ٿي توڙ مصرع،
پوئي غزل ٿي پورو مضبوط نوڙ مصرع.

پيڙي خيال جي ڪا ترندي وڃي بحر ۾،
گهٽ وڌ ڪري وزن تون پنهنجي نہ ٻوڙ مصرع.

مفعول　فاعلاتن　مفعول　فاعلاتن،
پوري عروض تي آ ڪيڏي بہ توڙ مصرع.

منهنجي خيالَ موجب، هڪ ديوان، جنهن ۾ قافيي يا رديف جي ”الف ـ ب“ واري ترتيب تي نظم يا غزل لِکٽا پون ٿا، سو ڪم تخليقيت کان وڌيڪ مڪينڪي بڻجي وڃي ٿو يا پريڪٽس جي تاريخ بڻجي وڃي ٿو. ڪو بہ تخليقڪار ڪيتري بہ ڪوشش ڪري، پر هُن کي معيار جي برعڪس مقدار تي پاڙڻو پوي ٿو. مقداري نوعيت جو سڀ پورهيو سون ڪونہ ٿيندو نہ ٿي سگهندو. تخليقڪار يا تخليقڪاره ننڍي هجي يا وڏي مقدار جي نوعيت جو ڪم ٻاڙو بہ هوندو تہ سريلو بہ ٿي سگهي ٿو.

هِن ديوان جي غزلن جي تشڪيل طرف ڏِسجي تہ ڪافي غزل نهايت سندر ۽ سياويڪ آهن. ڪي غزل تشڪيلي يا بيهڪي طور نظم نما تہ ڪي بيت نما، تہ ڪي ڪافي نما آهن. اِنهن جي پيشڪش يا سٽاءَ بہ اهڙو آهي. ڪافي غزلن ۾ رنگ غزل آهي، غزل جو مزاج آهي، غزل جو اسٽائل آهي. جمالياتي خوشبوءِ آهي. خوبصورت تشبيهون، خوبصورت استعارا، خوبصورت علامتون ۽ وڻندڙ ترڪيبي ٻولي آهي. خالده نسرين وٽ هڪ

شاعره جي حيثيت ۾ ٻوليءَ جي استعمال تي هڪ قدرت آهي. اُنڪري هُوءَ اهڙو سگهارو ديوان سرجي سگهي آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻوليءَ تي دسترس کان سواءِ اهڙو ديوان لِکي ئي نٿو سگهجي. خالده نسرين جي شاعريءَ جي هڪ اهم خاصيت سندس منفرد انداز آهي. موجوده دَور ۾ اڪثر شاعرن جي اسلوب ۾ بہ ساڳيائپ آهي. پر خالده وٽ پنهنجو نرالو اسلوب آهي، جيڪو سندس شاعريءَ جي انفراديت ڏيکاري ٿو :

چوٽيءَ تي شاعري جي پهچي ٿو ڪو ئي شاعر،
فن جي هماليہ تي پهچي ڪا ڪوڙ مصرع.

ديوان ۾ "الف" کان "ي" تائين جي غزل هن،
تن ۾ ڪا شاعري جي هوندي نچوڙ مصرع.

خليق ٻگهيو
مورو
02 آگسٽ 2021ع

پنهنجي پاران:

ورق کي اتهاس جام 'نسرين' تون اٿلائي ڏس!

شاعري الهام ٻه آهي تہ فن ٻہ، آمد ٻہ آهي تہ آورد ٻہ. جنهن ۾ مواد ۽ هيئت سان گڏ تحرڪ ٻہ لازمي آهي. احساس کي اظهار گهرجي ۽ اظهار کي لفظن جو وسيلو. ڪي شاعر فطري طور موزون طبع کڻي پيدا ٿيا آهن. جن کي قدرت تمام گهڻي فياضيءَ سان شاعريءَ جي ذوق، شوق ۽ ذات سان نوازيو آهي، پر تنهن هوندي بہ شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪرڻ لاءِ، علم عروض جي ٿوري گهڻي ڄاڻ ضروري آهي. علم عروض هڪ وسيع ۽ پيچيده علم آهي، جنهن ۾ شاعريءَ جي ٽيڪنيڪل جوڙجڪ، اصطلاح، اصول ۽ قاعدا، بحر وزن، تقطيع، زحافات، علم قوافي وغيره شامل آهن.

ٻولي ساڪن ۽ متحرڪ با معني لفظن جو مجموعو آهي. هر ٻوليءَ جا پنهنجا ڏار اچار هوندا آهن. لفظن جي صحيح اُچار لاءِ زير، زبر، پيش، شد، مد، جي خاص اهميت آهي. ڪئين لفظ اهڙا آهن، جيڪي لکڻ ۾ هڪڙا، پر پڙهڻ يا ڳالهائڻ ۾ ٻيا آهن، مثال طور، لکڻ ۾ خواب، خوشي وغيره اچي ٿو، پر پڙهڻ ۾ خاب، خُشي ٿيو وڃي. لفظ؛ Trisyllabic Bisyllabic, Monosyllabic بہ ٿي سگهن ٿا، جيئن تہ، غم، درد، ڏڪايل وغيره. موزون يا پابند شاعريءَ جو سڄو دارومدار ئي ٻوليءَ جي گرامر جي ڄاڻ ۽ صحيح اچار تي آهي. لفظن جي تجزئي ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ، ڪنهن لفظ يا جملي جو بنيادي جز يا حصو هڪ حرفي يا ٻہ حرفي يا ٽہ حرفي آواز آهن . عروضي زبان ۾ اهڙن آوازن کي باقاعده نالا ڏنل آهن . جنهن آواز لاءِ ٻہ اکر ڪتب اچن ٿا، تن کي 'سبب' ۽ جنهن ۾ ٽي آواز اچن ٿا، تن کي 'وَتَد' چئجي ٿو.

جهڙيءَ ريت، صنف شاعريءَ جا ڪئين قسم آهن، تهڙيءَ ريت،

شاعريءَ کي سهيڙڻ جا ٻہ ڪئين طريقا مروج آهن. جيئن:

ڪليات: جنهن ۾ شاعر جو ڪل ڪلام جمع ڪري شايع ڪجي ٿو ڪليات ۾ ترتيب جي ڪا بہ پابندي ڪانہ هوندي آهي.

تذڪرو: جنهن ۾ شاعر جي منتخب ڪلام سان گڏ سندس زندگيءَ جو احوال بہ درج ڪبو آهي. هن ۾ ڪوبہ اصول جوڙي تنهن مطابق شعر ترتيب ڏنا ويندا آهن.

بياض: هن ۾ رڳو شاعرن جو پسنديده ڪلام درج هوندو آهي جنهن جي ڪا ترتيب ڪانہ هوندي آهي ۽ ان ڪان سواءِ ديوان وغيره.

هاڻ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ديوان ڇا کي ٿو چئجي؟ اصطلاح ۾ ’ديوان‘ ڪنهن بہ شاعر جي غزلن جي ان مجموعي کي چئجي ٿو جنهن ۾ الف ڪان وٺي ي تائين سلسليوار قافيي يا رديف وارو ڪلام شامل هجي.

مون بہ هي ديوان روايتي طور وضع ٿيل اصول مطابق ترتيب ڏنو آهي. جيتوڻيڪ هن جديد دور ۾ ديوان لکڻ جي روايت متروڪ ٿيندي پئي وڃي، پر تنهن هوندي بہ همٿ ساري اٿم.

سنڌي شعر جي تاريخ تي، نظر ڊوڙائڻ سان خبر پوي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن مان، پهريون صاحبِ ديوان شاعر آخوند گل محمد ’گل‘ آهي. ’گل‘ ٽالپرن جي دور جو شاعر آهي، سندس جنم سن 1808 عيسويءَ ۾ هالا پراڻا جي سانوڻي آخوندن ۾ ٿيو. خليفو گل محمد’گل‘ پوئين عمر ۾ حج جي ارادي سان بمبئيءَ مان لنگهندي، ڪجھ وقت اتي ترسي، پنهنجو ديوان ليٿو ۾ ڇپرايو هو اڪثر تجزيہ نگارن سندس ديوان ڇپجڻ جو سال 1855ع ۽ وفات جو سال 1856ع ڏنو آهي، پر ليٿو وارو ديوان ڏسڻ سان ان جو سال 1858ع معلوم ٿئي ٿو ۽ هن وفات 1859ع ۾ ڪئي. گل اهو پهريون سنڌي شاعر سمجهيو وڃي ٿو جنهن غزل ۾روائتي فارسي تشبيهن، اصطلاحن ۽ اوپري ماحول بدران نج سنڌي روائتن کي رائج ڪيو. هن شاعر جي ديوان جي خاص خوبي نج ٻولي، ڏيهي ماحول معنوي صنعتون استعارا، تشبيهون ۽ اصطلاح آهن. خليفو گل محمد ’گل‘ اهو پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن

روائتي قديم ڪلاسيڪي شاعريءَ جي صنفن ڪان هٽي! غزل سان نينهن لاتو ۽ پارسي مضمونن، مزاج کي قائم رکڻ سان گڏوگڏ سنڌي معاشري ۽ ماحول پٽاندر نَوان مضمون ۽ موضوع آڻي غزل ۾ وسعت پيدا ڪئي. تنهن ڪان پوءِ تہ باقاعدگيءَ سان اهو سلسلو شروع ٿي ويو جيڪو اڄ ڏينهن تائين جاري آهي.

باقي سنڌي ٻوليءَ جي پهرين صاحبِ ديوان شاعر عورت جي باري ۾ تاريخ خاموش آهي. شايد اهو اعزاز منهنجي حصي ۾ اچي.

هتي اردو ٻوليءَ جي پهرين 'صاحبِ ديوان' شاعر جو ذڪر بہ ضروزي ٿي سمجهان. اردو ٻولي جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ اردو زبان ۽ ادب کي عروج دکن ۾ حاصل ٿيو. سلطنت قطب شاهيءَ جو پنجون سلطان محمد قلي قطب شاه. جنهن جي جنم جو سال 1565عيسوي آهي ۽ سندس وفات سن 1612 عيسويءَ ۾ ٿي ،اردوءَ جو سڀ ڪان پهريون صاحب ديوان شاعر هو ۽ عورتن ۾ وري ماه لقا چندا بائي ۽ لطف النساءَ امتياز کي اولين صاحبِ ديوان هئڻ جو شرف حاصل آهي.

منهنجو شاعريءَ سان نينهن جو ناتو ازل ڪان جڙيل آهي، پر ديوان لکڻ جو خيال ڪيئن ۽ ڪڏهن آيو سو ياد ڪونہ اٿم. ٻاراڻن ٻولن ڪان وٺي ديوان تائين جو سفر ڪو عام سفر ڪونہ هو. شاعري جي وروڪڙن سان واقفيت جيئن جيئن وڌندي وئي، تيئن تيئن اهي پيچرا ۽ پار مون کي ڪنهن اڻ ڏٺي منزل ڏانهن اتساهيندا رهيا. منهنجي شاعريءَ جا ٻہ مجموعا "پيڙا جي پاتار ۾"۽ " چنڊ مٿي آڪاس" بہ اندر جي لوچ پوچ کي مانُو ڪين ڪري سگهيا. اڃا ڪجھ اور جي ڳولا نيٺ عروض جي ڪنڌيءَ تي آڻي رسايو.

سڄي دنيا ۾ ڪووڊ 19 ڦهلجڻ سبب هڪ ملڪ ڪان ٻئي ملڪ اچڻ وڃڻ جا وسيلا بند ٿي چڪا هئا. هن ڦهري وبا جي خوف ڪان ماڻهو گهرن ۾ ٿي محصور هئا. تنهن وقت مان انگلنڊ ۾ هئس، جمازن جي نہ هلڻ ڪري اتي قيام طويل ٿيندو ويو واندڪائيءَ جي وندر رڳو لکڻ ۽ پڙهڻ هو سوچيم تہ ڇو نہ موقعي جو فائدو وٺندي اهو وقت علم عروض سکڻ ۾ لڳايان.

پڙهڻ ۾ ڪتابي مواد هٿ ڪرڻ ممڪن ڪونہ هو سو عروض سکڻ ۽ سمجهڻ جي خواهش مون کي انٽرنيٽ جي مدد وٺڻ تي مجبور ڪيو مختلف ويب سائيٽس تي عروض جي ماهرن جا ليڪچر ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جو موقعو مليو. پاڪستان واپس اچي عروض جي موضوع ۽ فني گهاڙيٽن تي مختلف ڪتابن جو مطالعو بہ ڪيم. تنهن وچ ۾ مسلسل مشق بہ جاري رکندي آيس. عروض سکڻ جي شوق غزل جو ذوق پيدا ڪيو تنهن شوق ۽ ذوق غزل سان پيچ اٽڪايو. غزل سان پيار نيٺ مون ۾ ديوان لکڻ جو اُتساهہ پيدا ڪيو. ڪئين ڪچا ڦڪا غزل سرجندا ويا، تن کي سهيڙيندي ويس. وقت بوقت انهن ۾ ترميم توڙي تصحيح بہ ڪندي رهي آهيان. جڏهن کان علم عروض جي سمنڊ ۾ پير پاتو اٿم، تنهن گهڙيءَ کان هن گهڙيءَ تائين عروض جا ڪئين اسرار کلندا پيا وڃن.

جيئن جيئن هن بحر ۾ اڳتي گهڙندي پئي وڃان، تيئن تيئن هن علم کي سمجهڻ جا زاويا بہ بدلجندا پيا وڃن. جيڪا رمز جيئن اڄ سمجهڻ ۾ اچي ٿي، تنهن کي مطالعي جي وسعت، علم ۽ ادراڪ جا نوان درڪولي، ڪنهن نئين رخ سان سمجهائي ٿي، پر هن بحر جو تہ ڪو انت ئي ناهي!

جيئن تہ ادب جا ٻہ بنيادي قسم آهن: هڪ نثر ٻيو نظم، ٻنهي جو دارومدار لفظن تي آهي. وزن ئي اهو واحد عنصر آهي، جيڪو ٻنهي جي وچ ۾ فرق واضح ڪري ٿو وزن جي پروڙ علم عروض جي مدد سان ئي ممڪن آهي، عام طور چيو ويجي ٿو تہ شاعريءَ جو پهريون ۽ بنيادي شرط وزن آهي. شعر جي تخليق سان گڏ پڪ وزن بہ تخليق ٿيو هوندو. تڏهن کان ئي اهي ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم ٿي ويا آهن. شعر جي وزن کي پرکڻ لاءِ بحر جي ساهميءَ ۾ مقرر ماڻ ماپ مطابق تورڻ کي وزن چئجي ٿو جنهن جو دارومدار تقطيع تي آهي، تقطيع جي لغوي معني 'ٽڪرا ڪرڻ' آهي، ڪنهن شعر کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري بحر ۽ وزن معلوم ڪجي ٿو.

ڪنهن بہ شعر جي وزن کي جاچڻ جو واحد طريقو تقطيع ئي آهي، علم عروض کي تقطيع جي مشق کان سواءِ سمجهڻ ۽ سکڻ ممڪن ئي ناهي.

تقطيع مڪتوبي نہ پر سدائين ملفوظي هوندي آهي.

ٻين ٻولين وانگر سنڌي شاعريءَ ۾ بہ شاعريءَ جا ڪئين قسم رائج آهن، جن کي ٿلهي ليکي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي ٿو: هڪ موزون شاعري ٻي غير موزون شاعري، پابند يا موزون شاعري ۾ وري سڀ کان گهڻي اهميت ۽ پذيرائي غزل کي حاصل آهي. جيتوڻيڪ غزل جي روائتي وصف عورتن سان ڳالهيون ڪرڻ يا عورتن سان مخاطب ٿيڻ چئي ويجي ٿي، جنهن ۾ حسن وعشق، هجر و وصال توڙي محبوب جي نازانداز جا مضمون بيان ٿيل هجن. پر اها اتساهيندڙ ڳالهہ آهي تہ غزل ارتقائي دور کان وٺي پنهنجي اوسر تائين انيڪ مرحلن مان گذرندي، پراڻن گهاڙيتن ۾ نت نوان موضوع ۽ مضمون کڻي، جنهن پختگيءَ ۽ بلوغت تي پهتو آهي، تنهن ۾ وقت سان گڏو گڏ بدلجندڙ فڪري رجحانن ۽ ذهني لاڙن جو بہ وڏو هٿ آهي.

روائتي شاعريءَ ۾ خاص طور غزل لاءِ ڪجهہ اصول ۽ شيون لازم آهن، جن ۾ وزن، بحر ، قافيو ردیف وغيره شامل آهن . اهڙي قسم جي شاعري جيڪا وزن ۾ هجي، تنهن کي 'موزون ڪلام' چئجي ٿو.

غزل اختصار سان خيال جي اظهار جو سڀ کان سهڻو ذريعو آهي، جيئن ڪنهن ڪوزي ۾ دريا کي سموئجي تيئن ئي هڪ شعر جي ٻن مصراعن ۾ هڪ پورو مضمون يا خيال بيان ڪجي ٿو. ڪنهن بہ غزل جي هڪ شعر کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ٻن مصراعن جو هجڻ ضروري آهي.

هڪ شعر جو ٻي شعر سان ربط ضروري ڪونهي، جيتوڻيڪ غزل جي هر شعر جو وزن هڪجهڙو بيهارڻ لازم آهي، پر ڪن صورتن ۾ ڪجهہ رعايت بہ ڏنل آهي.

هر شعر جي ٻي مصرع جي پڇاڙيءَ ۾ قافيي کان پوءِ ساڳيو رديف ڪتب آڻجي ٿو. غزل جو هڪ قسم رديف کان سوا بہ رائج آهي، رديف واري غزل کي مردف ۽ بغير رديف واري غزل کي غيرمردف چئجي ٿو. مون ٻنهي قسم جي غزل تي طبع آزمائي ڪئي آهي. رديف کان اڳ جيڪي هم آهنگ لفظ اچن ٿا، تن کي قافيو چئون ٿا. هر غزل جو آغاز مطلع سان ۽ اختتام مقطع

سان ڪجي ٿو پهرين مطلع کي مطلع اول يا اوليٰ، ٻئي کي مطلع ثاني يا حسن مطلع چئجي ٿو. غزل جي آخري شعر يعني مقطع ۾ شاعر گهڻو ڪري پنهنجو تخلص شامل ڪندو آهي، جنهن جي ڪري سندس غزل جي ڊار سڃاڻپ ٿئي ٿي. عام طور تي غزل ۾ پنجن کان پندرهن شعر ٿين ٿا.

اهو ڪو ضروري ناهي تہ بحر وزن تي پورو لهندڙ شعر اعليٰ هجي. شعر جي سٺي يا خراب هئڻ جو فيصلو شعر جي صنائع بدائع جي روشنيءَ ۾ ڪجي ٿو.

سنڌي شاعريءَ ۾ وزن جا ٻہ سرشتا مروج آهن. هڪ موسيقيءَ تي آڌاريل ڇند ودياءِ ٻيو عربيءِ فارسي علم عروض آهي. ٻئي قاعدا ٻوليءَ جي لفظي آهنگ مطابق شاعريءَ لاءِ واپرايا وڃن ٿا. قديم سنڌي شاعريءَ تي ڇند وديا جو گهرو اثر آهي. اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن قاضي قاضن (1484ـ 1551) عيسوي کان وٺي سچل (1739ع ـ1827ع) ۽ ٻين هم عصر توڙي بعد جي شاعرن تي ڇند وديا جي قديم علم ۽ موسيقيءَ جو غلبو آهي. تنهن دور جي ڪلاسيڪل شاعرن عروضي شاعريءَ تي بہ طبع آزمائي ڪئي، سنڌ ۾ عروضي شاعريءَ جا اهڃاڻ مخدوم عبدالرئوف ڀٽي (1682ع ـ 1752ع) جي مولودن ۽ جمن چارڻ جي مناجات مان ملن ٿا. ڪن محققن نورمحمد خستہ کي پهريون غزل گو شاعر سڏيو آهي، جيڪو مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي شاگردن منجهان هو تنهن دور ۾ ٻيا بہ غزل گو شاعر ملن ٿا. جن مان مرزا تقي، حافظ عالي، ميان ڇتن وغيره خاص طور تي قابلِ ذڪر آهن. انهن شاعرن جي حاصل ٿيل ڪلام مان پروڙجي سگهجي ٿو تہ ڪلهوڙن جي دور ۾سنڌي غزل جي شروعات ٿي چڪي هئي. تنهن کان پوءِ ٺٽڙ ۽ شڪارپور جي شاعرن ۾ بہ اهي اهڃاڻ ملن ٿا. جيئن تہ ننڍي کنڊ ۾ پارسي شاعري ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ رائج ٿي، ڪلهوڙن جو دور سنڌ ۾ پارسي شاعريءَ جي اوسر ۽ ارتقا جو دور ليکيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ عربي ۽ فارسي علم حاصل ڪرڻ جو ذريعو هئي، تنهنڪري عربي ۽ پارسي ٻولين کي پڙهڻ وارا علم عروض کان بہ واقف هئا.

ڪلهوڙن جي شڪست کان پوءِ سن 1782ع ۾ سنڌ تي ٽالپرن پنهنجي حڪمراني قائم ڪئي. اهي علم ادب جا سرپرست ته هئا، پر انهن مقامي ٻوليءَ جي بدران فارسيءَ کي دفتري زبان بڻايو . تنهن جو اثر سنڌي شاعرن تي به پيو ۽ اهڙيءَ ريت عروضي قاعدي ۽ اصول سان سرجيل شاعريءَ جو باقاعده رواج پيو.

انگريزن جي سنڌ تي قبضي کان پوءِ ڏارين جي حڪمراني ۽ سياسي حالتن مطابق انقلابي قوم پرستيءَ واري شاعريءَ بدران.حسن وعشق ,اخلاقي نڪتن ۽ تصوف تي آڌاريل شاعري زور ورتو. پرڏيهي حڪمرانن پنهنجي سياسي مفاد خاطر دفتري زبان پارسيءَ جي عملداري ختم ڪري سنڌي زبان کي رائج ڪيو. سنڌي زبان جيڪا عربي ۽ پارسي رسم الخط ملائي لکي ويندي هئي. تنهن کي سن 1852ع ۾ سر بارٽل فريئر جي ڪمشنريءَ واري زماني ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي سن 1853 ع ۾ سنڌي حرفن کي موجوده شڪل ڏني وئي .مون پنهنجو هي ديوان تنهن صورتخطيءَ جي آڌار تي ترتيب ڏنو آهي، جنهن ۾ عروض جي مختلف بحرن تي طبع آزمائي ڪندي ڪي تجربا به ڪيا اٿم.

علم عروض باقاعده وضع ڪيل تنهن اصول ۽ ٽيڪنيڪ جو نالو آهي، جنهن جي وسيلي شعر جي صحيح يا غلط وزن جي خبر پوي ٿي. جهڙيءَ ريت ڪنهن ڳهه ڳڻي کي ساهميءَ ذريعي توري تڪي وزن معلوم ڪجي ٿو تهڙيءَ ريت شعر جي وزن کي تورڻ جو ذريعو يا ميزان علم عروض ئي آهي.

علم عروض جو باني خليل احمد بصريءَ کي سمجهيو وڃي ٿو. جيڪو ١٠٠ هجريءَ ۾ بصري ۾ پيدا ٿيو هو. هن علم جو نالو ’عروض‘ ڪيئن پيو تنهن لاءِ ڪئين خيال عام آهن. تن مان هڪ خيال هي به آهي ته تنهن وقت مڪي جو هڪ نالو عروض به هو سو انهيءَ نسبت سان احمد بصريءَ هن جو نالو عروض رکيو. علم عروض عربيءَ کان فارسي ۽ پوءِ هند ۽ سنڌ جي شاعريءَ تي اثر انداز ٿيو.

هلندڙ دور ۾ اهڙن شاعرن جو تعداد گهٽ ٿي ويو آهي، جن کي هن علم تي ڪامل عبور حاصل هجي يا اهي عروض جي قاعدن ۽ اصولن کان مڪمل طور آگاهه هجن يا اهي هن فن ۾ استاد جو درجو رکنديءَ نئين ٿهيءَ جي شاعرن جي صحيح رهنمائي ۽ اصلاح ڪري سگهن.

منهنجي ناقص علم مطابق سالم 'افاعيل' جو تعداد اٺ آهي، انهن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. هڪڙا سباعي، يعني ستن اکرن وارا جيڪي تعداد ۾ ڇهه آهن (مفاعيلن، فاعلاتن، مستفعلن، مفعولات، متفاعلن مفاعلتن) ٻيا خماسي يعني پنجن اکرن وارا جيڪي تعداد ۾ ٻه آهن، (فعولن ۽ فاعلن). شاعريءَ ۾ افاعيل جون مختلف صورتون جوڙيون ويون آهن ۽ تن کي سڃاڻپ لاءِ نالا به ڏنا ويا آهن.

جيڪڏهن ڪو شعر تن صورتي نقشن تي پورو لهي ٿو تن کي ساڳي نقشي، نموني يا صورت سان منسوب ڪيل بحر ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

ڪي بحر پنهنجي سالم صورت ۾ ته ڪي غير سالم صورت ۾ مستعمل آهن، ڪئين ٻيا افاعيل انهن سالم افاعيل جون بدليل صورتون آهن، تن کي سالم افاعيل جا زِحاف چئون ٿا. زحاف سالم افاعيل جا ڪي حرف ساقط ڪري ٺاهيا وڃن ٿا. تنهن عملُ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل صورت پنهنجي اصل جي مزاحف چئبي.

هر زبان جي شاعريءَ ۾ پنهنجا بحر آهن، انگريزيءَ ۾ بحر کي ميٽر Metre چئجي ٿو.

مستعمل بحرن جو تعداد اڻويهه آهي، جن مان عام طور تي ٻارهن بحر وڌيڪ استعمال ۾ اچن ٿا. بحر ٻن قسمن جا آهن، هڪ 'مفرد' بحر، جنهن ۾ هڪ ئي رڪن جي تڪرار هوندي آهي، ٻيو 'مرڪب' بحر، جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ ارڪان هوندا آهن. سيئي بحر افاعيل جي مخصوص ترتيب سان سجاتا وڃن ٿا . شاعر پنهنجي مرضيءَ پٽاندر ڪنهن بحر جي افاعيل سان هٿ چراند نه ٿو ڪري سگهي. جهڙي ريت موزون شاعريءَ لاءِ وزن لازم آهي تهڙيءَ ريت بحر ڪان سوا پابند شاعريءَ جو تصور به نه ٿو ڪري

سگهجي.
هتي سنڌي توڙي اردوءَ جي شاعريءَ ۾ عام طور استعمال ٿيندڙ بحرن جو احوال بہ ضروري آهي
.بحر رجز: مُستَفعِلُن مُستَفعِلُن مُستَفعِلُن مُستَفعِلُن(چار پيرا).
.بحر رمل: فَاعِلاتُن فَاعِلاتُن فَاعِلاتُن فَاعِلاتُن (چار پيرا).
.بحر ڪامل : مُتَفاعِلن مُتَفاعِلن مُتَفاعِلن مُتَفاعِلن (چار پيرا).
.بحر مُتَقارِب: فَعُولُن فَعُولُن فَعُولُن فَعُولُن (چار پيرا).
.بحر وَافِر: مَفاعِلَتُن مَفاعِلَتُن مَفاعِلَتُن مَفاعِلَتُن (چار پيرا).
.بحرهَزَج : مَفاعيلُن مَفاعيلُن مَفاعيلُن مَفاعيلُن (چار پيرا).
.بحر متدارڪ: فاعِلُن فاعِلُن فاعِلُن فاعِلُن (چار پيرا)
.بحر مَديد : فاعِلاتُن فاعِلُن فاعِلاتُن فاعِلُن
.بحر طويل: فَعُولُن مَفاعيلُن فَعُولُن مَفاعيلُن
.بحر بَسيط: مُستَفعِلُن فاعِلُن مُستَفعِلُن فاعِلُن
.بحر جَديد: فَاعِلاتُن فَاعِلاتُن مُستَفعِلُن (هي بحر رڳو پنهنجي مزاحف ۾ مستعمل آهي)
.بحر خَفِيف: فَاعِلاتُن مُستَفعِلُن فَاعِلاتُن
بحرسَرِيع: مُستَفعِلُن مُستَفعِلُن مَفعُولات (هي بحر رڳو پنهنجي مزاحف ۾ مستعمل آهي)
.بحر قريب: مَفاعيلُن مَفاعيلُن فاعِلاتُن (هي بحر رڳو پنهنجي مزاحف ۾ مستعمل آهي)
بحر مُجتَث: مُس تَفع لُن فَاعِلاتُن مُس تَفع لُن فَاعِلاتُن
(هي بحر رڳو پنهنجي مزاحف ۾ مستعمل آهي)
.بحر مُضارِع: مَفاعيلُن فاعِ لاتُن مَفاعيلُن فاعِ لاتُن (هي بحر رڳو پنهنجي مزاحف ۾ مستعمل آهي)
.بحر مُقتَضَب: مَفعُولات مُستَفعِلُن مَفعُولات مُستَفعِلُن (هي بحر رڳو پنهنجي مزاحف ۾ مستعمل آهي)

.بحر مُنسَرح: مُستَفعِلُن مَفعُولات مُستَفعِلُن مَفعُولات

بحر وَافِر: مَفاعِلَتُن مَفاعِلَتُن مَفاعِلَتُن مَفاعِلَتُن (هي بحر رڳو پنهنجي مزاحف ۾ مستعمل آهي)

عروضي اركانن کي گهٽ وڌ ڪري مٿائڻ جي عمل کي زحاف چئجي ٿو. مثال طور: فاعلن کي فاعلان، مفتعلن کي مفعولن، مفاعلن کي مفاعلاتن ڪرڻ آهي، زحاف کان پهرين رڪن کي سالم ۽ زحاف کانپوءِ جيڪا صورت ٺهي ٿي، تنهن کي ان رڪن جي مزاحف شڪل چئون ٿا. عروض ۾ زحافات جو اصل انگ چاليهه جي قريب آهي، پر جديد عروض ۾ ڳٽپ جيترا زحافات مستعمل آهن. تمام سالم اركانن جا زحافات ٺاهڻ جا مختلف طريقا آهن، جن جي سڃاڻپ لاءِ ڪين مختلف نالا ڏنا ويا آهن. مثال طور: خَبَن، قَصر، تَشعيت، قَبض، قَطع وغيره جن مان ڪجهه جو احوال ڏيڻ هتي ضروري ٿي سمجهان.

(۱) خبن: ڪن افاعيل جو ٻيو حرف ڪيڻ کان پوءِ تن جي مٿيل صورت کي اصل افاعيل جو مخبون زحاف چئجي ٿو. خبن جو عمل رڳو فاعلاتن، فاعلن، مستفعلن ۽ مفعولات لاءِ ڪارمد آهي.

(۲) قبض: زحاف ٺاهڻ لاءِ ڪن افاعيل جي پنجين حرف کي ساقط ڪجي ٿو. هي رڳو فعولن ۽ مَفاعيلن لاءِ ئي ڪارآمد آهي.اهڙي عمل سان پيدا ٿيل زحاف کي مقبوض چئجي ٿو.

(۳) طي: زحاف ٺاهڻ جو هي عمل ڪجهه افاعيل جو چوٿون حرف هٽائڻ سان پورو ٿئي ٿو ۽ هي رڳو مستفعلن ۽ مفعولات تي لاڳو ٿئي ٿو. هن عمل سان پيدا ٿيل زحاف کي مطوي چئجي ٿو.

(۴) قصر: زحاف ٺاهڻ جي لاءِ ڪن مخصوص افاعيل جو آخري حرف خذف ڪرڻ سان پورو ٿئي ٿو . اهو عمل رڳو فاعلاتن، مفاعيلن، ۽ فعولن تي لاڳو ٿئي ٿو. هن عمل سان پيدا ٿيل زحاف کي مقصور چئجي ٿو.

(۵) قطع: زحاف ٺاهڻ لاءِ اهو عمل رڳو مستفعلن ۽ فاعلن تي نافذ ٿئي ٿو . جنهن ۾ هنن افاعيل جو آخري نون هٽائڻ کان پوءِ جيڪو حرف بچي

تنهن کي ساڪن ڪجي ٿو. اهڙي عمل سان پيدا ٿيل زحافات کي مقطوع چئجي ٿو.

اها ياد رکڻ جي ڳالهہ آهي تہ زِحافات شاعريءَ ۾ لازمي ناهن. اهو بہ ضروري ناهي تہ ڪنهن شعرجي هڪ مصرع ۾ ڪنهن افاعيل جو زحاف استعمال ڪجي، تہ ٻي مصرع ۾ بہ زحاف آڻجي.

جيتوڻيڪ، ڪو بہ علم سکڻ لاءِ عمر جي ڪا بہ حد مقرر ناهي، علم مهد کان لحد تائين حاصل ڪرڻ جو حڪم آهي . پر جيئن تہ علم عروض نهايت ئي وسيع ۽ پيچيده علم آهي ۽ مان تہ پاڻ کي اڃا بلڪل ئي طفلِ مڪتب ئي سمجهان ٿي . حافظي جي ڪمزوريءَ سبب گهڻي ڪوشش جي باوجود بحر، وزن، افاعيل جا تفعيل ۽ زحافات وغيره حفظ نہ ڪري سگهي آهيان، تنهن ڪري گهڻتائيءَ جو تمام گهڻو احساس اٿم، پر پوءِ بہ پنهنجي عقل، فهم ۽ استعداد مطابق هن عمر ۾ جيتري قدر سمجهي سگهي آهيان، تنهن کي ڪتاب آڻيندي، هي ديوان ترتيب ڏنو اٿم. اميد تہ پسند جي سند ماڻيندو.

لاڀائتي سمهاڳ لکڻ لاءِ ادا تاج جويي، خوبصورت مهاڳ لکڻ لاءِ ادا خليق ٻگهيي ۽ بيڪ ٽائيٽل تاثر لکڻ لاءِ ادا محمود مغل جي دل سان ٿورائتي آهيان، جن پنهنجي مصروفيت مان وقت ڪڍي مان ڏنو. مرتضيٰ لغاريءَ جا اڻ ڳڻيا ٿورا، جنهن منهنجي هر ڪتاب لاءِ نہ رڳو پنهنجو قيمتي وقت سيڙايو پر هر قدم تي پنهنجي اڻ ملهہ راءِ ۽ قيمتي مشورن سان پڻ نوازيو. سندس اشاعتي اداري "مرڪ پبليڪيشن" طرفان شايع ٿيل هي منهنجو ٽيون ڪتاب آهي، جيڪو ديوان جي صورت ۾ اوهان تائين پهتو آهي. مرتضيٰ لغاريءَ سدائين پنهنجي قابليت ۽ صلاحيت سان منهنجي هر ڪتاب کي خاص بنائڻ لاءِ، خاص محنت ڪئي آهي، ڪيس جس هجي.

خالده نسرين

ڪراچي

18 آگسٽ 2021ع





سورھ سنڌي ادب



صاحب خان ·سورھ· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

ديوان

ا	ب	ٻ	ڀ	ت	ٿ			
ٽ	ٺ	ث	پ	ج	ڄ			
جھ	ڃ	چ	ڇ	ح	خ			
د	ڌ	ڏ	ڊ	ڍ	ذ	ر	ڙ	ز
س	ش	ص	ض	ط	ظ			
ع	غ	ف	ڦ	ق	ڪ			
ک	گ	ڳ	گھ	ڱ	ل			
م	ن	ڻ	و	ھ	ء	ي		

بحر: هزج مثمن اخرب سالم
وزن: مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن

آ

اڄ چنڊ نٿو ڏسجي! اڄ رات اُماسي آ،
دل ۾ بہ خزان جهڙي، ڪيڏي نہ اُداسي آ.

چڻ واري هجي ٿر جي، دل اهڙي ئي تاسي آ،
ڪو وقت ڪڏي مل تون، اک ديد جي آسي آ.

اڄ ويهہ گهڙي پر ۾، ڪر ڳالهہ پراڻي ڪا،
ڪي نير وهايان مان، دل درد شناسي آ.

ڇو ايئن لڳو مون کي، ڪنهن ياد ڪيو آهي،
ڪنهن ڀاري ڏيئو مون لئہ، ڪا باس بہ باسي آ.

هي مهل هلي ويندي، پر ياد ڇڏي ويندي،
ڪن پل تہ ڪِلون ڳڏجي، هي ويل قياسي آ.

سي ڏينهن وري ايندا، ملنداسين مُنهان منهن پر،
محسوس ٿيو ھن جو، هي وعدو سياسي آ.

اي عشق! ڪيا ڪيڏا، تو قهر عُشاقن تي،
ڪو جان لٽائي پيو، جڳ لاءِ آٽاسي آ.

جي وقت پيو مشڪل، ڇا توڙ نيائيندا؟
جو عشق ۾ ٻانهو آ، جا پيار ۾ داسي آ.

سي وقت ويا جڏهين، سر ساهه ٽيا صدقي،
ڪٿ هاڻ پلا چڙهندو، ڪنهن لاءِ ڪو ڦاسي آ.

اڄ هير هتي ٽِنهن جو آ حال پڇڻ آئي،
غم درد ڪيو جنهن کي، ڪٽڪائيءَ مان ناسي آ.

’نسرين‘ ڇڏي ڇو ڏيهه، پرڏيهه وڃي ويٺي؟
جا شهر ڪراچيءَ جي، اصلي رهواسي آ.

❊

اُماسي: اونداهي، چنڊ جي پڇاڙي واري رات. — قياسي: خيالي.
مُنهان منهن: روبرو، آمهون سامهون. — آٽاسي: بي شرم، بي نڪو.

بحر: متقارب مثمن سالم
وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

آ

اِهو پنڌ پيرن کي ڇيڙي ويو آ،
پٺي پاڙ پٽ مان اُکيڙي ويو آ.

ڏِسو ڪير واٽن تان چوندي وري گُلَ،
سڄي راهه ڪنڊا پکيڙي ويو آ.

سُڪي دل کي ڪيڙي ڇٽي ٻج ڏُکن جو
اڇي چاڪ دل جا اُڌيڙي ويو آ.

نئون چنڊ نڪري لِڪي بادلن مان،
نئين جنگ مون سان ڪا جهيڙي ويو آ.

ڏئي جاڳ نيڻن کي، ڪوري ننڊون سڀ،
ڪو خوابن جي پونجي ٻه ميڙي ويو آ.

وري واءُ آڻي بسنتي نئين رُت،
پراڻيءَ زمين تي پکيڙي ويو آ.

ڪٺي هٿ ۾ ڪشڪول رمتو مسافر،
سڏي واٽ تان سڀ کي ٽيڙي ويو آ.

وطن لئہ پريشان جذباتي شاعر،
ڪويتا ۾ ڳوڙها سهيڙي ويو آ.

غزل لکندي 'نسرين'! اڪثر لڳي ٿو
رڳن کي ڪندن سان ڪو ڪيڙي ويو آ.



بسنت: بهار هڪ راڳڻي جو نالو.
رمتو: گهمندڙ ڦرندڙ سيلاني.
ڪيڙڻ: زمين کي هر ڏيڻ، ووڙڻ، جستجو ڪرڻ.

بحر: متقارب مثمن سالم
وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

الف

اڪيلا گهمون ٿا، اڪيلا رهون ٿا،
روئي پنهنجي پرّ ۾ ۽ ٻاهر کِلون ٿا.

نہ ڪو گُل ڪتابن ۾ هاڻي رکون ٿا،
نہ خط ڪنهن جي نالي لِکي ڪو لکون ٿا.

تڪي چنڊ هاڻي نہ ڳوڙها ڳڙن ٿا،
نہ ڪنهن لئہ نياپا هوا کي ڏيون ٿا.

ڏِکي ويس ڪارو ۽ وارن کي کولي،
ڪري ياد دلبر نہ دانهون ڪيون ٿا.

نہ ماضي جلائي اندر ۾ ٿو آتش،
نہ فردا جي اُلڪن ۾ جاڳي پئون ٿا.

نہ ڪنهن سان شڪايت نہ ڪا ريس باقي،
نہ ڪنهن سان رُسون ٿا، نہ ڪنهن سان وڙهون ٿا.

رهي آرسيءَ ۾ ڪتي ساڳي صورت،
ڪتي هاڻ خود کي ڪو ايڏو وڻون ٿا.

وڃي محفلن ۾ وٺي ڪُنڊ ويهون،
نہ سامهون اچون ٿا نہ ڪنهن کان لِڪون ٿا.

اوهان کي پلا ڇو ٿي ’نسرين‘! حيرت،
اسين مست ماٺهو مگن، خوش رهون ٿا.

❊

فردا : سياڻي
مگن: غرق، مست

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

الف

ڪليسائون ٿيون خالي، ٿيا ويران بُت خانا،
ڏٺي سين بند مسجد پيي، ڏٺاسين بند ميخانا.

نہ جانانا نہ ميخانا، نہ ڪي نيڻن جا پيمانا،
اچن ٿا ياد روزانا، هئا جي دور مستانا.

ڪٿي وڏڪار قسمت جي، ڪٿي رڻ پٽ ۾ ويرانا،
ڪٿي بيخود ها فرزانا، ڪٿي عاقل ها ديوانا.

فقيريءَ ۾ رهون خوش ٿا، بجا آڻيون ٿا شڪرانا،
الڳ عادت اوهان جي آ، اوهان جا طور شاهانا.

هلائي حرفتون ظالم، ڪيو مدهوش ماڻهن کي،
اٿس تہ بہ خوف جاڳڻ جو سُتل آفڪار رندانا.

اِهي هِن دور جا دودا، ويا ڪيڏانهن پلا آخر؟
چنيسر جي اشارن تي، ٿين ڏسجو نہ بيگانا.

نوان دستور دنيا ۾، ٿيا هن عشق جا نافذ،
پراڻا ٿي ويا قصا، هئا پنهنجا جي افسانا.

رهي آرام سان گهر ۾، ڪڏهن حاصل ٿيو آ ڪجهه؟
ملي ’نسرين‘ کي منزل، ڏئي سُک چين نذرانا.

❊

ڪليسا: گرجا، ديول. حِرفَتَ: چالاڪي، ڪاريگري، اٽڪل، حيلو ڪيڏ.
آنڪار: خيال، ويچار (فِڪر جو جمع). رندانه: آزاد، ڇڙواڳ، صوفيانه.

بحر: متقارب مثمن سالم
وزن: فَعُولن فَعُولن فَعُولن فَعُولن

الف

ٻہ ٽي موڙ گڏجي اوھان ييي ھليا ھا،
ٻہ ٽي سُور دل جا اسان ييي سليا ھا.

ھوا جو غضب ھو جڏھن لاٽ ٻاري،
ڏيئي مان ڏيئا پو ٻہ ڪيڏا جليا ھا!

مُڙي جي ڏسي ھا جُدا ٿيندي دلبر،
اکين روئي رستن جا پيرا جھليا ھا.

ڇڏي گھر مسافر ٻہ پڇتايو ھوندو
خزان رنگ پنھنجا وٽن تي مَليا ھا.

انھن ئي ڏنا درد 'نسرين' ڪيڏا،
جنين لئہ خوشيءَ سان اسان سُک پليا ھا.



پيرا: پيرن جا نشان
پلڻ: پري ڪرڻ، ٽارڻ، ھٽائڻ

بحر: هزج مربع سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن

الف

ٽيا جي ڪلهه ڪِلي ڪيرا،
رُئن ٽا اڄ سوين ڀيرا.

خزان جهڙي اداسيءَ ڇو؟
ڪيا هن روح کي گهيرا.

ڇڄڻ ڪان اڳ ڪُلن جيڪر،
خيالن جا منجهيل ڍيرا.

اڙي قاصد! سَمڪَ ڏي ڪا،
هُئا پِريَنُ ۾ ڇو ڦيرا.

عدوءَ جي چانٺ تي هُن جا،
ڏٺا مون پاڻ ها پيرا.

ڏنا طعنا جي جڳ، دل تي،
ڇُٽا بندوق جا ڇيرا.

جتي دل ۾ هو گهر تنهنجو
اُتي دردن ڪيا ديرا.

ويو چمن باغ ئي اُجڙي،
نہ لامون ۽ نہ آکيرا.

ڏنا بيگاهہ بيماريءَ،
زماني کي عجب ڦيرا.

نہ آ 'نسرين' اُن صف ۾،
جنين جا هن اندر ميرا.



کيرا: ساڻا، بي حس. —
عَدُو: دشمن، رقيب، ويري. —
سَمڪَ: سمجهہ، خبر، ڄاڻ،
بيگاهہ: بي وقتو، اويلو

بحر: هندي/ متقارب مسدس مضاعف
وزن: فعلن فعلن فعل فعولن فعلن فع

الف

اکڙين ۾ ڪي خواب اياڻا جاڳن ٿا،
تعبيرن لئہ نيڻ نماڻا جاڳن ٿا.

جهاتي پائي چنڊ ڏنو تي ڪڪرن مان،
نيڻن سان گڏ هنڌ وهاڻا جاڳن ٿا.

سيرانديءَ کان روز مِڙي ٿا پار ڪيِن،
آيل تنهنجا گيت، اولاڻا جاڳن ٿا.

شاخن تي ٿا هاڻ نوان پن ننڊون ڪن،
جن تان ڇڄي پن پراڻا جاڳن ٿا.

چڪيون مون 'نسرين'، هيون جيڪي سُتيون،
تن سُتين جا ويڄ ۾ گهاڻا جاڳن ٿا.



اولاڻا: اُهي گيت، جيڪي ٻارن کي ڪيڏائڻ مهل عورتون چون، لوليون،
سُتيون: دوائون۔ ويڄ: طبيب، حڪيم

بحر: هندي/ متقارب مثمن مضاعف
وزن: فعلن فعلن فعلن فعلن فعل فعولن، فعلن فع

الف

هڪ ڏيهہ عجب هو دنيا ۾ جنهن جا اِهي ان داتا ها،
انڌن ۾ جي ڪاڻا ها گونگن ۾ وري جي ٻاتا ها.

پيرن ئي سي پرين جا سيپ پنڌ ۾ پار سجاتا ها،
عيدن ڪان اڳ ديدن لئہ هي نيڻ نماڻا آتا ها.

جي سور ڏنا تو اڻ توري سيني سان پنهنجي لاتا ها،
چڻ ڪي هيرا موتي ها، ڪي سون برابر ڄاتا ها.

سو ئي مون لئہ رستي تي اڄ خار وڇائڻ آيو هو،
ڪنڌن مان جنهن لئہ گل چونڊي، هار گلي ۾ پاتا ها.

ورق ورائي ماضيءَ جا مون بند ڪيا ها سيپ دفتر،
هن وٽ اڄ ٻيو ڪُليل ڪي، مهڻن جا پراڻا ڪاتا ها.

مون ڪي پنهنجو ڪن ڄاتو اظهار ڪيو ڪن دوريءَ جو،
تهڙو ئي وهنوار ڪيو مون، جهڙا جنين سان ناتا ها.

تورو ڪنهن جو ڳائڻ لئہ بس ظرف ڪپي تو تورو ئي،
تورا ٻيو جي تورا ها 'نسرين' اهي مون ڳاتا ها.



وهنوار: حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻ، هلت چلت.

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

الف

ڪنهن محل اڪ ڪٺي تون، مون ڪي ڪٺي پسين ها،
اهڙو تہ حق دلبر، منھنجو نہ تون ڪسين ها.

دريا جي پار ڪان تو بيٺي ڏٺو نظارو،
منھنجي ٻڏڻ ڪان پهرين، هن پر اچي رسين ها.

هن بيقرار دل کي، تڏهين ملي خوشي ها،
دل ۾ ڪيو جي گهر هو گهر ۾ بہ گڏ وسين ها.

منھنجي چو منزلن جا، رستا هئا اڙانگا،
سولي ڪا واٽ رهبر، مون کي بہ تون ڏسين ها.

تو زير دشمنن کي، جيئن هو ڪيو سدائين،
هن ويري نفس کي پڻ، تنهن طور تون دسين ها.

ظاهر نہ تي سگهن ها، 'نسرين' غير سامهون،
پنهنجي خيال جا سپ، ڪشا چڪي ڪسين ها.



بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

ب

اڄ رات جو ڪُلي اک هر وار بي سبب،
مون کي رئاڙي ويئي ڪا سار بي سبب.

سيني تي يارَ آهي ڪو بار بي سبب،
دل ٿي چوي رُئان مان لاچار بي سبب.

ڪڏهين ڪيو نہ مون ڪو ڪم ڪار بي سبب،
پويان پئي گلن جا پر هار بي سبب.

اچڻو نہ آهہ ڪوئي، تڏهين بہ چو هوا،
منهنجا سنواري ويئي اڄ وار بي سبب.

بس آخري هو ڳوڙهو نيڻن جي نار ۾،
هڪڙي ئي بوند مان ٿي پر لار بي سبب.

توکان سوا اڌوري آهي حيات چڻ،
ڪنهن جو ٿئي نہ دلبر شل ڌار بي سبب.

ڳُهرجي نہ چنڊ مون کي، گهرجي نہ چاندني،
روئي پيو اندر جو اڄ ٻار بي سبب.

تلخي مزاج ۾ چو وڏندي وڃي اچا!
هر ڳالھ تي لڳي ٿي چو خار بي سبب.

اسرار ڪو تہ آهي 'نسرين' ڪجھ تہ چئہ
پوندا اکين ۾ ناهن ايئن ڏار بي سبب.



بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعِلن

ب

ڪڏهين لهي نقاب ته ڪڏهين چڙهي نقاب،
قائم رهي تجسس باقي رهي حجاب.

گذري ويو گهڙيءَ ۾ ڪو دور هو شباب،
تنهن جاءِ تي لٿو آ هاڻي رڳو عتاب.

اٿلائي ورق پويان ورجائي ڏس ڪتاب،
جيون جي بس حقيقت ڪو خواب، ڪو سراب.

مون احتساب جڏهين جيون جو تي ڪيو
اڪثر گناهه ئي ها ٿورا ڪي ها ثواب.

آئي خبر جدا ٿي پڇتائي هو پيو
پوڳي پيو اڪيلو تنهائيءَ جو عذاب.

ڪيڏا حسين چهرا ڌرتيءَ ۾ تي دفن،
پيهر ڦٽي زمين مان بڻجي ويا گلاب.

ڪيڏا سوال آهن منهنجي ته ذهن ۾،
ناهي پلا چو تن جو ڪنهن وٽ به ڪو جواب.

پوٽو پڙهي پيو سو اڄ ڪلهه جي دور ۾
ڏاڏو پڙهي چڪو آ ننڍپڻ ۾ جو نصاب.

هر مسئلي جو حل آ محنت ۾ ئي لِڪل،
گهرجي نه چنگ تو ڪو گهرجي نه تو رباب.

سمجهي سُرور ۾ سو خود کي نواب تو
جي مفت ۾ ملي ڪنهن مفلس کي پيي شراب.

’نسرين‘ تنهنجو رايو تن لئه خراب هو
ماڻهو ته ڪو نه ها سي ايڏا گهڻا خراب.



بحر: مضارع مثمن اخرب، سالم مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

ب

پنهنجي ئي عاشقيءَ ۾ پنهنجي ٿيس رقيب،
ڪڏهين ٿيس مان دشمن ڪڏهين ٿيس حبيب.

مرڻو بہ موت کان اڳ جيئڻو جيئڻ بغير،
سمجهي سگهي نہ ڪو ئي هي فلسفو عجيب.

سڀ بي اثر ها مون تي هن جا تمام لفظ،
مشهور آهي جيڪو ٿَرَ جو وڏو خطيب.

نادان ئي رکن ٿا تقدير تي مدار،
هر ڪو ٿو پنهنجو جوڙي، خود پاڻ ئي صليب.

سامهون نظر جي هوندي دل کان رهن ڪي ڏور،
ڪي ڏور هوندي اک کان دل جي رهن قريب.

سڀ کان اُتم آ دولت دلبر ڪو هم خيال
جنهن جو ڪو ساٿي ناهي سو اصل آ غريب.

'نسرين' تنهنجي گهر ۾ ڪي پهر هو گذاري،
افسوس! پر ڪٽي تون آهين سا خوشنصيب.



خطيب: خطاب ڪندڙ خطبو پڙهندڙ واعظ ڪندڙ مبلغ

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

ٻ

ماحول ۾ اجا ٻي آهي اُها ئي اُٻ،
دعويٰ تہ تو ڪئي ٿي، هوندي نہ ڪا ئي اُٻ.

ظاهر نظر اچي ٿو هر پاسي ئي سُڪون،
پر هن سُڪونَ ڪيڏي آهي وڌائي اُٻ.

’ٻاهر چَڪي مَڪي پر ٻڙ ٻڙ ڏکي اندر‘
آهي اُٻامجڻ ٿي، وڌندي اجائي اُٻ.

کولي رکو درن کي، اندر اچي هوا!
گهر جي فضا ۾ اڄ ڪلهہ آهي سوائي اُٻ!

ڪهڙي خبر هميشہ هوندي اِها ئي گُهٽ،
هر روز ڪنهن نہ ڪنهن آ اُٻ ۾ ملائي اُٻ.

چئوپاسي مانڊ ۾ ئي آهن نظارا سڀ،
ڪوشش ڪري نہ ڪنهن ٻي ٿوري گهٽائي اُٻ.

’نسرين‘ ٻوسٽن ۾ نڪري نہ ساهہ ڪو
موسم تہ آ گلن جي، ٻي مند آئي اُٻ.



اُٻ: ٻاڦ، ٻوسٽ، گهُٽ، حبس.

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

پ

مان ياد جا ڏيئا تي هر شام ٻاريان سيپ،
وڇڙي ويا جي مون کان ساٿي تي ساريان سيپ.

دل تي چوي جي ڳوڙها نيڻن لڪايا توکان،
سر کي رکي مان تنهنجي سيني تي هاريان سيپ.

رهجي ويا اڌورا پنهنجا فسانا جيڪي،
کنهن طور سي ڪهاڻيون اڳتي اُڪاريان سيپ.

وعدا وساري پنهنجا هوندين تہ تون پريشان،
تو سان ڪيل وچن تي اڄ تائين پاريان سيپ.

اي ڪاش! تي وڃي اڄ اهڙو ڪو معجزو جو
باقي جي ڏينهن آهن تو سان ئي گهاريان سيپ.

تو ساڻ جا گُذاري 'نسرين' زندگي مون،
ممڪن هجي تہ پل سي هڪ پل ۾ واريان سيپ.



بحر: مضارع مثمن اخرب سالم مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

ت

هوندو نہ تاج سر تي هوندو نہ تنهنجو تخت،
ملندو نہ مُور توکي اڳتي اڏارو وقت.

جاڳڻ تي ساري آهي کن ۾ خدا جي خلق،
پنهنجي هٿن تي ٻاڙي ٿاهيندي پاڻ بخت.

گُهٽجي ٿو ساهہ هاٽي گهر جي حصار منجهہ،
ٻاهر کُلي فضا ۾ نکري ڪيون ٿا گشت.

روشن خيال پهرين هوندو هو جيڪو شخص،
تنهن جا خيال آهن ڪيڏا، تہ هاڻ پست.

دنيا ڏسڻ جي خواهش يا فڪرِ روزگار،
مون کان کسي وئي آ منهنجي جگر جو لخت.

انسان عام هوندي سمجهان ڇو خود کي خاص،
آهي نہ گُڻ اضافي، صوفي نہ مان ڪو سنت.

ڪو جام ناهہ پو پيي نيڻن ۾ آ خُمار،
ڪنهن جو خيال توکي هر دم رکي ٿو مست.

هڪ سچَ جا ٻہ پاڇا، دنيا ٻہ دوئي رنگ،
آهي ڪڏهن هي دريا، آهي ڪڏهن هي دشت.

حالات جي تپش اڄ تنهن کي ڪيو آ ميڻ،
’نسرين‘! دل هئي جا هيري ڪٽيءَ کان سخت.



پست: هيٺ، نيچ، خسيس.
سنت: نيڪ، پارسا، پرهيزگار.

لخت: ٽڪر، حصو
دشت: رڻ پٽ، ريگستان

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن

ت

تنهنجي جدائيءَ ۾ جا گذري وئي قيامت،
ڪارو لباس تَنَ تي، آ ظاهري علامت.

ڪهڙي ميار تنهن تي، ڪهڙي ڪيان شڪايت،
سازش ڪري عدوءَ سان جنهن ڪي نہ ٿي ندامت.

توسان اکيون اڙائي مون ننڊ کي رُسايو
پنهنجي ڪيل خطا جي ڪنهن کي ڪيان ملامت.

جي ڏينهن گڏ گذاريا موٽي اچن وري ڪان،
اي ڪاش! زندگيءَ ۾ اهڙي ٿئي ڪرامت.

’نسرين‘! جي وياسين جڳ مان تہ خير آهي،
منهنجا پرين پيارا شل سڀ هجن سلامت.

❋

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

ت

هاڻي چوين ٿو مون کي ڪنهن پاسي تون بہ ڪٽُ،
نڪري ويو بدن مان جڏهين تہ ساهہ سٽُ.

ٽي رت چاڙ رشتا آخر مري ويا،
دانگي نہ ٽي ورائي پاڻي ٽيو جو رتُ.

پيسو ٿو ٻوڙي رڳ ۾ سمجهين ٿو خون تون،
مايا جي مڌ موهي ماڻهو ڪيو پڳتُ.

ادراڪ جا نوان در کُلندا پيا وڃن،
جدت جي جادو جڪڙي آهي منجهايو مٽُ.

هڪڙي ئي مسئلي ۾ اڄ خلق آ مُنڌل،
هي چام آ سچو يا ڪوڙو آ مير جٽُ.

ڪهڙو يقين زمانو تنهن تي ڪندو ڪڏهن،
وعدا سدائين ٽوڙي، پتِ کي ڏنو آ اٽُ.

شل ڪو غريب ماڻهو بک ۾ سمهي نہ هِت،
پچندي رهيس ماني رڌبو رهيس پٽُ.

حاصل ڪيو تو ڇاهي، ڇا ڇا وڃايو آ،
جيون ڪتاب کولي ’نسرين‘ ڪڍجي تتُ.

❊

ڪتُ: وڏ، زمين تي نشان وجھڻ لاءِ ڪوڏر جو ٽپُ — تتُ: خلاصو
يڳتُ: يڳتي ڪندڙ پوڄاري — متُ: ڌرم، عقيدو مذهب
اتُ: پڇاڙي، انت، انتها — ادراڪ: عقل، فهم — پت: اعتبار ساک

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

ٽ

جڏهين بہ ڪينوس تي ليڪا ٽو پائي هٿ،
تجريدي عڪس ڪنهن جو ڏاهي ٿو ٺاهي هٿ.

پرٽو مان رنگ ڳاڙهو تصوير ۾ وري،
پيلٽ ۾ رنگ ڪارو پر ٿو ملائي هٿ.

جي گيت ڪو براٽو ڳايان لتا جو مان،
تنهن تال تي ٿو طبلو از خود وڄائي هٿ.

لاهي ڪنگڻ رکان ٿي ڪنهن گهري سوچ ۾،
واپس کڻي سو منهنجي هٿن ۾ ٿو پائي هٿ.

جي جوتشي نہ ڦيري سگهندو لڪير ڪا،
ڪاغذ تي نقش پنهنجو ڇا لئہ لڳائي هٿ.

مون دل جي ڌڙڪنن کي محسوس اڄ ڪيو،
سيني جي ڪاٻي پاسي ساڄو وڌائي هٿ.

آهي اڃا بہ زنده مون ۾ سا ڇوڪري،
جنهن کان وئين تون جهٽ ۾ پنهنجو ڇڏائي هٿ.

من آرسي ۾ ساڳي صورت اچي نظر،
’نسرين‘ پنهنجي منهن تان ٿورو هٽائي هٿ.

❋

پيلٽ: مصور جنهن تختيءَ تي رنگ ٺاهيندو آهي.

بحر: هزج مربع سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن

ٿ

وئين خالي ڪري تون ڪٿ،
سُتو آهين وڃين منجھ پٿ.

جدا جڏهين ٿئين دلبر،
اُتي سيني ۾ سُورن سَٿ.

نئين ساوڻ جي رُتِ آئي،
وري دل ۾ ٻري ٿي پَٿَ.

وٺا ها مينهن ڌرتيءَ تي،
ته نيٽن گڏ پُسايا پٿ.

ڏنا غم اڻ ميا قسمت،
ويا پرجي اندر جا مٿ.

وچن وعدا ويو ٽوڙي،
ڏئي هر ڳالهه کي وٿ سٿ.

جِتي وکجي محبت ٿي،
اُهي آهن پلا ڪٺ هٿ.

خبر ناهي ته ڪيئن لهندا؟
ڳچيءَ ۾ جي پيا هن ڳٺ.

ستايل سي بڪايل هن،
ڳچي لئہ جي هٽن تا جهڙ.

ٻُڪن تن جي ڪسي آ مَتِ،
تا سمجهو جن کي جاهل چِٽ.

اِهي ڪَنَ جا تماشا هن،
نہ سر رهندا نہ رهندا چِٽ.

نہ موٽي رُت تہ چا ٿيندو؟
رهن اُلڪن ۾ ڏاٽي ڏِٽ.

وري "نسرين" گل ڦٽندا،
ڪُلي پوندا پراٽا ڦٽ.

✻

ڳٽ: ڳچيءَ ۾ ٻڌل رسو طوق، ڦاهي.
ڏاٽي: ڏِٽ جا رهاڪو سنڌي اُٺن جو هڪ نسل

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

ٺ

در ۾ ڪي ڏار وجهه يا پيٽ ۾ ٺي هڻ ڪي ڪاٺ،
ڪمري جي قيد ۾ آ ڪيڏي گهٽي اُساٺ.

رستا ٻڌي ويا جي، منزل ڏي ويندي ويندي،
هلنداسين پو بہ اڳتي، ڳولي نئين ڪا واٽ.

هلنداسين هوڏ سان سڀ، اُوچا هي ڪنڌ هوندا،
سڏجن اُهي تا ڪانئر جن ها جُهڪايا ڳاٽ،

پنهنجي سفر ۾ جهيڙي تي روشني تہ چاهي؟
پتڪي ڏيئي گهٽائي توري گهٽي تہ ٻاٽ.

پنهنجي حصي جي مشعل 'نسرين' ٻار تون بہ
هرگز نہ پو اُجهامي هن جي هوا ۾ لاٽ.

*

هوڏ: ضد، تڪبر
ٻاٽ: گهگهُہ اونداهہ

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

ٺ

مون کي نہ تو وٺي کو توکان سواءِ ٺاٺ،
دل ٿي چوي تہ ڳولي کا کنڊ ويهان ماٺ.

محبوب کي مڃائڻ سولو کو آهِ چا؟
کو تو کڏي وظيفو کو تو پڙهائي پاٺ.

تنهنجي خيال سان تو هٿ مان گرهہ کري،
مون کي کندي جدائي آخر سُکائي کاٺ.

ماري ڇڏي نہ مونکي تنهائي جو زهر،
من ۾ کئي اُداسي کيڏي تہ آهِ ڊاٺ.

خالي کري وئين تون ’نسرين‘ جو نگر،
وسري ويو تڏهن کان خوشين جو سوڻ ساٺ.



پاٺ: پڙهائي، ڏرمي ڪتاب جو دور - سوڻ ڪرڻ: فال وجهڻ، شگون، رسم ڪرڻ
ساٺ ڪرڻ: شادي جي رسمن ۾ وهم وسوسي لاهڻ جو عمل.

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

ٺ

ايڏو نہ ڪر پرين تون پنهنجي جمال تي هٺ،
آ چار ڏينهن جوڀن، قائم نہ رهندو ڪو نٺ.

مونکي ڏني تو دل آ سو قرض تي چُڪايان،
انصاف ٿو چوي تون بدلي ۾ منهنجي دل وٺ.

ڪو وقت هو ڪٽي ڪُرُ هلندي هُئي جواني،
هاڻي جهُڪائي پيري هٿ ۾ ڏئي وَئي لٺ.

گُذري وئي حياتي بس ڊوڙ ڇائي پاتي،
ڪلهہ سال سورهون هو جو اڄ ڦِري ٿيو سٺ.

ماڻهو ٿيا منافق ڏسجن ٿا سون ورنا،
آ ڦيٺ تن جي من ۾ دل ۾ رکيو پري مَٺ.

تن من ٿي سيڪيان مان ’نسرين‘ تنهن ۾ پنهنجو
جيڪو ٻَري ٿو دل ۾ يادن جو روز ئي ٻٺ.

✻

ڪُرُ: ڪنڌ، ڳاٽ،
ڦيٺ: سون چاندي ۾ ملايل مَٺ
ٻٺ: باهہ جو مچ، آڙاهہ، ڪورو
ـسون ورنا. سون جي رنگ جهڙا
ـمَٺُ: خام ڌاتو سون چاندي ۾ پيل ٽامو.

بحر: هزج مثمن اخرم ابتر (رباعي)
وزن: مفعولن مفعولن مفعولن فع

ٿ

تن جو من جو رڳ رڳ جو رب وارث،
ڪاڪل ڦهري هر ڇڳ جو رب وارث.

تاجن تختن بختن جو مالڪ هُو
تنهنجي منهنجي هِن جڳ جو رب وارث.

هر ڪو هُن جو بندو آ، هُو ڄاڻي!
نيڪ يا بد، صادق، ٺڳ جو رب وارث.

ڌرتي دنيا برزخ دوزخ جنت!
هر هڪ وِک جو هر ڏگ جو رب وارث.

جيڪو هو جيڪو آهي، جو هوندو،
ڪلھ يا اڄ جو پُٺ، اڳ جو رب وارث.

’نسرين‘ نہ ڪر ڳڻتي واچوڙن جي،
برپٽ ۾ آ هر وڳ جو رب وارث.

❁

ڪاڪل: گُهنگهرو وار، پيشاني تي لٽڪندڙ وار، زلف
وڳُ: اُٺن جي قطار

بحر: هزج مثمن اشتر،
وزن: فاعلن مفاعيلن فاعلن مفاعيلن

پ

منهنجي ڳالهه تي تنهنجا چو ٽري پيا هن ٽپ،
حڪم جي هلي تنهنجو سڀ سُبي چڏين ها چپ.

منهن تي هڪ چون ٿا پر پُٺ تي ڪجهه ٻيو ڪن ٿا،
تِن جي آ، بدن ۾ ڪيڏي منافقي جي ڏپ.

جيڪا ڪرٽي سا ڀرٽي، ريت اج ٻي ساڳي آ،
تِرڪي پوندين تنهن ۾ تون، جي ڪندين ٻئي لئہ گپ.

ويٺا گهر ۾ خوش آهن، هڏ حرام ڪپ ڪوڙي،
ڪم جي چئجي ڪو تن کي ٿا چڙهن انهن کي تپ.

مڏ جي ماٺي سامهون آ پر چکن نہ ٿا چريا،
هوش ۾ تڏهن ايندا، باقي بچندي جڏهين لپ.

ماڻهو جي چون ٿا ڪجهه تون نہ ڪر مٺا ڳڻتي،
نڪري ويندي هر آڪڙ جي لڳي ڪا هڪڙي ٽپ.

ڪنهن ڏسيو ڪو آهي 'نسرين' واڳ واليءَ کي،
بک وگهي ٿي ٻيوس ماڻهو ڪٽن نہ تو تي ڪپ.

*

ٽپ ٽرڻ: ڦٽ چڙهڻ، دل ٽرڻ
ڪپ ڪوڙي ويهڻ: پوِيان جو آسرو لاهي ڇڏڻ

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن معفول فاعلن

پ

ڪمري ۾ بيٺ تي مان ليٽي پوان ٿي چُپ،
ڳالهائي ٿو ڪو مون ۾ تنهن ڪي ٻُڌان ٿي چُپ

گونجي ٿو گوڙ من ۾ خود مون اسير جو
ٽارڻ جي تنهن ڪي ڪيڏي ڪوشش ڪيان ٿي چُپ

سوچڻ گهران ٿي جو ڪجھ سوچي نہ ٿي سگهان،
چڻ آ لڳو ڪو تالو گم سم ڏسان ٿي چُپ

شيشي جا جام ٿي، پر هڪ ۾ ئي آ زهر،
هٿ سان وڏو ٿو جنهن ۾ سو ئي کڻان ٿي چُپ

الزام آ تہ باغي آهيان سماج ڪان،
تنهن جي سزا ۾ پيهر ڪِلندي مران ٿي چُپ

روڪي سگهان نہ خود کي، خود مان ئي ٿي وڃان،
نڪري ٿو روح تَنَ مان، بيوس ڏسان ٿي چُپ

ٻوٽي مون ظاهري اڪ، باطن وئي ڪُلي،
پَرَ ڪولي آسمان ڏي اُڏري وڃان ٿي چُپ

پولار ۾ اڪيلو ڏسجي ٿو چنڊ پي،
هو ناڻءَ سان سڏي ٿو پر مان رهان ٿي چُپ

شايد اُهو سفر ۾ هوندو اڃا بہ گڏ،
هتّ کي جهلي مان جنمن جي، اُپ تي لهان ٿي چُپ.

ڏرتيءَ تي پوڳٿو آ. هن کي اڃا گهٽو!
ڇو هن کي آندو آ هت؟ ٻڌندي مُڙان ٿي چُپ.

ڏي آسمان کان ٿو مون کي ڪوئي ڏِڪو
تنها زمين ڏي اُف! ڪرندي وڃان ٿي چُپ.

ڇرڪي کُلي پئي اک، اڌ رات جو جڏهن،
پاسو ورائي ڪلمو دل ۾ پڙهان ٿي چُپ.

❋

فيدي

: خلا

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

ج

کيڏي ڪجي ٿي ڪوشش مَتجي نہ ٿو سماج،
آهن اُهي ئي رسمون، آهن اُهي رواج.

باڪُن ڦُٽڻ ڪان پهرين نيٽن تي هٿ ڏئي،
انڌا ٿا ڪن شڪايت اُڀري نہ ٿو سِراج.

سيني ۾ گهُٽجي آخر مرندو مڪالمو
اظهار کي ٿو گهرجي لفظن سندو خراج.

سمجهين ٿو ساز کي تون جيئڻ روح جي غذا،
مون لئہ لکڻ پڙهڻ آ تيئن روح جو اناج.

هي حسن هي جواني آهن سي بي بقا،
لهندا نہ گهنج منهن مان ڪيڏو بہ ڪر مساج.

بيمار کي دُعا سان لازم دوا ڪپي،
ملندي شفا نہ ڪامل ٿيندو نہ جي علاج.

اعلان جنگ تن سان 'نسرين' رب ڪيو،
جي ٿا ملائي ڏَن ۾ ڪائن پيا وياج.

❋

سراج: سج
خراج: محصول، ڏَنُ

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن : مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

ج

ڪنهن آ مچايو ڏمچر، ٻڌ تهمتن جي گونج،
سومر هجي يا چنڇر، ٻڌ تهمتن جي گونج.

ڪن ۾ ٻرن ٿا ڪيڏا هر پل خراب لهجا،
ٻڌجي وچن نہ خنجر، ٻڌ تهمتن جي گونج.

فطرت رُسڻ تي آهي سنڌو سُڪڻ تي آهي،
ڌرتي ٿئي نہ بنجر، ٻڌ تهمتن جي گونج.

موجن ۾ ناهہ مستي هيرُن وڃائي هستي،
ڪينجهر هجي يا منڇر، ٻڌ تهمتن جي گونج.

تاڙي وڄائي ماڻهو ڏيندا هُشي اجائي،
پڙهہ مات ۾ ڪو منتر، ٻڌ تهمتن جي گونج.

سڀ جو آ راڳ پنهنجو سڀ جي آ پنهنجي ڊفلي،
’نسرين‘ تون تہ چُپ ڪر، ٻڌ تهمتن جي گونج.

*

بحر : بحر هندي/ متقارب مربع مضاعف
وزن: فعل فعولن فعلن فع

ڇ

وقت پَرڻُ آ يا کو ڇڄ؟
ڇٽجي ويو آ جنھن مانِ اڄ!

هر ڪنھن پاسي ڏمچر آ،
ڏم ڏما ڏم اُٿ تون يي وڄ!

ڳُجھو يا چُپُ رهڻو آهي؟
ايئن نہ من ئي من ۾ پڄ.

ڇا جي ٿئي لاچاري دل؟
هاڻ ڪٽي دلبر کان ڪَڄ.

ميت نہ ڪنھن جي هيءَ دنيا،
تون بہ پري ٿي هن کان پڄ.

*

ڏمچر: گوڙ گھمسان، هُل هنگامو
پڄ: سڙ

بحر : رمل مثمن محذوف
وزن : فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ج

کله وِئين وعدو ڪري سو ڇيڙ تون موضوع اج،
جو وئين اڌ ۾ ڌري، سو ڇيڙ تون موضوع اج.

ڇڏ اجائي بحث کي تون اج نئين ڪا ڳالهه ڪر،
جنهن مان ڪنهن کي ڪجهه وري، سو ڇيڙ تون موضوع اج.

رند تي ناصح ويو هو مئڪشن سان گڏ رهي،
ڪيئن تو زاهد ڪري، سو ڇيڙ تون موضوع اج.

ڪفر جي فتويٰ لڳي تي، زهر تو پيئڻو پوي،
ڪير تو سچ لئه مري، سو ڇيڙ تون موضوع اج.

هارجي دانش وئي آ، جيت تي آ عشق جي،
هڻ خرد کڏ .جي تري، سو ڇيڙ تون موضوع اج.

روبرو ڪنهن ڪنڌ ۾ اچ ڪولي دل ڳالهائجي،
قلف لاهي ڪر پري، سو ڇيڙ تون موضوع اج.

"ورق کي اتهاس جا 'نسرين' تون اٿلائي ڏس"
باهه تي تنهن ۾ ٻري، سو ڇيڙ تون موضوع اج.

❋

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

جهه

ڪڏهين رُلايو آ تو ڪڏهين کِلايو آ ڪجهه،
ڪڏهين سهيڙي پورو ڪڏهين بچايو آ ڪجهه

گهٽ جي فسانو پنهنجو توکي ٻڌايو آ ڪجهه،
تو پيي تہ حال پنهنجو مون کان لڪايو آ ڪجهه

ٿي ڪرشمو ويو يا نيڻن جي آ ڪرامت،
پاڻي ٿو مڌ لڳي جڏهن هن ۾ ملايو آ ڪجهه

جو لاشعور ۾ آ سو ئي لکي قلم ٿو!
پر اڄ شعور منهنجي خود ئي مِٽايو آ ڪجهه

سڀ ڪجهه ملي ويو پر دل چو لڳي ٿي خالي،
محسوس جڏهن ٿئي ٿو ڪجهه مان وڃايو آ ڪجهه

گهڙيال جي ٻڌڻ ۾ هاڻي اچي ٿي ٽڪ ٽڪ،
تنهنجي ملڻ جو لمحو ويجهو تہ آيو آ ڪجهه

دنيا جي ناهہ پروا مون کي اهو ئي غم آ،
مون ڏي ڪري اشارو تو پيي هُلايو آ ڪجهه

ٽورا ميجان ٿي مان تن همدرد دوستن جا،
ڪوري ڦٽن کي جن ئي مرهم لڳايو آ ڪجھ.

’نسرين‘ ياد پل پل جنهن کي ڪري رُنو ٿي،
دنيا جي گردشن ۾ تنهن کي ڀُلايو آ ڪجھ.

❉

بحر: متدارڪ مثمن مخبون محذوف مضاعف
وزن: فعلن فعلن فعلن فع فعلن فعلن فعلن فع

ج

دل جي ڌرتي ۾ آهي رڻ پٽ جهڙي رُج ئي رُج،
اُڏري وقت جي واري تي، هر پاسي ڏسجي تي سج.

اهڙي تاسي دل آهي نٿهڻ ۾ ڪو صحرا ڄڻ،
ڀرجي سانوڻ آيو هو ڪو نہ لٿي پر منهنجي اڄ.

عشق ۽ مشڪ لڪن ٿا ڪِٿ پَکڙي خوشبو تي هر جا،
گهر ڪان ٻاهر نڪري تي، تون بصر جي لازم ڀڃ.

ٻي جو جيون جرڪائڻ ڪونهي ايڏو ڪو سولو،
ٽانون ڪي تي صاف ڪري، سَوَ رڳڙا ڪائي پو مُڄ.

ديواني جو خواب نہ آ مون لئہ هي ديوان لکڻ،
پورو هي 'نسرين' ڪندي باقي پوبان ڄاڻي ڏُڄ.



رُج: سُڃ، بيابان، سراب — مڄ: سَرَ جي ڪانن جون ڪلون جن مان واڻ ٺاهجي.
نٿهڻ: اُس، تيز اُس — ڏڄ: چوندبيندڙ ڳالهہ کي ڇنڊڻ ڇاڻڻ وارا.

بحر: رمل مربع سالم
وزن: فاعلاتن فاعلاتن

چ

ٻاري من ۾ اڄ نئون مڇ،
نچ اچي تون، اڄ ڪٽي نچ.

دل جو ڪائو آھ نازڪ،
ڪنهن نہ هٿ هي ملندئي ڪچ.

جنهن جي لئہ تون ماندي آهين،
تنهن جي دل ۾ پاڻ ٻيي رَچ.

تو جو ٻنيٺ ٻاريو آ،
تنهن ۾ هاڻي پاڻ ئي پچ.

سنڌي راجا، پيءُ جو پُٽُ،
پٽ هو ڏاهر، پيءُ هو چچ.

عشق ٻاري، عشق ساڙي،
عشق اندر تا ڳرن ڳچ.

ٻوڙي ڪُن ۾ هن ڇيو تي،
هاڻي پنهنجو پاڻ تون بچ.

ڇو نہ تو ’نسرين‘ سرجي،
اڄ جي ڪوڙي دور ۾ سچ.

*

ڪائو: شيشو ــ ڪچ: شيشو مٹ ــ ڪُن: گرداب، اونهون پاڻي.

بحر: رمل مسدس محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

چ

بي مهر دلدار جو مون کان نہ پڇ،
حال مون بيزار جو مون کان نہ پڇ.

عشق جي آزار جو مون کان نہ پڇ،
دشت ۾ گهر ٻار جو مون کان نہ پڇ.

جا گذاري زندگي توکان سوا،
وقت جي رفتار جو مون کان نہ پڇ.

جنهن رَسايو منزلن تي دم بہ دم،
راهہ تنهن دشوار جو مون کان نہ پڇ.

ذڪر آ غمخوار جي ڪردار جو،
ظرف جي معيار جو مون کان نہ پڇ.

هڪ پري تون جام ساقي ڏي ڪٽي!
نانءُ پر ميخوار جو مون کان نہ پڇ.

ڇو نہ ڌڙڪي دل پلا آواز تي،
شوق اڄ ديدار جو مون کان نہ پڇ.

تا ڪُلن اسرار سڀ اشعار ۾،
غير جي پرچار جو مون کان نہ پڇ.

تي پيو ظاهر عدو گفتار ۾،
هن ڪيو اظهار جو مون کان نہ پڇ.

ڪنهن ڏنو ’نسرين‘ ھي انبار هو
درد جي پنڊار جو مون کان نہ پڇ.

❊

پرچار: مشھوري، تبليغ
پنڊار: سيڙي سامان ۽ ٽانون رکڻ جي جاءِ.

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

ح

مون کي اھو گمان ھو، آھي ھو منھنجو مداح،
نڪتو اُھو ئي ظالم منھنجي بہ دل جو فتاح.

حيران مان بہ آھيان، پنھنجو نصيب ڏسندي،
دل چاڪ آ ڪئي تنھن، آھي جو دل جو جراح.

گڏ گڏ ھلي تي سُپرين مون ساڻ سار تنھنجي،
اي ڪاش گڏ ھجون ھا تون مان سفر ۾ سياح.

ھر روز ئي ڪو پنھنجو جڳ مان وڃي لڏيندو،
منھنجو ڪڇي ويو آ دنيا ڪان ھاڻ ارواح.

آگر نہ دوستن جي ڪردار تي تون ڪڇجان،
’نسرين‘ ڪرڻي آھي پھرين تہ پنھنجي اصلاح.

❀

مداح: تعريف ڪندڙ
جراح: ويڄ، زخمن کي وڍي چيري صاف ڪندڙ

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

ح

جيسين ڦُٽي نہ باک کا تيسين ٻري صباح،
سمجهي ٿو سوجهري جو جڳ جنهن کي اصطلاح.

طوفان جو نہ تنهن ۾ تورو بہ ڏوهہ هو ڪو
ٻيڙيءَ کي ڪُن ۾ آڻي ٻوڙي ويو ملاح.

ڏاهي کي ڪو نہ گهرجي، نادان کونہ ٻڌندو
ڪنهن کي ڏجي پو ڇا لئہ ڪو مشورو صلاح.

آهي حسين رشتو عورت ۽ مرد وچ ۾،
قائم ٿئي تعلق، جي بعد از نڪاح.

هاڻي ڪجي عمل سو جنهن ۾ ملي سڪون،
دنيا ۽ دين جي گڏ جنهن ۾ هجي فلاح.

’نسرين‘ زندگي مان نڪري ويو مزو ئي،
چرچي نہ يوڳ ۾ ٿو محسوس ٿي مزاح.

*

صباح: چراغ، شعلو

بحر: سريع مسدس سالم
وزن : مستفعلن مستفعلن مفعولات

خ

پن ڇڻ جي رُت ۾ تي هوا لوڏي شاخ،
ڳولي تي پن پيلا، هيڏي هوڏي شاخ.

تو جا جدا ٿيندي ڏٺي، منهنجي هٿ ۾
مون موڪلي آهي اها توڏي شاخ.

گڏ گڏ ڇٽي تو ڪيڏو ميوي سان ٻور،
هر ڪو لنگهي تو وڻ جي ڇو ڏوڏي شاخ.

مس مون جهلي هڪڙي مٿين وڻ جي لام،
توڙي ڇڏي پر هيٺ ڪا گوڏي شاخ.

اُڪڙي وڃي جنهن وڻ جي پٽ کان ئي پاڙ،
تِنهن جي ٽئي تي سڀ ڪي هر اوڏي شاخ.

آهي پوڻ تي پارو پرندو مڃ ڪيئن؟
ناهي سڪل ڪا چونڊي اڄ روڏي شاخ.

پنهنجو ئي ڪو 'نسرين'، ڏي تو تڪليف،
آهي ڇلي پنهنجي ئي ڪنهن ڇوڏي شاخ

❋

روڏو: مٿي ڪوڙيل، ٺوڙهو گنجو

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

د

دستور سڀ پراڻا مزدور ڪر تون رد،
ناسور ٿي ويا جي منشور ڪر تون رد.

همٿ ذري ڪپي ٿي حق جي حصول لئه،
مجبور ٿي ڪيو جو منظور ڪر تون رد.

انڌير آ مچايو معذور فڪر فن!
گهرجي نه روشني ٿي بي نور ڪر تون رد.

جا ماڻهپي مان خارج پل ۾ ڪري ڇڏي،
اهڙي شراب تي ٿُف! مخمور ڪر تون رد.

ڪيڙي بڻي تون هاري، پو پي سُمهين ٿو بُک،
ڀرجي نه پيٽ جنهن سان تندور ڪر تون رد.

جيڪر قبول ناهي صاحب جو فيصلو
هن دور جو سڏائي منصور ڪر تون رد.

بدنام ٿي جي جڳ ۾ مشهور ٿي ويا،
تن ڪي رهڻ ڏي تنهن ۾ مسرور ڪر تون رد.

پنهنجي ئي خول ۾ جا محصور ٿي رهي،
'نسرين' ڪي چون ٿا مغرور ڪر تون رد.

❊

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

د

پيجل نہ چنگ جي تون ڪا ڇيڙ تار تند،
هي ساز تنهنجو آهي مون لاءِ چار ڦند.

هر دم خيال ۾ تون ڏسجين تو خواب ۾ بہ،
سامهون بہ تون ئي آهين اکيون ڪيان جي بند.

تنهنجي ئي ياد ۾ ها گذريا ڪلهوڪا ڏينهن،
باقي بہ گذري ويندا، آهن جي ڏينهن چند.

دل ۾ ڇپيي ويا ڪي، دل کي وٽي ويا ڪي،
ڪي لفظ ڄڻ زهر ها، ڪي لفظ ڄڻ تہ قند.

’نسرين‘ جيڪا جڳ ۾ مشهور آهي ڏاهي،
تنهن تي هلي ويو آ تنهنجو ڪو جادو ڇند.

*

قند: مصري
ڇند: ڦند، مڪر، ڍونگ، منتر

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

ڌ

تنها وجي نه گذري باقي به رات اڌ؛
هاڻي ڪٽي هلي آ، ديدن جي لاهي سڌ.

پيتي ڪا ٿورڙي مون نيڻن جي جام مان،
تنهنجي نهار چڙهه تي چاڙهي خمار مڌ.

موسم وئي بدلجي پنهنجي مزاج ۾،
گرمي ۾ آهه شدت سردي ۾ ناهه ٿڌ.

جيون جي واٽ تي ڪو ويڄڙي وبو ته ڇا!
ويهي نه ڳاڙ ڳوڙها اڳتي نهار وڌ.

خاموش وينو آهين نم جي ڇو ڇانوَ ۾،
تعبير ڳول، اُٿ تون! سپنا رڳو نه رڌ.

'نسرين' ڳوٺ ۾ ڇو دل ئي نه ٿي لڳي،
هل شهر جو ڪيون رخ سامان ساڻ ٻڌ.

❊

بحر: هزج مربع اخرب سالم
وزن: مفعول مفاعيلن

ڏ

پرڏيهہ کٽي تون ڇڏ،
بس هاڻ اُتان ڪان لڏ.

ٿُڏُ غير جي محلن ڪي،
خود پنهنجو ڪو جهوپو اڏ.

غيرن مان نہ ڪجهہ ورندو
پنهنجن سان اچي تون گڏ.

رڻ ۾ تو رڙي ڪوئي!
پر ڪير ٻڌي سو سڏ.

ڪو خوف خدا جو ڪر!
صورت تي نہ ايڏو پڏ.

رهندو نہ سدا باقي،
جوڀن نہ جوان ڪو هَڏ.

آ هر ڪو ئي افلاطون،
'نسرين' رڳو آ ڏڏ.

❋

ڏڏ: ڪُند ذهن، بيوقوف، اڻ ڄاڻ اناڙي مورک جڏو.

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

ڏ

فرصت ڪڏي ڪمن مان ڪي پل گذارجن گڏ.
گذري ويا جي لمحا ويهي سي سارجن گڏ.

جيون جي واٽ وِڪَ تي وڇڙي ويا جي دلبر،
تن لاءِ چار ڳوڙها ڪنهن محل هارجن گڏ.

اڄ تائين هر وچن مون تنها ڪيو هو پورو،
وعدا ڪيا جي گڏ ها سي هاڻ پارجن گڏ.

جو لطف آ هجر ۾ سو وصل ۾ ڪٿي آ؟
ڪي ڏينهن درد غم جا خوشين سان ڏارجن گڏ.

اندر جي باهہ ساڙي تن من نہ رک ڪري سڀ،
رَڪُ تي وجهڻ ڪان پهرين پنيٺ ڪي ٻارجن گڏ.

مس مس نصيب تي آ جيون ۾ واندڪائي،
’نسرين‘ چو نہ گهڙيون توسان ڪي گهارجن گڏ.

❀

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

ٻ

مان چنڊ ڳوليان ٿي مون کان لڪي ٿو چنڊ،
اڪ ٻوٽ ۾ ٽڪائي خود کو ٽڪي ٿو چنڊ.

ڊوڙان ٿي چنڊ ڏي مان، اڳتي ڊڪي ٿو چنڊ،
ٽڪجي بيهان ٿي جنهن پل تنهن پل رُڪي ٿو چنڊ.

آ چنڊ استعارو تشبيهه يا مثال؟
تنهن ۾ ڏسان ٿي توکي دل کي ڇڪي ٿو چنڊ.

آهي عجيب ناتو اهڙو ته چنڊ سان جو
ڇڪيا جي چاڪ منهنجا اُپ تي ڇڪي ٿو چنڊ.

نازڪ بدن نويلي ڪمري مان نار نڪتي،
ڪڪرن جي ڪور مان ڏس تنهن کي ٽڪي ٿو چنڊ.

اڌ رات جو اڱڻ ۾ ڪنهن کي ڏسڻ جي لاءِ،
مُک تان هٽائي ڪڪري پرتي ڏڪي ٿو چنڊ.

سج کان وٺي شُعائي ڌرتي تي ٿو وڇائي،
چانڊاڻ جي ڇُنيءَ سان اونده ڍڪي ٿو چنڊ

آڻي ڏيو خبر ڪا اوله طرف اوبلو،
مون کان رُسي الائي ڪنهن وٽ نِڪي ٿو چنڊ.

پرجي نہ ٿو پلا ڇو وچ جو سنڌو چڪورَا
تون چنبُ لئہ سڪين ٿو تو لئہ سڪي ٿو چنبُ.

’نسرين‘ خوف طاري آهي سڄي زمين تي،
اُپ ڪان ڏسي ڪا آفت ڊپ ۾ ڏڪي ٿو چنبُ.

❊

ڪور: ڪنار، اندي، ڪپڙي جي وٿ
اريلو: گهملو بي وقتو دير سان

-سُهائي: روشني، چانڊوڪي
-سنڌو: وڇوٽي، نشان، سرحد

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

ٻ

گهرجي سُڪون واري مون کي اگهور ننڊ،
آهي اکين کان منهنجي ڪيڏي نہ ڏور ننڊ.

پِريَنِ جي پُور آهن مون کي ڏنا اوجاڳا،
هڪ تنهنجو ئي تہ ناهي تنهن ۾ قصور ننڊ.

پلڪن ۾ ڪيستائين سپنا رکان سنڀالي،
وکري وڃن نہ منهنجا سپنا تي چُور ننڊ!

تارا ڳڻيندي هر ڪا نيڻن آ شب گذاري،
نيڻن سان ڇو ڪرين تي ايڏا ڪلُور ننڊ.

توکان رُسي ويس جي ايندس نہ مُور موٽي،
تنهنجا پو ڪير کڻندو نخرا حضور! ننڊ.

’نسرين‘ ڪيستائين سهندي رهي ٻُڌائي؟
هجر و فراق سان گڏ تنهنجا بہ سُور ننڊ.

*

بحر: هزج مربع اخرب سالم
وزن: مفعول مفاعيلن

ڍ

جن مون کي وڌا ها وڍ،
سي هاڻ ڏين ٿا ڏڍ.

چُپُ ڪو نہ ڪندا ويري،
فتنو جو اٿن منجھ اڍ.

نڪري چو وئي آهي،
انسان اندر مان ڳڍ.

ڌڙڪي ٿي وري دلڙي،
ڪن ٿي ٿي وڄي ڪا ڍڍ.

’نسرين‘! رهيو خطرو،
دشمن نہ لڳي ڪو ڪڍ.

❃

ڏڍ: آسرو دلاسو
ڍڍ: عاشورن جي وڄت
ـ ڳڍ: مروت، محبت

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

ڍ

هڪ ڏينهن اهڙو ايندو، رهندو نہ جڳ ۾ ڏاڍ،
ڪو شخص ڪنهن جو ناحق، سهندو نہ جڳ ۾ ڏاڍ.

هتيار حرفتن جا ويندا فنا ٿي نيٺ،
ڪاتيءَ جيان پو ڪنڌ تي، وهندو نہ جڳ ۾ ڏاڍ.

هن انتظار ۾ ڇا ٿيندي حياتي پوري؟
ڏاڍن تي ڏاڍو ٻٽجي، لهندو نہ جڳ ۾ ڏاڍ.

سامان موت جا سڀ ڌرتي ڪندا تباھ،
هوندو نہ آدمي ڪو ٺهندوَ نہ جڳ ۾ ڏاڍ.

’نسرين‘! جيسين هوندو قابيل جي ڪو اڍ مان،
تيسين يقين آهي، ڀهندو نہ جڳ ۾ ڏاڍ.

❊

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

ذ

قانون ها ڪيا نِت ڪيڏا اوهان ٻہ نافذ،
بي جرم هر سزا تي پوڳي اسان ٻہ نافذ.

سي حڪم هاڻِ مون تي تڏهين هلائي سگهبا،
جي پاڻ تي ڪيو سڀ پهرين اوهان ٻہ نافذ.

آهي مجال ڪنهن ۾ روڪي سگهي انهن کي؟
جوڙي اُصول حاڪم ڪن جي نوان ٻہ نافذ.

اڄ بحث ۾ اوهان سان منهنجي ئي هار ٿيندي،
اُبتا ڪيو يا سُبتا، ٿيڏا سنوان ٻہ نافذ.

پنهنجي خيال کي مان ظاهر ڪيان ڀلا ڇو؟
ڪهڙو عمل ڪو ٿيندو مان جي ڪيان ٻہ نافذ.

گڏ مان هجان سدائين توسان عوام وانگر،
حاڪم جو حڪم ٻڌجي تو تي رهان ٻہ نافذ.

هڪ ٻي جي ذهن دل تي هوندو اثر هو پنهنجو،
منجي ويو اثر يا آهي اڃا ٻہ نافذ.

نافذ جي معنيٰ ملندي هر ڪوش ۾ نہ ساڳي،
مطلب تہ لاڳو سان آ ڳولي لهان بہ نافذ.

’نسرين‘ ٿي ويس مان ڇڙ ضابطو ڪو ٻڌجي،
پنهنجي ئي زندگي تي شل ٿي سگهان بہ نافذ.

❋

ڪوش: لغت.
ضابطو: قاعدو، قانون، دستور انتظام وغيره

بحر: هزج مثمن اشتر
وزن: فاعلن مفاعيلن فاعلن مفاعيلن

ذ

بس هلي تو ٻن تي وس، هڪ قلم ۽ هيو ڪاغذ،
گهرجي تو اِهو ئي بس، هڪ قلم ۽ هيو ڪاغذ.

وسري جي ويو رستو گس تي هو لڳايو تِن،
دڳ جو تا ڏِين سي ڏس، هڪ قلم ۽ هيو ڪاغذ.

مس چٽو هٽي تو خود داغ پاڻ کي جن لئه،
سي ڏين ڪٿي تا جس، هڪ قلم ۽ هيو ڪاغذ.

مون ٻڌو هو آهي هر تيغ کان قلم ڪاري،
مون ڏٺا پئي بيوس، هڪ قلم ۽ هيو ڪاغذ.

هٿ ۾ ڪانئرن جي ڪٿ تا اِهي پلا سونهن،
تون ئي تِن هٿن مان کس، هڪ قلم ۽ هيو ڪاغذ.

انتظار ۾ سي 'نسرين' جي اچا آهن،
ميز تي پيا جي تس، هڪ قلم ۽ هيو ڪاغذ.

❁

بحر: متقارب مثمن سالم
وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

ر

جي هوندي حياتي تہ ملنداسين پيهر،
رکي غم کي پاسي تي کِلنداسين پيهر.

جهلي چانهہ جو ڪوپ، يادن ۾ گم تي،
پرڻ تنهن مان چسڪي بہ پِلنداسين پيهر.

ڪري وعدو هڪ ٻي سان جلدي ملڻ جو،
ڪو جوڙي بهانو نہ ملنداسين پيهر.

ڪِري جي پياسين ڏکو ڪائي اڏ ۾،
اٿي حوصلي ساڻ هلنداسين پيهر.

نئين سج وانگر ٿي نروار جڳ ۾،
نما شام جو نيٺ لهنداسين پيهر.

ڪٿي سمنڊ ٻڏجي، ڪٿي ٻڏجي طوفان،
ڪٿي موج دريا تي ڇُلنداسين پيهر.

وِساري نہ ڇڏجو! هلي جي وياسين،
چمن جي فضائن ۾ گهلنداسين پيهر.

اچي ڪو ڏي 'نسرين' مون کي بہ دلبو
ڇڏي در اوهان جو نہ رُلنداسين پيهر.

*

نما شام: سج لهڻ کان پوءِ جهڪي روشني۔ دلبو ڏيڻ: ريجهائڻ، پرچائڻ

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

ر

روئين ٿي هاڻ ڪنهن لئہ دل زار زار هر هر،
ٿي ضبط تي وڃائين ڇو اختيار هر هر.

دل سان ڪيو هو جنهن تي مون اعتبار هر هر،
دل پوري تنهن ڪئي آ اک اشڪبار هر هر.

منهنجو ٿئي ٿو جڳ تي غم آشڪار هر هر،
ماحول ٿي وڃي ٿو سڀ سوڳوار هر هر.

راهن مان جنهن جي چونڊي پٿر ها مون هٽايا،
تن سان ڪري ٿو مون کي سو سنگسار هر هر.

دوکو جي دشمنن کان کائي ٿيو پريشان،
ڪيڏو ڪيو هو تنهن کي مون هوشيار هر هر.

گذري نہ وقت تنهنجي اڄ انتظار ۾ ٿو
ٻاهر ڏسان دري کان ٿي بيقرار هر هر.

ٿو ناگوار گذري جڏهين طبع تي تنهنجي،
ظاهر ڪيان ڇو پنهنجو مان حالِ زار هر هر.

هو سازگار جڏهين مون لئہ زمانو سارو،
آيون ٿي در تي خوشيون خود بيشمار هر هر.

تعريف تنهن خدا جي جنهن ذات سان نوازيو
'نسرين' کي ڪرين ٿو ڇو شرمسار هر هر.

❁

بحر: هزج مربع اخرب سالم
وزن: مفعول مفاعيلان

ڙ

تون ٻوڙ اچا اُت ٻوڙ
بس باقي ٿئي هڪ موڙ

ڏس ڏُور نہ آهي ماڳ،
هل نيٺ تہ رسندين توڙ

اڄ رات . انڌيري آهہ
اڄ وار نہ پنهنجا چوڙ

تي ڪنوڻ ڪري چمڪاٽ،
ڪڪرن بہ ڪئي گجگوڙ

هل پاڻ هلون اڳتي تا،
پيرن کي نہ پئتي موڙ

آ جڳ تہ حياتي ڦند،
هر ڪنهن جي ڳچيءَ ۾ نوڙ

گم تي نہ وڃن ڪنهجي ڪي،
ڪو چو نہ هڏي تو گوڙ

سا نيٺ تہ ايندي منڊ،
سڀ پاڻ ۾ ملندا جوڙ

جي صبر ٽا ڪن سورن تي،
تن ڪي ئي ملن ٽا ڪوڙ.

ڪجھ تون بہ تہ ڳچ 'نسرين'!
اڄ ماٺ جو روزو توڙ.

❊

بحر: هزج مربع اخرب سالم
وزن: مفعول مفاعيلن

ز

جڳ جو هو ٿيو آغاز
تنهن دم تون ٿئين دمساز

دل ۾ جو وڄي ٿو ساز
آهي تہ پلا ڪو راز

ڪو مون کي پڪاري ٿو
ڪن ۾ ٿو پُري آواز

اڄ ڳالھ ڪريان دل جي،
اڄ توکي ڪريان همراز

پرچي ئي نہ ٿو دلبر،
ڪيڏا ٿي ڪريان ايلاز

مهڻن سان ڇلين دل ٿو
ڪنهن کان ٿو سکين انداز

صحبت جو اثر لازم،
جهرڪي نہ بڻي پر باز

سو ڏينهن بہ اچڻو آ،
هي روح ڪندو پرواز

سڏجان تي مان اڄ شاعرِ،
رب اهڙو ڏنو اعزاز.

اهڙو هو پرين سهڻو
’نسرين‘ ڪيو تي ناز.

❊

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

س

گهر ۾ بہ آهي گذ گذ ٻاهر بہ آس پاس،
تنهائي آ مقدر انسان جو اساس.

خنجر مثال دل کي گهائل ڪري نہ ياس،
ڪٽ حوصلن جو ڪوري ڪائي وجي نہ ماس.

موسم خزان اڏائي هر وڻ جا پن وئي،
باغن ۾ آ اُداسي گل ۾ بہ ناهہ واس.

هي چلولي خوشي ڪٽ هڪ هنڌ تي ٽِڪي،
غم بي وفا نہ آهي، غم آهي مون کي راس.

توکي وڻي ويس مان، مون کي بہ تو وڻين،
آهي اِها حقيقت، سپنن ۾ تي شناس.

توکان جدا تي جيون بي رنگ تي ويو
تنهن کان تہ پوءِ رڱيو ڪارو هو مون لباس.

'نسرين' ڇا اچا پيي توکي ٿو خوف تي؟
آرس پيچي نہ جاڳي دل ۾ ستل ڪا آس.

*

اساس: بنياد، پيڙهہ، بُڻ.

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

س

مون کي نہ جهل لکڻ کان لکندس ضرور لکندس،
جيسين اکين ۾ آهي ٿورو بہ نور لکندس.

هٿ ۾ نہ تيغ آهي، ناهي ڪمان ڪلهي تي،
پنهنجي قلم سان ٽوڙي تنهنجو غرور لکندس.

لکندس ذرو ذرو مان، پل پل جا پور لکندس،
تو اڻ ميا ڏنا جي، توري سي سور لکندس.

هوندو جي ڏوهہ منهنجو بلڪل حضور لکندس،
پر تو ڪيو جو هوندو سو پڻ قصور لکندس.

آهي جو نيتن ۾ ڪِن جي فتور لکندس،
کولي چٽو انهن جو سڀ ئي وچور لکندس.

مان ڇا چوڻ ٿي چاهيان، ڇا ڇا لکڻ ٿي چاهيان،
جي علم ڏي عمل جو مون کي شعور لکندس.

پنهنجي ڪمائي لکندس ملندي جڏهن بہ فرصت،
گهائل ڪيو گهڻن کي گهري سا گهور لکندس.

هوندي پَري جا تنهن کي چوندس پري مان دل سان،
هوندي ڪا حور جهڙي، تنهن کي مان حور لکندس.

جڏهين عبور ڪامل ٿيندو غزل تي حاصل،
تڏهين عروض جا مان مِڙئي بحور لکندس.

’نسرين‘ وصل جو پي هوندو خمار پنهنجو
مون کي ته هجر ۾ پي آيو سرور لکندسَ.

❊

فتور: فساد، فتنو وڳوڙ
وچور: تفصيل

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

س

ڪنهن لاءِ خاص هوندس، ڪنهن لاءِ عام هوندس،
ڪنهن لاءِ مڌ جي ماٽي، ڪنهن لاءِ جام هوندس.

ڪنهن لاءِ چرچ سزا ڪا، ڪنهن لئه انعام هوندس،
ڪنهن لئه ڪتاب ڪُليل، ڪنهن لاءِ مام هوندس.

ٽُنهنجو مزاج آتش، منهنجي ادا بهاري،
جي تيغ ٿي وئين تون، تنهن لئه نيام هوندس.

جنهن ڪي خزان جي رُت ۾، هلڪي هوا ٿي لوڏي،
ٽُنهنجي وئي پُڇاڻان، سا خالي لام هوندس.

تنها هُو منزلن ڏي، هلندو ويو اويلو،
آهي يقين مون ڪي، پويان هشام هوندس.

نِڪتو پرهه ڦُٽيءَ جو مون ڏي ڪري ارادو،
پهتو نه پر اچا جو ٿي ويئي شام هوندس.

واريءَ جيان هٿن مان نڪري وئي حياتي!
’نسرين‘ چرچ گُمان هو هت مان مدام هوندس.



بحر: هزج مثمن اخرب سالم
وزن: مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن

ش

پر ڪولي پئي اُڏران، او ڏور متي آڪاش،
هي پوئين پهر جو سپنو مان بہ ڏسان ها ڪاش.

تي هيٺ متي راٽي يا شاهہ، گدا، جوڪر،
آڳر سان نچائي تي هڪ حڪم هلائي تاش.

هر دفن تيل بي ڏوهہ مقتول بہ مان ئي هان،
ٻڙ تي جو پيو جُهولي سنگسار بہ منهنجو لاش.

مان ئي تہ اهو جڳ ڪان آن راز نهان تنهنجو
پو راز پلا پنهنجو ڪو ڪيئن ڪري خود فاش.

’نسرين‘ ڪي ڏين هٿ سان، سا وِهہ بہ ڪِلي پيئندي،
زحمت نہ ذري ڪر تون ايڏي نہ ملائي چاش.

❋

وهہ: زهر

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

ش

ڀُلجي ڪيو هو تنهنجي نيڻن مان جام نوش،
آهي نہ هوش مون کي آهي نہ هاڻ هوش.

مطلب مجاز جو ڇا؟ منزل حقيقي ڇا هي؟
هر واردات دل جي ڪٿ تو ٻڌائي ڪوش!

سوچي ڀلا ڪو سمجهي ڪٿ عاشقي ڪري تو
پارائي ٿو عقل کي خود عشق پاڻ پوش.

موسم بهار ۾ هو وعدو وري ملڻ جو
لامن لُڏي ٻڌايو آهن ڦُٽڻ تي گوش.

’نسرين‘! پنهنجي دل جا سڀ تار تون بہ ڇيڙ
محفل ۾ ناهي مستي رندن ۾ ناهي جوش.

❁

گوش: گونچ، ٻور وڻ جون نيون ڦُٽل ٽاريون
رند: ڇڙواڳ، شرابي

بحر: جديد مسدس مقصور
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

ص

شام آهي ياڳ واري ڪيڏي خاص،
پاڻ آئي گھر هلي هڪ جيڏي خاص.

مھر مون تي تون ڪري، مھمان ٿيئن،
تي پئي محفل سڄي آ هيڏي خاص.

هل وري رولاڪيون تون مان ڪريون ٿا،
رُت بہ آهي اڄ اُها ئي ايڏي خاص.

ڪن پيرڻ تي غير جي هن خار مان چو؟
اڪ ڪئي مون ڪي ڏسي آ ٽيڏي خاص.

مُنھن مَٿي هو پيي وڃي ’نسرين‘ ڪان نہ،
چال آهي دشمنن ڪا ڪيڏي خاص.

*

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

ض

دنيا کي خوش رکڻ لئہ خود کي ڪيو هو ناراض،
ٻي جو ڪيو پرڻ لئہ خود کي ڪيو هو ناراض.

پنهنجي ئي ذات کان مان ڏينڊس وري نہ منڪر،
پنهنجي نفي سهڻ لئہ خود کي ڪيو هو ناراض.

وِهہ جو وٺو هو هٿ ۾ سامهون سماج ٻيو هو
ڪو فيصلو ڪرڻ لئہ خود کي ڪيو هو ناراض.

جنهن موڙ تي ٽياسين هڪ ٻي کان ڌار تون مان،
موٽي اُتي اچڻ لئہ خود کي ڪيو هو ناراض.

ناراض ٿي زمانو 'نسرين' ڪر نہ پرواهہ،
افسوس! تنهن پهڻ لئہ خود کي ڪيو هو ناراض.

❋

بحر: هزج مثمن اشتر

وزن: فاعلن مفاعيلن فاعلن مفاعيلن

ط

دل ڇيو لکان تنهنجي نالي هڪڙو ڪُليل خط
جو ملي ٻہ آخر ۾ توکي جڳ ۾ هُليل خط

گهرجي تو لفافو ڪو جنهن ۾ سڀ وجهان ميڙي،
خواب جي ڏنا گڏ ها، لڙڪ سڀ ۽ پُسيل خط

ڪي ٻڌي رکيا ها پر ڪي اکر سُڃاتا مون،
هيٺ جو وهاڻي جي تو ڇڏيو هو ڀُليل خط

جو ڳچيءَ ۾ تنهنجي زنجير سان پيو جهولي،
سو ڳتر ۾ آهي تعويذ يا ڪو سُبيل خط

مون چُمي سنڀالي سو آ رکيو ڪٽي پَٽ تان،
سو نہ ڄاڻ ڪنهن جو هو تو جيان ئي رُليل خط

دل ۾ تير سان جا تصوير موڪلي آ تو
ميز تي پيو هو سو اڄ تہ رت ۾ اُڀيل خط

لفظ جي ٻہ مون لئہ تو ها خلوص سان لکيا،
مون کي تو لڳي هيرن سان اُهو تہ جُڙيل خط

سو ٻہ وقت هو جو ايندو ٽپال مان خط هو
هاڻ نيٽ تي ئي 'نسرين' ڳول ڇپيل خط

❁

ڳتر: ڪپڙي جون ٻچيل ٽڪريون

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

ط

جيڪو غلط هو تنهن کي مون پيو چيو غلط
ڪهڙو گناهہ ڪيو مون؟ ڇا مون ڪيو غلط؟

بندو بشر مان آهيان، آهيان خطا جو گهر،
الله معاف ڪر تون، جو ٿي ويو غلط

ڇو پيو جي جرم جي هُو پوڳي پيو سزا،
جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڦندو آهي پيو غلط

جهلجي پيو وڪر آ، اڄ پاپ تور ۾
تنهن کي نہ ڪجھ چيو ڪنهن جنهن هو ميو غلط

سڀ جي صحيح غلط کي پرکيندو خود خدا،
’نسرين‘ ڇو ڇوڙي هِن بندي ڪيو غلط

*

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

ظ

نڪري ويو وڏن جو دل مان ادب لحاظ،
ڪو وقت هو ڪبو هو تن جو غضب لحاظ.

ماٺهو سو موتيءَ داڻو ڪنهن آ ٻڌو ڏٺو،
جنهن جي مزاج ۾ آ نوڙت، عجب لحاظ.

تنهن ۾ لحاظ جي ڪا شايد صفت هجي!
جنهن جو لحاظ نالو هوندو لقب لحاظ.

بازار ۾ وڪامي اهڙو وکر نه تو
ملندو نه پئسو خرچي، سَوَ لک، اربَ لحاظ.

تحقيق ڪرڻي پوندي ڪٿ مُنهن ڪري مَنو!
نڪري ويو دلين مان ڪهڙي سبب لحاظ.

ٿي بدلحاظ هر ڪو ڪلجُگ ۾ تو رهي،
وسري ويو سڀن کان پنهنجو نسب لحاظ.

'نسرين' مون ڪيو هو سڀ جو لحاظ ٿي،
ڪنهن کان نه خود ڪيو پر ڪڏهين طلب لحاظ.

❋

وکر: هٽ جو سامان، سودو

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

ع

مون تي لهي مٿان ڪان پهچي ٿي توڙ مصرع،
پوئي غزل ٿي پورو مضبوط نوڙ مصرع.

آمد ٿئي ٿي من ۾ مانڊاڻ ڪو مچي ٿو،
هڪ ٻي سان ڪن ٽڪرجي ڪيڏو ته گوڙ مصرع.

الهام ٿي جي مصرع سرجي وڃي غزل ٿو،
آ سمنڊ ۾ نديءَ جو جڻ فطري ڇوڙ مصرع.

ٻيڙي خيال جي ڪا ترندي وڃي بحر ۾،
گهٽ وڌ ڪري وزن تون پنهنجي نه ٻوڙ مصرع.

نڪري نه وڃ تڪڙ ۾ ٻي شعر ڪان ٻه اڳتي،
ڊيرج سان هل زمين تي ايڏي نه ڊوڙ مصرع.

مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن،
پوري عروض تي آ ڪيڏي ٻه ٽوڙ مصرع.

دنيا مٿال جنهن جو ڏيندي رهي سدائين،
اهڙي ڪا فڪر فن سان هڪڙي ته جوڙ مصرع.

چوٽيءَ تي شاعريءَ جي پهچي ٿو ڪو ئي شاعر،
فن جي هماليہ تي پهچي ڪا ڪوڙ مصرع.

ديوان ۾ الف کان ي تائين جي غزل هن،
تن ۾ ڪا شاعري جي هوندي نچوڙ مصرع.

طرحي غزل چوڻ لئہ 'نسرين' ڪا مثالي،
سونهين ٿي سر تي ڪيڏو منهنجي ئي موڙ مصرع.

❊

ماندڻ: لوچ پوچ، ولوڙو وڳوڙ

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

غ

هوا آندي خبر ڪا خير جي ڪنهن حال ۾ آ باغ،
بهارن جي مزي ۾ يا خزان جي چال ۾ آ باغ.

وڃي تي مند او مالهي! اُٿي ڪر هوش تون هاڻي،
پڪو ميوو ڀلا ڪو يا سڄو ئي ڀال ۾ آ باغ.

لهي ڪو سار ٿو پنهنجو؟ ٿيو يا غير جو قبضو؟
سنيهو ٽُرٽُ آڻي ڏي تہ ڪنهن سُر تال ۾ آ باغ.

رڳو ڪانگن جي ڪان ڪان سان سڄو ئي باغ ٿو گونجي،
ويا ڪيڏانهن ڇتُون ڇيها عجب پونچال ۾ آ باغ.

سُڪل لامون، رُڻل پنڇي، ڪٽي ويڙن آ موسم ڀي،
ويو آ باغبان منجي وڏي جنجال ۾ آ باغ.

پئي وڏندي وڃي ٻوسٽ ڪٽي نڪري نہ تن مان دم،
لڳي ٿو جڙ ويو ڌبجي اندر پاتال ۾ آ باغ.

ڪري گهيرو وڃي ويٺا پڪي نادان ٻُسي وڻ کي،
ڏڄي 'نسرين' ڪنهن کي ڏانهن اڄ هڙتال ۾ آ باغ.

❋

ٽُرٽُ: جهٽ پٽ، بنا دير

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

ف

جنهن کي حليف ڄاتم سو هو اصل حريف،
ڪڏهين ٿيو نہ تنهن تي ٿڙ جو بہ شڪ خفيف.

سو ئي ڪٿي ويو آ جنهن جو گمان نہ هو
آيو نظر ٿي سڀ ۾ ڪمزور ڪجهہ نحيف.

دونهين بہ ڪجهہ ڪثافت ڌرتيءَ تي وڌ ڪئي،
ماحول پڻ سياسي ٿيندو وڃي ڪثيف.

ڪيڙي ٻني ٿو هاري، ڪائي ٿو ڪو ٻيو
ڪڏهين فصل ربيع جو ڪڏهين وري خريف.

ڪيڏا نقاب پائي ماڻهو گهمن پيا،
جنهن کي ٿا نيڪ سمجهون نڪري نہ ٿو شريف.

جنهن وٽ مقام آهي عورت جو معتبر،
اڄ سنڌ سرخرو آ جڳ ۾ ڪئي لطيف.

هر ڪنهن غزل ۾ لازم گهرجي ٿو قافيو
سونهين ٿو ٻيلهہ تنهن سان جيڪر هجي رديف.

’نسرين‘ ڏوهہ آهي پنهنجي عمل جو ڪجهہ،
تنهن کان سوا ملي آ قسمت بہ ڪجهہ ظريف.



حليف: ساٿي، رفيق۔
ڪثافت: آلودگي، گندگي

بحر: خفيف مسدس مخبون محذوف، مقطوع
وزن: فاعلاتن مفاعلن مفعول

ق

گهر کان ٻاهر ذري، نہ نڪري ٻاڦ،
نيٺ ويندي ٺري، نہ نڪري ٻاڦ.

ڪجھ نہ پُڇ! من ۾ چو ٻري تو مچ،
ڳالھ ڳُجھ جي ڳري، نہ نڪري ٻاڦ.

هُو ملاقات مهل هو خاموش!
دل ٻُڏي دل تري، نہ نڪري ٻاڦ.

سمجھي کو خود کي جڻ تہ شهزادو ۽،
سمجھي تي ڪا پري، نہ نڪري ٻاڦ.

ڪي ها اوسيئڙا ۽ ڪي ها اُلڪا،
تو سوا جا سري، نہ نڪري ٻاڦ.

گذري سُک جون ويون اُهي گهڙيون بہ،
ويندي غم جي ٺري، نہ نڪري ٻاڦ.

هجر جي مند ويندي، ايندي پوءِ،
وَصل واري وري، نہ نڪري ٻاڦ.

جهٽ ۾ ويندو اِهو بہ گذري وقت،
تي نہ ايڏي ڊري، نہ نڪري ٻاڦ.

تڪجي رڪجي نہ ملندي منزل توکي،
توري تي اڳيري، نہ نڪري ٻاڦ.

جوڳيءَ لئہ تنهن ئي ورتو آهي جوڳ،
عشق ۾ جا ڪري، نہ نڪري ٻاڦ.

پڙڪو ڪائي وئي وسامي نيٺ،
باھ جيڪا ٻري، نہ نڪري ٻاڦ.

ڪير جوڙي سوين، هزارين پور،
دل جا ڏاڍن ڌري، نہ نڪري ٻاڦ.

تي پئي آ ڏکي ڪٽڻ مون لاءِ،
ڀاري دردن ڀري، نہ نڪري ٻاڦ.

ڪيئن 'نسرين' اوري ڪنهن سان سور،
ايڏي ناهي چري، نہ نڪري ٻاڦ.

❀

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

ق

سڀ کان عظيم جذبو دنيا ۾ آهي عشق،
ويران سا ئي دل آ جنهن دل ۾ ناهي عشق.

پهرين نظر جو جادو قابو ڪري نظر کي،
نيڻن جي راهه کان ئي دل تي ٿو ڪاهي عشق.

هي عشق ٿو نچائي هي عشق ٿو پچائي،
تختي تي ٿو بيهاري تختن تان لاهي عشق.

تارا ڳڻيندي گذري جنهن جي نه رات ڪا ئي،
ڄاڻي سو ڇا حقيقت؟ آخر ته ڇا هي عشق.

آ عشق جو هي سودو جنهن ۾ رڳو عطا آ،
مستي مٽائي هستي، ڪڏهين نه ساهي عشق.

معشوق کان جدا ٿي فرقت سَٺي نه جنهن به،
تنهن کي پلا خبر ڇا ڪهڙي بلا هي عشق.

’نسرين‘ ڳالهه ساري بس آهي قسمتن جي،
ڪنهن کي ٿو عشق ٿاهي، ڪنهن کي ٿو ڍاهي عشق.

✲

بحر: هزج مربع اخرب سالم
وزن: مفعول مفاعيلن

ڪ

اڄ بند ڪري سڀ تاڪ،
دل جا ٿي سبان ڪي چاڪ.

ڇو حال پڇي منهنجو
رَتُ روئي ڏنو هو ماڪ.

مومل ته وئي وسري!
سڀ ڪي ٿي ڪپي اڄ ڪاڪ.

ناريءَ کي ڪري ڪاري،
ٿي سائين وڏي جي هاڪ.

ڪاريءَ تي وَهي ڪاتي،
ٿي ٺارون وئي هڪ ٺاڪ.

آ دفن جتي ڪاري،
جرڪي سي پيا هن ٿاڪ.

وڪجي ٿو ضمير جتي،
اُت روز لڳن ٿا واڪ.

اڄ رات پنل آهي،
'نسرين' پئي منجھ خاڪ.

❁

ٺاڪ: ٺار
ٿاڪ: هنڌ، ماڳ

بحر: متدارڪ معشر سالم
وزن: فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن

٤

وقت جا واڳي ڪا پٽ لڳيئي بچڻئي شل نہ ڪڪُ،
شهر ڪي مينهن ٻوڙي ويو پَٽ ڪٽي هاڻ اڪ.

ڏُڪ مٿان ڏُڪ پيري پيتا مون جي پيالا پيري،
تنهن منجهان زهر جي ڪا چُڪي تون ڪٽي هاڻ چڪ.

غير سان تون ڪلي ياڪرين ٿو ملين ڇو پرين؟
تو وڏو ڪو نہ هو پيار پاٻوهہ مان ايئن ٻڪ.

جي ڪيان ڏوهہ مان ڀوڳيان جرم جي هر سزا،
پر نہ جا مون ڪئي ڪا خطا سو نہ الزام رڪ.

تنهن جو وڃجي ويو ڀوڳ ئي ڀوڳ ۾ ڪالهہ نڪ،
نڪ تي جنهن ٿي ڪڏهن ڪا نہ ويهڻ ڏني هڪ بہ مک.

ماٺ آ بي نڪن ڏس تہ ڪيڏو ڪيو ملڪ ۾،
ٿلهہ نہ جيڪو لهي ٿو ٽڪو تنهن ڪيو آهِ لڪ.

*

پاٻوهہ: سِڪ، اُڪير
ٻڪ: ياڪر

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

گ

رنگجي ويو جو تنهنجي رنگن ۾ سارو انگ،
هاڻي چڙهي نہ سگهندو ٻي ڪنهن جو مون تي رنگ

وڄندا رهن پيلي نت سازن سان گڏ سرود،
چارڻ جو چوريو ڪلهہ، ڪن ۾ ٻُري تو چنگ

مون سان رسڻ ۾ پرچڻ پرچي وري رسڻ بہ!
ڪنهن کان سکين تو سهڻا هي نازُ آرُ ڍنگ

جنهن سان ڪيا تو ظالم قيدي ڪئين عشاق،
ڏسجي نہ تو جبين تي ڪاڪل ڦار ونگ

جيون سفر ۾ تنها مون کي اوهان نہ سمجهو
پاڇو هلي تو منهنجو مون سان سفر ۾ سنگ

غوطا غواص هڻندي هڏيو وڃن بحر ۾
ڊپ آ غزل جا جوهر ڪائي وڃن نہ زنگ

قدرت ڏسي خدا جي تي چرخ تو عقل پيو،
ڇا مان چوان زبان سان تي آهي سا بہ دنگ

ڪنهن سان ڪجي شڪايت ڪنهن کي ڏجي ڪو ڏوهه،
پنهنجا ئي نانگ ٻڌجي، هڻندا رهن ٿا ڏنگ.

هٿيار ناهي هٿ ۾ پر حوصلو ته آهي،
’نسرين‘ آهي ڪنڌي هر حال ۾ ئي جنگ.

❊

آڙ: هيچ، لاڙ، دريا جي ڇڪ، چاهه
غواص: غوطه خور، ٽوٻو

بحر هندي/ متقارب مربع مضاعف
وزن: فعل فعولن فعلن فع

ڳ

دنيا تہ آهي ڏاڍي ٺڳ،
مور نہ هن جي پويان لڳ

پنهنجو ئي کو دشمن بڻجي،
انت ڪيڻ لئہ وٺندو اڳ.

اهڙو ئي هو ساجن سَرتي،
مست ملنگي جڻ کو مڳ

اڄ بہ اِهو ئي غم آهي،
ڏار ٿيو ڇو پنهنجو دڳ.

تنها ئي محفل ۾ آهيان،
ڪنهن بہ نہ ڪم جو آهي جڳ

زور ڪيو آ واچوڙي،
اڄ نہ وڃي کو رڻ ۾ وڳ.

نار ڪي ڏسندي حيرت آ،
ڳاڙي ڳِگون ٿو پَوڙهو ڪڳ

ڪوڙي هي مطلب جي دنيا،
پو بہ گهرو ٿا سچ جو سڳ؟

❁

مڳ: مست، بي پرواهہ ـ دڳ: وڏو شاهي رستو ـ وڳ: اٺن جي قطار
ڪڳ: جهور پوڙهو ـ سڳ: ثابتي

بحر: هندي/متقارب مسدس محذوف
وزن: فعلن فعل فعولن فعلن فعلن فعلن

ڳ

پيلي سرنهن ڦٽي آ، پر ڪنهن لئہ سويان ساڳ؟
ورٽو ناهي ويراڳي، هن پيري منهنجي ماڳ.

ٽر بر رنگ رتا آهن، گهر گهر گونجن راڳ،
ڦيري ڪاش! هو ويسارو پنهنجي گهر ڏي واڳ.

آئي مند ملڻ جي آ، سڪيون خوش آهن،
آهيان مان ئي اڪيلي، بس پنهنجا پنهنجا ڀاڳ.

ڪنهن کي چاڻ هُئي اهڙي، هُو ڪا جاڙ ڪندو!
جهٽ ۾ ننڊ ڪسي هو بدلي ۾ ڏيندو جاڳ.

ڪيڏا ڏنگ هڻن ٿا ڏِس، وير رکي من ۾،
اندر جن جي ٿا پلجن ڪي نانگن جهڙا چاڳ.

نيٽان مينهن وسايان جو ٺاري هي پنيٺ،
سو ٿي تاءُ تِکو ڏي، جا ڀڙڪي من ۾ آڳ.



چاڳ: نخرو، انگل، ناز اٽڪل، حرفت، هيچ.

بحر: رمل مسدس سالم
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن

گھ

پاڻ کي ٿا هنج سمجهن هاڻ ڪي ٻگھ،
ڪيترا آهن وڏايا بي نڪن اگھ.

خود وني هوندي رکي ٿو سو سُريتون،
پر نہ ٿا چت تي چڙهن اُن جا ٻہ تي چگھ.

سمجھ جو ڇا واسطو آ ڪنهن جي قد سان،
عقل ٽِن جو هو ڪُڙيءَ ۾ جي ڏٺا ڏگھ.

زهر جهڙو ڪارو پاڻي آهہ تنهن ۾،
جا ڀري آڻي رکي آ کوهہ تان گھگھ.

ڪاش ڏي 'نسرين' معافي هر خطا جي،
پر ڪٿي آ ظرف ۾ ايڏي گهٽي سگھ.

*

ڏگھ: وڏين ڏنگن وارو ٻڪِي قد وارو
چگھ: يار آشنا

بحر: مضارع مثمن اخرب مقصور
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

گ

آهي ڪو توسان ناتو آهي ڪو توسان سنگ،
منڙو رهي ٿو آتو آهي ڪو توسان سنگ

ڇو نينهن توسان لاتو آهي ڪو توسان سنگ،
دل ڏيئي درد پاتو آهي ڪو توسان سنگ

آهي ڪو راز تنهن ۾ آهي لڪل ڪا رمز
بندي سگهان نہ ڪاتو آهي ڪو توسان سنگ

دل ۾ اِهو ئي منهنجي، رهجي وڃي نہ سور
مون ڪي تو ويري ڇاتو آهي ڪو توسان سنگ

جو ٻِٺ دشمنن سان، ويٺو هو هٿ ملائي،
توکي مون خود سڃاتو آهي ڪو توسان سنگ

'نسرين' نيڪيون ڇو ڪم ظرف ٿي وساري،
تنهنجو بہ ٿورو ڳاتو آهي ڪو توسان سنگ

✻

ٻِٺ: گڏ، ڳنڍيل، شامل.

بحر: رمل مسدس محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ل

هر ڪو لمحو تو هلي پنهنجي ڪا چال،
پل بہ گذري نيٺ ٿيندو پورو سال.

بي سبب جا اڪ ڪُلي اڌ رات جو
آيو يڪدم چو پلا تنهنجو خيال؟

ڪو هوا سان اُڏندي آيو راڳ هو
سار تنهنجي هٽندي آئي مون ڏي چال.

سڀ ڪو ماڻهو خاص، سڀ جي پنهنجي جاءِ،
ڪو نہ تو پرجي ڪڏهن پيي ڪنهن جو خال.

تو لنگهي پاهر گهٽيءَ مان بي خبر،
ڪو جهلي پائي ليئا تو در جو پال.

مان جيئان يا ٿي مران پر توکي ڇا؟
تون پلي پڇندو ٿي رهہ دشمن جو حال.

ڪجهہ تہ هو آواز ۾ هن جي اثر،
ڪجهہ تہ هو منهنجي غزل ۾ سُر ۽ تال.

هوشو هيمون دودي جهڙو سنڌي ڪو
ڪا ڄٽي ڏي سنڌ کي سنڌياڻي لال.

مون کي پختو آ يقين تقدير تي،
تون ڀلي وينو ڪڍائج روز فال.

ڇو ڀلايون ڀال پنهنجا ڳائجن،
بي ريا ماڻهن جو آ ڳلجڳ ۾ ڪال.

هارجان ’نسرين‘ ڇو طاغوت کان،
منهنجو ايمان آ سدائين منهنجي ڍال.

❊

ڀال: ٽلهو ڳوڻ مثل ڪپڙو
طاغوت: شيطان.

بحر: هزج مربع اخرب سالم
وزن: مفعول مفاعيلانْ

ل

اڄ بند لبن کي کول،
ڪجھ ٻول ڪٺي ڪجھ ٻول.

بيدرد سڄي دنيا ھي،
خود ٿو ٿئي مسيحا ڳول.

ڪجھ سوچ پلا ڇو رب،
دنيا کي بڻايو گول.

ٻي کي بہ ڪٺي ڏي گُلَ،
پنھنجو نہ رکو پر جھول.

ڏس ڪوھ سُڪڻ تي آھہ،
وڃ ھڪ تہ ڀري اَڄ ڏول.

منھن پنھنجو ڏسي پھرين تہ،
پو عيب ٻئي جا ڦول.

ھر ڪو نہ وڪائو آھي،
آھي ڪو اڃا اڻ مول.

نيڻن کي جهڪائي ڇڏج،
پڏرو نہ ٿئي ڪو پول.

هر مُند وچي منجي تي،
تون ساڳو اهو ئي رول.

او ماءُ! مران تي آئُ،
مون ڪان ڇو رنو آ ڊول.

’نسرين‘ سو پارين ها تون،
جو مون سان ڪيو تو قول.

❁

قول: واعدو، انجام، اقرار

بحر: منسرح مثمن سالم
وزن: مستفعلن مفعولات مستفعلن مفعولات

م

هڪڙي جي هٿ ۾ آهي صراحي، ٻي جي هٿ ۾ جام،
ٻيئي برابر ڏوهاري پر رند ئي آ بدنام.

اڄ تان لهي آيا پنهجي ٻَرجي وئي هر ڪا لام،
اوسيئڙي ۾ تنهنجي ته ٽڪجي پئي اڄ پڻ شام.

اڀري لٿو سج سونهري آئي اُها ئي آ رات،
جلندي ۽ ٻجهندي ٿيندس ڇا مان ڪوئلي وانگر خام.

چپ ئي رهڻ بهتر آ ته رهبو اڃا پڻ خاموش،
هر ڏوهه مڙهبو پر ڪو نه سهبو ڪو ڪوڙو الزام.

جنهن شهر جي رستن کي ٿي تون جيئن سارين 'نسرين'
تنهن جا پڻ ٿا توکي ياد ڪن تيئن گهر گهٽيون بام.

*

خام: ڪچو، ناقص، ناتجربيڪار، بيڪار.
بام: ڇت، ماڙي، بالاخانو آسمان.

بحر: رجز مثمن سالم
وزن: مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

م

دلڙي هئي هڪ درد هاڻي تي وئي آهي ختم،
تنهجي هئي جا راڄڌاڻي تي وئي آهي ختم.

ڇو دوستي پنهنجي پراڻي تي وئي آهي ختم؟
ڪو آ سبب يا ڇاڻي واڻي تي وئي آهي ختم.

اڄ انت تي وچ ۾ ويو آ مرڪزي ڪردار جو!
انجام ڪان پهرين ڪهاڻي تي وئي آهي ختم.

اتهاس جا سيئي پنا تنهن جي گواهي ٿا ڏين،
هر بادشاهه ڪان پوءِ راڻي تي وئي آهي ختم.

سي عشق جا ها پيچرا ڪيڏا اڙانگا او پرين!
تنهن پنڌ ۾ هي جوڳياڻي تي وئي آهي ختم.

هر مات ڪان پو جيت جو امڪان باقي ٿو رهي،
هڪ ڏُر تي سمجهي، ڏُر ٻي ساڻي تي وئي آهي ختم.

ايندڙ نئين ڪنهن دور ۾ آخر ٻڌڻ ايندو اهو
هڪڙي هئي آڪاش واڻي تي وئي آهي ختم.

نلڪن مان ٿو نڪري اُهو ئي گدلو پاڻي ڇا ڪجي؟
ڇاليندي تنهن ڪي روز ڇاڻي تي وئي آهي ختم.

ٻوٽا وڏي ورڻ تي ويا اُس ۾ ٿا هاڻي ڇانو ڪن،
’نسرين‘ تن ڪي ڏيندي پاڻي تي وئي آهي ختم!

*

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن



هر پل رهين ٿو تون ئي منهنجي ڌيان ۾
توکي نہ حال منهنجو هوندو گمان ۾

آهي نہ وصل هت جي پنهنجي نصيب ۾
ملنداسين نيٺ تون مان ڪنهن ٻي جهان ۾

مون کي تہ هر ڪهاڻي پنهنجي لڳي ٿي پر
ڪردار ڪو ٻيو آ هر داستان ۾

هن شهر ۾ رهن ٿا ماڻهو نہ سڀ رڳو
انسان ڀي رهن ٿا ڪنهن ڪنهن مڪان ۾

هاڻي نہ گهر اچن ٿا مهمان شوق سان
اتساهہ ڀي نہ آهي ڪنهن ميزبان ۾

نڪري وڃن نہ رسمون ايثار جون ڪٿي
ٿي مهر جي ڪمي آ هر مهربان ۾

هوشو نہ دودو هيمون ڪو ڀي نہ ٿو ملي
سورهہ ٿي ڳوليان هر سنڌي جوان ۾

افسوس! جن کي مون پيو چاتو نہ تي اهم،
سي ئي سوال آيا هر امتحان ۾.

همٿ ڏئي ويو آ مون کي ڪو پرجهلو
پهرين نہ سگهہ هئي ڪا مون ناتوان ۾.

دل سان ڏئي دعا تي 'نسرين' هٿ کڻي،
هر پل اوهان هجو شل رب جي امان ۾.

❊

اُتساهہ: چاهہ، شوق
پرجهلو: آڌار، ٽيڪ، سهارو، حمايتي، ڏڍ

ـ سورهہ: سورمو

بحر: رمل مثمن محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

۶۴

اڄ لڳي ٿو ڄڻ هجون پٿر جي جهوني دور ۾،
فرق ناهي ڪجهه رهيو ماڻهوءَ مرونءَ ۽ ڍور ۾.

مون کي خود کان وڌ يقين آهي جو دل جي چور ۾،
ڪا ته اهڙي ڳالهه هوندي سورمي شهزور ۾.

ڪا عجب محسوس ڇڪ ٿي، مون جڏهن توکي ڏٺو
ڄڻ ٻڌل تون مان هٿاسين اڻ ڏٺي ڪنهن ڏور ۾.

مون جلايو هو هوا ۾ مشڪلن سان هڪ ڏيئو
پر هئي طاقت ڪٿي ننيڙي ڏيئي ڪمزور ۾.

هن ڏني مون کي صدا درياهه جي هن پار کان،
ڪو نه آئي پر ٻڌڻ ظالم هوا جي شور ۾.

رُت هُئي ساوڻ جي تر ۾ ڪلهه ته خوش هو ڍيل سان،
سا خوشي آهي نه نچندي اڄ اڪيلي مور ۾.

ڪو نه ٿو تصو ڪو ٻڌجي هاڻ ٽِن جي ويڙهه جو،
ٿي ويو آهي صُلح ڇا ويري نانگ ۽ نور ۾.

ڪو نتيجو ڪونہ نڪتو فلسفي يا راءِ جو
ڪا ڪمي منطق ۾ آ يا سوچ، فڪر ۽ غور ۾

مون ڏسڻ چاهيو تي خود کي پر وئي سا ڇُور تي،
مون ڏٺو يڪتا پرين هر آرسيءَ جي پور ۾.

جي ڪو پنهنجو منهن مٽائي تون نہ مَٽُ 'نسرين' رُخ،
ڇو پوي ڪو فرق تنهنجي ڪنهن طريقي، طور ۾.

❊

شهزور: سگهارو پهلوان، ڏاڍو مڙس
يڪتا: هڪڙو ٿي، اڪيلو پنهنجو مٽ پاڻ

بحر: متقارب مثمن سالم
وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

ن

نيائڻ تي مجبور ڪردار آهيون،
ننڍا يا وڏا سڀ اداڪار آهيون.

پرين جي اوهان کان ٿيا ڏار آهيون،
مڃون ٿا خطائون گنهگار آهيون.

سڃاڻي ٻه اڻ ڄاڻ تون مان ٿياسين،
هلو! ڪنهن نه ڪم ۾ مددگار آهيون.

ڪٿو هٿ جي پنهنجا ڪجو ياد تنهن دم،
اوهان جي دعا جا طلبگار آهيون.

اُداسي اندر ۾ ڪيو آهي ديرو،
سبب ڪو ٻه ناهي سزاوار آهيون.

اڪيون پوري اڳتي هلي ڪين سگهبو،
سفر ۾ ڪڏن کان خبردار آهيون.

نه ڪو خود فريبيءَ جي چارن ۾ قائل،
نه خواهش ۾ ڪنهن جي گرفتار آهيون.

اندر ۾ رکي ڏک مِلون تا کِلون تا،
سمجهدار آهيون، وضعدار آهيون.

جي سمجهن ٿا 'نسرين' مغرور آهي،
پڏايو انهن کي ملنسار آهيون.



بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ن

هئس محفل ۾ تنهنجي ڪنهن، وچايل ٻار وانگر مان،
هئين گم تون بہ غيرن ۾، هئس اغيار وانگر مان.

وئي دل ڇُور ٿي جيئن ڪو پيچي شيشو ٽئي پورا،
ويس وکري ٽيس ڪڻ ڪڻ، ڇڳل ڪنهن هار وانگر مان.

ڏسي پولار ۾ اکڙين، ڪئي ٿي چنڊ جي ڳولا،
پري هو پهچ کان ڪيڏو رُنس لاچار وانگر مان.

هئا تارن ۾ پوشيده ڪي پراسرار پس منظر،
ستارن کي لڳان ٿي پر عجب اسرار وانگر مان.

ڪئي ڪيڏي نہ ڪوشش مون، پرين توکي وسارڻ جي،
ڪيان صبح و مسا ٿي ياد ڇو بيمار وانگر مان.

ملڻ جي مند پئي ايندي، اڃا اميد باقي آ،
اندر تيسين رهان تنهنجي، پراڻي سار وانگر مان.

لڪل گوشي ۾ هن دل جي، وسي دلبر يگانو تو
ميڙڻ کان تنهن حقيت کي، ٿيس انڪار وانگر مان.

ڏنو تو بي خياليءَ ۾ ڪڏي گلدان مان هڪ گل،
شرم کان تي ويس ڳاڙهي، جوان ڪنهن نار وانگر مان.

ڪنيو ’نسرين‘ طاقت کان سدائين بار هو ڀاري،
ٿيان محسوس ڇو ڪنهن کي، اجائي بار وانگر مان.

*

بحر: رمل مثمن محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ن

ڪو اُڏيڙي ڦٽ ويو آ اڄ زبان جي تير سان،
دل جگر منهنجا سڙن ٿا هاڻ ٽڏڙي هير سان.

ڦيريان قسمت ڪي ڪوشش يا تہ ڪنهن تدبير سان،
جنگ ڪهڙي جهيڙيان لوح و قلم تقدير سان.

راڄ راڻي شهرِ غم جي آهيان غم جو قسم،
مان ٿي تنهن ۾ خوش رهان دردن سندي جاگير سان.

اڄ چنيسر، دودا ٻڄي ڪن حڪومت ٿا پيا،
سنڌ توڪي ورڻو ناهي پير سان يا مير سان.

وسري پنهنجو غم وڃي ٿو درد ڪنهن ٻئي جا ٻڌي،
ويهي ڏس هڪ پل تہ ڪنهن غمگين، ڪنهن دلگير سان.

زخم جي 'نسرين' مليا سي تہ سڀ پيارا اٿم،
خاص پڻ آهي محبت هڪ پراڻي جهير سان.

*

دلگير: غمگين، اداس،
جهير: زخم، وِڍُ، چِمڪُ، چيرُ،

بحر: متقارب مثمن سالم
وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

ن

ازل کان ھڏو آ عذابن ۾ آھن،
سدا عشق وارا عتابن ۾ آھن.

نقابن جي پويان نقابن ۾ آھن،
عيان راز پو پي حجابن ۾ آھن.

لکيا ڀاڳ جا ڪي تہ پوڳي چڪاسين،
اڃا درج غم ڪي نصابن ۾ آھن.

وري عيد تِن جي ڪٿي ياد آئي،
ويا جيڪي وچڙي شبابن ۾ آھن.

سوين گذري تنھا ويون راتيون جي،
اُھي قرض تنھنجي حسابن ۾ آھن.

ڏنا تو جي گُل ھا جدا ٿيندي دلبر،
سنڀالي رکيا مون ڪتابن ۾ آھن.

نہ ڪا خوشبو ساڳي، نہ ڪي رنگ باقي،
رڳو تنھنجون يادون گلابن ۾ آھن.

اهي نيڻ تنهنجا هئا مڌ پيالا،
نشا ڪٽ ڪي اهڙا شرابن ۾ آهن.

خيالن جو صحرا ڪري پار ڏسجي،
نوان ڪهڙا منظر سرابن ۾ آهن.

سوالن ها پڌرا ڪيا مامرا سڀ،
لڪل پو ٻيي رمزون جوابن ۾ آهن.

وساري ٻيلا ڪيئن 'نسرين' ڏيهي،
اباڻا مٺا روز خوابن ۾ آهن.

*

مامرو: معاملو مسئلو تڪرار
رمزون: راز ڳجھ، اک يا ڀرُون جو اشارو اٽڪل

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ن

ٻڌايا درد جا قصا اوهان کي مختصر آهن،
ويا اظهار کان رهجي اڃا کي منتظر آهن.

اهي محلات ڇو ڪنهن ڪاڪ جا جادونگر آهن،
جتي جي موملن، راڻا ڪيا کي دربدر آهن.

نہ ڪو احساس آ دل ۾، نہ ڪو آ درد غم ڪنهن جو
اڄوڪي دور ۾ ماڻهو ٿيا ڇو بي مهر آهن.

اڃائي هوڏ هستيءَ جي اڃائي آهہ مغروري،
اهي جذبا وڏائيءَ جا زهر آهن قهر آهن.

منافق مشتهر نيڪي ڪري وهہ وا سهيڙي آ،
لڳل هر جاءِ تي ڪيڏا تہ هن جا پوسٽر آهن.

وفا ڇا هي؟ جفا ڪهڙي؟ منافعو ڇا؟ خسارو ڇا؟
اهي دستور الفت جا ڪٿي اڄ معتبر آهن.

ڪيم ٿي ياد ماضيءَ کي ڏسي چنڊ کي جهروڪي مان،
اهي دلبر ويا ڪنهن پار جن لئہ چشم تر آهن.

ڪيا جي فيصلا تن تي رهي ثابت قدم هر دم،
سٺا 'نسرين' طعنا ۽ ڪيا جي درگذر آهن.



بحر: هزج مربع اخرب سالم
وزن: مفعول مفاعيلان

ڻ

تنھنجا ٻہ ڀڏي اڄ وڻ،
پرجي نہ اچن ھي نيڻ.

وگھرن ٽا پراڻا داغ،
دل تنھن ۾ ڳري ٿي ميڻ.

غيرن جو پلا ڇا ڏوھہ
پنھنجا نہ رھيا جي سيڻ!

ڪي درد ونڊي تو ساڻ،
دل ھلڪي ڪيان اڄ پيڻ.

’نسرين‘ ڪري ڇو عشق،
دنيا تي لڳي ڇڻ ڏيڻ.

*

ويڻ: معٽو ڏوراپو
سيڻ: مائٽ، عزيز
ڏيڻ: ڏائڻ

بحر : مضارع مثمن اخرب سالم مقصور
وزن : مفعول فاعلاتن مفعول فاعلات

ڻ

پرچڻ تي آهه دل ۾ غم جو غبار هاڻ،
ڪنهن مهل غم جي واري ٽِنهن مان اچي تون ڇاڻ.

ڏس ڏينهن تي ويا ڪي ڪِلندي پرين اسان کي،
فرصت ڪڏي ڪمن مان پل ڪي گذار ساڻ.

نٿهڻ ۾ نفرتن جي تن من جلي وڃي نہ
اڄ پيار جي ڪا چادر منهنجي، مٿان بہ تاڻ.

ڪوڙي زمين تي گوڏو اقرار ڪر ورائي،
ڳاڙهو گلاب جو گل مون لئہ وري ڪو آڻ.

جنهن لاءِ جوڳ ورتو سا مان هئس حسينہ
اڄ جوڳياڻي ٻڌجي ٻٽڪان تي تنهنجي ڪاڻ.

دلجوئي ڪر اچي تون دلڙي اداس آهي،
ڪي ڏينهن آ حياتي، آيو اجل بہ ڄاڻ.

گل ڪو نہ ٿا ڦٽن ڇو موسم تہ آ بهار،
ڏرتيءَ کي آ ضرورت وجهہ پيار حب جو پاڻ.

ڇا ٿي پيو جو مون کي، آئي خوشي نہ راس،
’نسرين‘ ڏي دعا تي هر ڪا خوشي تون ماڻ.

❁

بحر: مُتقارب مثمن سالم
وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

و

ٻئي گڏ هئاسين تہ ڇا ٿي پيو پو.
جدا جي ٿياسين تہ ڇا ٿي پيو پو.

اڪيلا ئي دنيا ۾ آيا هئاسين،
اڪيلا رهياسين تہ ڇا ٿي پيو پو.

جي ٻاري وياسين ڪو ٻوٽو تہ وهہ وا،
نہ ٻاري سگهياسين تہ ڇا ٿي پيو پو!

ڇڏي هو جي محفل ويو منهن کي ڦيري،
اسان جي اٿياسين تہ ڇا ٿي پيو پو.

مٿي جي بدن کي پهڻ پاڻ ڇاتو
مٿي تي پرياسين تہ ڇا ٿي پيو پو.

دعا ۾ اسان کي ڪجو ياد پويان،
ڇڏي جڳ وياسين تہ ڇا ٿي پيو پو.

هوائن ۾ 'نسرين' ٻاريندي مشعل،
ٻري خود پياسين تہ ڇا ٿي پيو پو.

❀

ٻوٽو ٻارڻ: سوجهرو ڪرڻ، ڪارنامو ڪرڻ

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

و

ڪن ۾ وڄن ٿا گهنگهرو، تن ۾ وڄن ٿا گهنگهرو
پيرن سان ڦيري پائي، گڏجي نچن ٿا گهنگهرو.

ڏک ۾ هجن ڪي سُک ۾ اظهار ڪن خوشيءَ جو
مون کي سي پاڻ جهڙا، اڪثر لڳن ٿا گهنگهرو.

گهنگهرو جي گونج اڄ پيو پيرن کي ٿي پڪاري،
ڇيرن جي ڇن ڇَنَن ۾ ڇٽڪي پون ٿا گهنگهرو.

عارف هجي حقيقي، عاشق مجاز جو ڪو
صوفي هجي يا سالڪ سڀ کي سُڻن ٿا گهنگهرو.

غارت ٿين سي پاپي، مايا جي لوڀ ۾ جي،
ڪنهن نار جي مُرن تي، زوريءَ ٻڌن ٿا گهنگهرو.

شل تي پگهر ۾ نچڻي ٿڪجي پئي نچي پر،
مومي بدن جيان ڪِٽ لوهي ٿڪن ٿا گهنگهرو.

’نسرين‘ آه! جنهن کي مجبوري تي نچائي،
پيرن ۾ خار ٻڌجي تنهن کي چڀن ٿا گهنگهرو.

❊

عارف: صحيح طور حق سڃاڻيندڙ درويش، خدا شناس
سالڪ: اهو شخص جيڪو زاهد به هجي ۽ دنيا دار به
مُرو: پير ۽ ٽنگ جو جوڙ تي پاسي وارو هڏو

بحر: هندي متقارب مثمن مضاعف
وزن: فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فع

و

گُم سُم تنها تارن وچ ۾ مون جهڙو هڪ تارو هو
چنڊ لڪل هو بادل پويان ڪو نہ ٻيو ڪو چارو هو.

ڪيجي آگر حيرت ۾ اهڙو تہ حسين نظارو هو
ايئن نہ سمجهي ڪو بہ اياڻو ڳالهہ ۾ ڪو واڌارو هو.

ظاهر جيڪو صورت ۾ ڪنهن چنڊ مثل موچارو هو
سو ئي اجرن ڪپڙن وارو ڪيڏو دل جو ڪارو هو.

منهنجي ياد بہ آيس ٿي ڪا؟ جنهن کي ٿي مون ياد ڪيو
ٻي تہ هئي بس تات نہ ڪنهن جي هڪڙو ئي مونجهارو هو.

وڇڙي توکان نيڻن جيڪي هر پل ڏُک ڏُک پيتا ها،
تن لڙڪن جو اجرو پاڻي سمنڊ جيان ئي کارو هو.

وقت جو واءُ بہ ڪيئن وسائي تنهنجي ياد جي ڏيئي کي،
مون تہ لڪائي دل ۾ رکيو جنهن منجهہ هڪ ئي جارو هو.

ساوڻ رُت ۾ تنها آهيان آيل ڪنهن کي دانهن ڏيان؟
ورهن کان هو وريو ناهي ويراڳي ويسارو هو.

سرتين ۾ سڀ رنگ ورهائي، اندلٺ تي بي رنگ وئي،
خالي هٿ ها هن جا جذهين آيو منهنجو وارو هو.

اُڏري ويندا اُس ۾ آخر پوپٽ جا پيي رنگ الا،
هڪ پوپٽ ’نسرين‘ ڍڳو ڇا! باغ سڄو تاسارو هو.

❋

ويراڳي: وڇوڙي جو ماريل، جوڳي، تارڪ.

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

و

ملن تا ڪٿ روئڻ سان حق وڏو آهين اياڻو ڪو
اجايو روڄ راڙو ڇڏ ڪري ڏس هاڻ ماڻو ڪو.

رکي پٽڪو ڪو قدمن ۾ وڏيري جي رُنو ڏاڍو
ڪري پڳ کي اچا اُوچو ڪِلي تو راڄ راڻو ڪو.

نئين نيلام گهر ۾ واڪ هليا پئي مفادن جا،
لڳا ها دام هر ڪنهن جا اگهاڻو ڪو وڪاڻو ڪو.

عقل جا سي انڌا هاڻي عقل وارن تي کلندا هن،
لڪي هاڻي اياڻن ۾ کلي وينو سياڻو ڪو.

وري شايد اچي موٽي بهارن جي نئين رُت ۾،
ولر وِرچي خزائن ۾ ڇڏي لامون اڏاڻو ڪو.

اجايو سُک ڦِٽايو تو ڪرڻ آرام ڏي 'نسرين'!
وڃي ڪر ننڊ تون هاڻي رکي کٽ تي وِهاڻو ڪو.

*

اياڻو: نادان، چريو اجهل - ماڻو: نخرو ناز انگل
واڪ: نيلام ۾ بولي ڏيڻ، وڏي سڏ گفتگو

بحر: متقارب مثمن سالم
وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

و

اهو وقت ساڳيو ورِي ڪو نہ ايندو،
لنگهي جو ويو سو نہ رستو سڏيندو.

ويو پر لڳائي پکي وقت هو جڏهن،
جي اڏري ويا پل، جهٽي ڪير ڏيندو.

پلا ڇو وساري انهيءَ شخص کي دل،
ڏسڻ لئہ ملڻ لئہ جو ڏينهن هو ڳڻيندو.

ورهہ ڪيئي گذري ويا ڪنهن کان وڇڙي،
لڳو دل کي غم جو ڪڏهن ڪونہ ويندو.

رهي تو سدا گڏ هجي جڏهن تہ پاڇو،
اهو درد ويري پڇر ڪٿ ڇڏيندو.

وڇوڙن جي موسم ڪٽي هجر آئي،
ڪري ياد دلبر، ڪو آهون پريندو.

اُداسي اُٺي تي رڳو انتظاري،
پلا ڪيستائين ڪو آسون وٺيندو.

نئين شام ايندي ڪٽي پاڻ سان شب،
سهي سُور سج پوءِ باڪون ڇڏيندو.

اکين ڪي رهي تو اهو هاڻ اُلڪو
ڪڏهن باک ڦٽندي، ڪڏهن ڏينهن ٽيندو.

انهيءَ آس ۾ هو سڏن کي لنوايو،
سڏڻ وارو مون کي سدائين سڏيندو.

متان ڪو گمان تون رکين هاڻ دل ۾،
وٺي هٿ سان توکي ڪو منزل ڏي نيندو.

زماني کيو آ قدر ڪنهن جو جيئري،
سو 'نسرين' جو پي قدر پوءِ ٿيندو.

❊

پچر: پچار

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

و

اجايو دل جلايون چو؟ حقيقت کي لِڪايون چو؟
اندر ۾ ئي پيري سُڏڪا گُهٽي غم کي گهٽايون چو؟

زماني رنگ بدلايا، پراڻا پاڻ لايون چو؟
اڳي جي آزماياسين، وري سي آزمايون چو؟

خدا خود کي سڏائڻ آ، صفت فرعون جي نادان!
بندا آهيون اسان انسان، پڏايون چو وڏايون چو؟

ڏسي ليکا نصيبن جا چڙي هٿ پير چو ويهون!
ڪري تدبير ريکائون نيون پاڻهي نہ ناهيون چو؟

سدائين سي خساري ۾ اِهو پو پيو نہ تو ڄاتو!
نہ هلندي تن جي آ مرضي امان ڏيئر تو ڄايون چو؟

نہ خوابن جي مان شهزادي نہ تون ڪنهن ملڪ جو راجا!
ڏسي محلن پراون کي ڪچا گهر پاڻ ڏاهيون چو؟

نئين ميندي ڦُٽي ناهي، ڦِٽي پهرين وئي آهي،
سوا دلبر نہ سونهي ٿي وري ٻيهر لڳايون چو؟

ڪئي آ لوڙ هت غيرن ٿيا ڏيهي تہ پرڏيهي،
اُتي ٿا سنڌ کي ڦاهيون پراون کي سڏايون ڇو؟

عجب آهي اهو ’نسرين‘! سڀ کي ٿي وٽي سنڌڙي!
وٽن ڇو ڪين سنڌي ٿا ٻُجهارت سا ٻجهايون ڇو؟

❊

بحر: مضارع مثمن اخرب سالم محذوف
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلن

و

توکان جدا ٿي ڪيڏو مشڪل گذاريو
راتين جو جاڳي تنها لڙڪن کي هاريو.

ورنڊا وري مسافر توکي به ساريو
بيچين ٿي دريءَ مان ٻاهر نهاريو.

وعدو ڪري نہ آئين دل کي سنياريو
ماٺو ڪندا پڇاڙ تن کي به ٿاريو.

تو بن اداس شامون گذري ويون ڪئين،
هاڻي به شام جو بس هڏڪي گذاريو.

ڪو ناهہ آهي غم سان پنهنجو ازل کان پر،
غم جي رُسي ويو تہ بہ پرچائي واريو.

دستور آ جهان جو نيڪي نہ ساريي،
ڀلجي ٿئي جي غلطي تنهن کي پچاريو.

ناراض وقت ايڏو مون کان رهي ٿو ڇو
ناراضگيءَ کي هن جي ڪڏهين تہ ٽاريو.

مُنهن تي ڪري خوشامد پويان ڪري گلا،
اهڙو يلا منافق دلبر ڪو ڏاربو؟

سو ئي تہ آ يگانو سڀ جي ٻڌي ٿو جو
رب کان سوا نہ ڪنهن کي دم دم پڪاربو.

پرڏيهہ ڪي يلا چو پنهنجو ڪيان وطن،
سا سنڌ آ جتي خوش 'نسرين' گهاربو.

❊

يگانو: اڪيلو بي مثل، هڪڙو

بحر: هندي/متقارب مثمن مضاعف
وزن: فعل فعولن فعل فعولن فعل فعولن فعلن فع

و

گذري ويو جو سال سمورو ڪيڏو ته ترڙ نياڳو هو.
سال اُهو هر سال جيان ڇو ڪونه سدورو ساڳو هو.

جيئڻ وئين تون ٻانهن ڇڏائي موت مثل سا مهل هئي،
ساهه جي تٽيل تند هئي ڪنهن ويل ڇجڻ تي ڏاڍو هو.

ساک ڏئي جو هيل ويو سو مور نه موٽي آيو هو
ياڳ ڦٽل منهنجا ئي رڳو ها، ڪيڙ سچو ته سياڳو هو.

رات اُماسي، چنڊ رُٺل هو بند دري دروازا ها،
مان ته هُئس بلڪل ئي اڪيلي ڪو به نه پيڇو آڳو هو.

ورهه ٿيا جا ڪونه سُتي تنهن ننڊ ڪئي اڄ مرقد ۾،
ناهي خبر ’نسرين‘ ڪيو ڇو ايڏو ڀلا اوجاڳو هو.

❋

بحر: رمل مثمن محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

و

هجر جو هي طوق پهرين مون ڪڏهن پاتو نہ هو
جو لُڇڻ هن قيد ۾ هو سو ڪڏهن ڇاتو نہ هو.

دل جا ڪولي سارا دفتر ورق هُن اٿلايا ها،
نانءُ هو تنهن ۾ عدوءَ جو منهنجو ڪو ڪاتو نہ هو.

هلندي هڪڙي موڙ تي هُو تي ويو مون کان جدا،
منهن ويو پر ايئن ڦيري ڇڙ تہ ڪو ناتو نہ هو.

دير تي ڪيڏي وئي آ پر وڃي گهر ڇا ڪجي؟
گهر جي در تي منتظر مون لاءِ ڪو آتو نہ هو.

مون کان اڪثر ٿو پڇي تنهائيءَ ۾ ڇو آئينو!
نينهن ڪو لاتو بہ هو يا تو ڪڏهن لاتو نہ هو.

تا حياتي مون کي رهندو تِنهن جو ئي 'نسرين' غم،
گڏ گذاري عمر ڪيڏي پو بہ تو ڇاتو نہ هو.

❋

بحر هندي/ متقارب مثمن مضاعف
وزن: فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فع

ھ

توسان آهي چاهہ پراڻو ٿو ۾ منهنجو آهي ساھہ
منهنجي دل کان نڪري ٿي بس تنهنجي دل ڏي هڪ ئي راھہ

جنهن کي ڏسندي تارن کان ٻي يڪدم نڪتي آهي واھہ
تنهن کي ڏسندي گم سم آهي ڪيڏو پورن ماسي ماھہ

اڄڪلهہ تنهنجي يادن جي آ مون تي هر دم ئي يلغار
ڪيئن ڪيان بدلي ۾ تنهنجي، پٿر دل تي ٻيلي ڪاھہ

پاڇي وانگر گڏ آ مون سان، ڏينهن هجي يا بيشڪ رات
خوشين خاطر ٽوڙيندس ڇا غم سان آهي جيڪو ناھہ

گذري ويندا ڏينهن، مهينا، پورو ٿيندو آخر سال
توکان ٻو محسوس ٿيو پر ورهين وانگر هر ڪو ماھہ

مان ڄاڻان يا رب ٿو ڄاڻي، آهي جيڪو دل جو حال
ڪير ڏسي 'نسرين' تہ پل پل ڪيڏي تنهن ۾ آ ٻيچ ڊاھہ!

❁

پورن ماسي ماھہ: پورو چنڊ، چوڏهين جو چنڊ.

بحر : رمل مسدس محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ھ

الف کان اڳتي بہ باقي حرف پڙھ
ي تي پھچي من ئي من ۾ تِن تي ڪڙھ

سر ڪٽي سينو ٽو ساھي چا ڪجي؟
نفس کي ڪيسين نفيءَ جو ھڻجي ٻڙھ

نانءَ سان جن کي سڏي ٿي زندگي،
موت ماري ٿو سڏائي تن کي مڙھ

ذھن، دل مفلوج چا لئہ ٿو ڪرين؟
او زمانا! تون حواسن تي نہ چڙھ

دل خدا جو آھ بس 'نسرين' گھر،
وسوسي يا وھم جو آھي نہ ڳڙھ

❋

ٻڙھ: سونٽو

بحر: هزج مربع اخرب سالم
وزن: مفعول مفاعيلان

٤

هڪ وار هلي گهر آءُ،
ڪي گرھ اچي گڏ کاءُ!

سا ڳالھ نہ ڪنهن ۾ آھِ،
تو مان جو ملي تو ساءُ.

دنيا ۾ سچو ناهي ڪو
توڪان تہ سوا او ماءُ!

ناتا يي ويا منجي ڪي،
اهڙو تہ لڳو آ واءُ.

اڄ پيٽ بہ ناهي پيٽ،
اڄ پاءُ بہ ناهي پاءُ.

هڪ سير ٻيو تنهن کان بہ،
تو سرس ٿئي هڪ پاءُ.

موسم بہ وئي منجي آ،
محسوس ٿئي تو تاءُ.

’نسرين‘ خبر آهي تہ،
لڳندو نہ هتي ڪو داءُ.

❋

ساءُ: لذت، مزو، لُطف— تاءُ: سيڪُ، گرمائش، ڪاوڙ— داءُ: وجھ، موقعو

بحر: مضارع مثمن اخرب
وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

ي

توسان رهڻ بہ اوکو مشڪل ٿيڻ جدا پيو،
توسان ئي منهنجا جهيڙا توتي ٿيان فدا پيو.

در بند ٿي ويا سڀ، جنت جا آسمان تي،
دوزخ جا در کُلن تا آئي ٻڌڻ ندا پيو.

رکجي وڃي نہ گردش هن جي سمي کان پهرين،
ڌرتيءَ جي وارثن کان ناراض آ خدا پيو.

پاتار جي تهن مان آواز ٿي ڏيان مان،
پهچي نہ ٿي ڪنن ۾ ڪمزور آ صدا پيو.

تنهن کي نہ زندگي چئہ توکان سوا جا آهي،
آئي ڏسڻ ڪا تنهن ۾ جيون جي هڪ ادا پيو.

توکي ئي مون گهريو ٿي، رب کان هزار پيرا،
پر ٿي وئي دعا رد ڦهلائي مون رِدا پيو.

توکان سوا تہ ڪجھ پيو آهي نہ زندگيءَ ۾،
'نسرين' جهڙو مفلس هوندو نہ ڪو گدا پيو.

❋

ندا: صدا، آواز سڏ
ردا: چار پوتي

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ي

ڪڏهن ايندا وري مهمان هن گهر ۾ خبر ناهي،
ڪڏهن ويهندا سڄڻ پيارا اچي ڀر ۾ خبر ناهي!

اچا ڪا آس باقي آ اچن شايد ڪڏهن ڀلجي،
کُتل نظرون رکان ڪيسين اچا در ۾ خبر ناهي.

ٽيو اڄ قيد آ انسان گهر جي دائري اندر
ڪڏهن کلندا اهي تالا سڄي تر ۾ خبر ناهي.

وڏن ٽا روز مونجهارا لڳي ڪنهن جون ويون نظرون،
ٽيو وڏ ظلم هِن بَرَ آ ڪي هُن بَرَ ۾ خبر ناهي.

اُجاري آ اچا ڏرتي اڙي بادل! ڪٽي وس تون،
وري ايندين ڪڏهن موٽي سُڪل ٽر ۾ خبر ناهي.

وطن پنهنجي هلي 'نسرين' دردن جي دوا ڪر تون،
اُڏڻ جي سگهه ڪڏهن ايندي ٽُٽل پر ۾ خبر ناهي.



بحر: متقارب مثمن سالم
وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

ي

بهارن چمن سان ڪٽي آهہ پاتي،
ذري آٽي خوشبو گلن کي نہ لاتي،

اوهين ڪين آيا بهارن جي رُت ۾،
خوشيءَ جي تہ ٻولي پکين ٻي نہ ڳاتي.

اماوس تہ اونداهہ چوپاسي آندي،
نہ تي لاٽ ڏسجي ڪٿي ڪا صفاتي.

هئا ڦٽ پراڻا تڙي جي پيا ها،
ڏٺو پر نہ ڪنهن ٻي اندر پائي جهاتي.

جدائيءَ نہ وچ ۾ وِڌي ڪا وڇوٽي،
رَهي دل ٿِي هَر دم اوهان لاءِ آتي.

نہ احساس ڪنهن کي، نہ اميد ڪنهن ۾،
اسان آزمائي حقيقت تہ ڄاتي.

عجب ڪيفيت کي ڏجي نانءُ ڪهڙو؟
خوشي پنهنجي آهي، نہ غم پنهنجو ذاتي.

نہ ڄاڻان چو 'نسرين' دل جهير ٿي آ.
اوهان جي هٿن ۾ هئي ڪين ڪاتي.



بحر: مديد مثمن سالم
وزن: فاعلاتن فاعلن فاعلاتن فاعلن

ي

ٿي ويا ماڻهو پهڻ، ڪنهن ڪئي آ ساحري،
هن طلسمي شهر ۾ ڪو نہ آهي سامري

ڪا علامت سرسري ڪو نہ ٿي ڪنهن ۾ ملي،
ماڻهپو نڪري ويو ماڻهو آهن ظاهري

سڀ لهي آيا هتي، ڪوهہ قافي ديو جن،
رات جا پاڇا ٿا ڪن، تن جي هر پل چاڪري

چنڊ تارن ۾ پئي اڄ، وري ٿاڪوڙ آ،
مشتري هوشيار ٿي ڪنهن ڪئي آ مخبري

قيد ۾ راڪاس جي سا پري آهي اڃا!
جنهن پرستان مان اچي پوکي آهي خود سري

بانوري ڪا جل پري، ترڄي نڪتي سمنڊ مان،
پر هُئي ساري زمين، ڪيڏي هن لئہ اوپري

بي سري ڪو بانسري ٿو وڄائي، چاهہ مان،
شوق سان ويٺي ٻڌي تنهن کي سندر ڇوڪري

حاضري آبو پرڻ سو نئين دلبر جي دَر
هر دفعي جنهن کي لڳو عشق آهي آخري

ساڄي پاسي وانڳ تي، پيچرا وڌندا ويا،
توڙ تي تنهن جي هئي منزلن جي دلبري

برتري يا ڪمتري، ڇا جو هي تڪرار آ؟
گھرجي ٿي انسان کي بس سراسر همسري

ٻَلَ ٻُراٽا ڪائي سپ وقت جو اجگر ويو
دل ۾ آ 'نسرين' جي خوشبو جن جي ڪيسري

❊

پھڻ: ڇبل جو پٿر — ٺاڪوڙ: هراس، ڀاڄ — اجگر: ارڙنانگ
همسري: برابري، مساوات — ڪيسري: زعفران، هڪ قسم جو ٻوٽو

بحر: رجز مثمن سالم

وزن: مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

ي

ڏس روشني! ڏس روشني! ڪنهن هي ڇٽي آ روشني؟
پاچا پئي ڳڙڪائي سڀ ايڏي گهٽي آ روشني!

آهي ضرورت ڇٽڳ جي هيڏانهن ڪٽي آ روشني،
ٻرندا گهرن ۾ ديپ سڀ، در در هٽي آ روشني.

اونداهه کي ڪائي وچي ٻاري وڃون ينيث نئون،
گُهرجي اُهو ٻڪر وري جنهن مان ٻٽي آ روشني.

ٿڌندي پرهه اونداهه مان ويندا اُجهامي سڀ ڏيئا،
سامهون پلا ڪو سج جي ٻي ڪا وٽي آ روشني.

درياهه جو جيئن وهڪرو ڪابي نه ئي توري سگهون،
تيئن اڻ لڪي تيئن اڻ مَئي تيئن اڻ ڳٽي آ روشني.

هن جو نه ڪوئي مول آ هن جو نه مٽ يا مثل ڪو،
ياقوت مرجان يا نه ڪا هيري ڪٽي آ روشني.

پاڻيءَ جيان وهندي وڃي اونداهه سڀ لڙهندي وڃي،
وڃجي وئي ڌرتيءَ مٿان ڇڻ ڪا پٽي آ روشني.

'نسرين' سوئي نور بس سنسار جو آهي ڏٽي،
هُن عرش کان هِن فرش تي تنهن جي ڇٽي آ روشني.

*

پٽي: مٿي، واري

بحر: متقارب مثمن سالم
وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن.

ي

وري عيد تنهنجي وڇڻ بعد آئي،
وري عيد تنهنجي ڪٿي ياد آئي،

وري زخم ساوا وڇوڙي جا ٿيندا،
وري رُت رُئڻ جي ٿيڻ شاد آئي.

نہ چو بام تي اڄ نئون چنڊ نڪتو؟
اماوس ڪرڻ گهر ڪي آباد آئي.

سُتل حسرتن کي وري جاڳ ٿيندي،
ٻُڌڻ هجر وارن جي فرياد آئي.

ڪٿي هٿ ۾ ساغر رهيا رند تاسا،
نہ نيڻن نشيلن جي امداد آئي.

مرڻ بعد هن سان جي ملندس تہ پڇندس،
ڪڏهن ياد توکي هي ناشاد آئي؟

وفا جو ئي پرچار پل پل ڪيو مون،
جفا جي زبان تي نہ روئداد آئي.

تو ’نسرين‘ غم سان نڀايو سدائين،
نئين شام غم جي ڏيڻ داد آئي.



بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ي

جتي گڏ داستان پنھنجو لکيو تو مون ڪناري تي،
اُتي اڄ تي وَسي واري، ھوائن جي اشاري تي.

بچي ڪُنَ جي ڦھر ڪان پو، ڪناري تي ٻڌو آ ڪو
ٽري ڪو پار آ پھتو سُڪل پَنَ جي سھاري تي.

پلي سَوَ چنڊ چمڪي ڪن، سڄي دنيا متان چلڪو
ڪندس پر ناز مان ھر دم، ٽنل پنھنجي ستاري تي.

ھئي پنھنجي حياتي جا، وئي گُذري گھڙي ڪَنَ ۾،
يقين ڪھڙو ڪجي ھاڻي، عمر جي پَلَ اُڌاري تي.

ضرورت جنھن جي آ مون کي، اچوڪي ڏينھن آچر تي،
ارادو تنھن ڪيو ظاھر، اچڻ جو پر اڱاري تي.

ھجي سامھون پرين سھڻو سنجھا ڪان تي وڃي ساجُھر،
ڪيان سر ساھ مان صدقو حسين اھڙي نظاري تي.

ھلي گڏجي ٻئي پيھر، منافعا ڪي ڪمايون ٿا،
ڪجي افسوس ڇو آخر، اچا ويھي خساري تي.

پئي وڄندي اها نوبت، قيامت جي گهڙي تائين،
ڏهاڙي چوٽ هڻندو ڪو قلندر جي نغاري تي.

هئا پر ڀي ڪٽيل هن جا، ڪڙا پيرن ۾ ها پاتل،
پکي پڃري مان نڪري ته به، وڃي ويٺو مُناري تي.

ڏجي ڇو ڏوهه ڪنهن ٻي کي، هئا افعال پنهنجا بد،
ميارون ڪونه رکندس مان، نه ٻُوري تي نه ڪاري تي.

ڪيو هو درگذر ’نسرين‘، تنهنجي سڀ خطائن کي،
رُسڻ تنهنجو مناسب آ، ڇا هڪ جملي ڪساري تي؟



مرڪ پبليڪيشن ڪراچي طرفان ڇپيل ڪتاب

2014ع

1: حيواناتِ في القرآن		ترجمو: منظور سولنگي
2: برکا بوند بھار جي	(گڏيل 16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب)	مرتب: مرتضيٰ لغاري
3: نئون نئون مڌ آ	(گڏيل 16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب)	مرتب: مرتضيٰ لغاري
4: ڪڏھن تہ ملندي	(شاعري)	سرڪش ناريجو

2015ع

5: جيجل منھنجي قسمت	(ڪھاڻيون)	دلبر چانڊيو
6: ڳوڙھو ڳوڙھو سوڳ ۾	(شاعري)	انجم قاضي
7: دردن ڦولاريا ڦول	(شاعري)	وفا صالح راڄپر
8: تون منھنجي ساھ ۾ آھين	(ڪھاڻيون)	طارق خشڪ

2016ع

9: عشق جي آخري سرحد	(ڪھاڻيون)	يار محمد چانڊيو
10: رھيل چار ڳوڙھا	(شاعري)	استاد پيرل قمبر
11: روھيڙي جا رتا گُل	(گڏيل 17 شاعرن تي مشتمل ڪتاب)	مرتب: مرتضيٰ لغاري

2017ع

12: ادب آبِ حيات	(گڏيل شاعري)	مرتب: بلال تبسم
13: جن عشق سين آگاھ	ج ع منگھاڻي کي منظوم پيتا" شاعري	درد ھوش محمد ابڙو
14: درد نگر جا ماڻھو	(شاعري)	عاجز غلام رسول
15: پھڻ پير پٽون ڪيا	(شاعري)	فرزانا شاھين
16: آڪاس آ اکين ۾	(شاعري)	شبانا عالماڻي
17: ھانءُ ھاريو متان	(شاعري)	شاھدہ کوکر
18: ساڃاھ جا سرچشما	(ڀٽائي جي بيتن جي چونڊ ۽ تشريح)	سعيد احمد چانڊيو
19: مينھن ڪٽيون	(شاعري)	سڪندر ھاڙھو
20: ڌرتيءَ جو پٽ	(ڪھاڻيون)	عبدالواحد سومرو

21: پيئي جن پرک (ڊاڪٽر غلام نبي سدايو علمي ۽ ادبي شخصيت) ترتيب: مرتضيٰ لغاري
22: ملندو نيٺ پنهل (شاعري) "درد" هوش محمد ابڙو
23 : اوجاڳن جا عڪس (شاعري) انجم قاضي
24: ڪلجُڳ جا رنگ (ڪهاڻيون) ڊاڪٽر غلام نبي سدايو
25: نيڻهن جو نوحو (شاعري) فرزانا شاهين
26: ٻالڪ ڌرتيءَ تاندا اُڻا (ٻارڙن لاءِ شاعري) وحيد محسن

2018ع

27: هوا جو رنگ ناسي آ (شاعري) رحمت پيرزادو
28: احساسن جو ديس (گڏيل 36 شاعرن جي شاعر مرتب: انجم قاضي
29: روشني جا رنگ: "شهدادڪوٽ جا شاعر" (گڏيل شاعري) مرتب: سڪندر هاڙهو
30: گيت گونگا نہ ٿيا (شاعري) شبانہ عالماڻي
31: رات وهامي ٿي (شاعري) نسرين الطاف
32: ڏک ڪي ڏُک آ (شاعري) وسيم گبول
:33 shah jo risalo Transleted By: Dr. Ali Akbar Dhakan
34 : پيار جي ڌرتي دل جو ديس (ڪهاڻيون) منل چانڊيو
35: سنيهو سچ جو (شاعري) منور علي منور ڪيهر
36: ديوان وريام فقير (شاعري) وريام فقير شيخ
37: ڪوءِ ڳنديندڙ هوءِ (ڪهاڻيون) هوش محمد ڀٽي
38: وفائون مات ٿي ويون (شاعري) شبانہ نواز
39: آسرا جاڳي پيا (شاعري) عبد سنڌي
40: سونهن جو رد عمل (چونڊ غزل) مرتب: رحمت پيرزادو
41: ظاهر (ناول) سنڌيڪار: اياز ڀٽو
42: آهين تون هن پار (شاعري) شاهده ڪوڪر
43: لهر لهر خوشبو (شاعري) آڪاش ميراڻي
44: اعتراض (شاعري) بيخود بلوچ

2019ع

45: جيءَ جيارو (پيغمبر خدا جي زندگي تي نظر) اويس ڀٽو
46: نيل نديءَ تي رولاڪي (ناول: "نجيب محفوظ") ترجمو: اياز ڀٽو
47: عشق عبادت (ڪهاڻيون) اندرا شبنم پونا والا
48: مٽي ماٽي لايان (ڪهاڻيون) فرزانہ شاهين

49: Standard Basic English Grammar — Nazeer Ali Bhatti

50: هوائون قيد ۾ آهن (شاعري) رزاق عاصي

51: پيڙا جي پاتار ۾ (شاعري) خالده نسرين

52: ڪونج قطارون ڏات جون (گڏيل شاعري) ڪونج بلوچ

53: نظم جدائي جا (اڪبر ڪرل جي شاعري) مرتب: نادر دايو

54: شيڪسپيئر جون ڪهاڻيون (چارلس لئمب/ميري اين لئمب) سنڌيڪار: اياز پتو

55: سماج ۽ سياست جو گرائمر (مضمون) ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري

56: شاهه جو رسالو سور ڪيڏارو (ڪربلا جو قصو) ڊاڪٽر علي اڪبر ڏڪڻ

57: شاهه جو رسالو جا سُر ڊاڪٽر علي اڪبر ڏڪڻ

58: سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت (مضمون) ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

59: در جو کڙڪو (ڪهاڻيون) شفيع ٻکک

60: ريزا ريزا روح اسان جو (شاعري) بشير سيتائي

61: نت نت آهه نئون (لطيفيات) لطف پيرزادو

62: جهونڪو هوا جو آهيان (شاعري) عاجز عاشق تنيو

63: نينهن نجات نعت صفات (شاعري) سگهڙوريام فقير

64: عشق جي عنايت (سگهڙ علي گوهر وڳڻ جو ڪلام) مرتب: ڊاڪمال ڄامڙو

65: ڪرنل کي ڪير به خط نه ٿو لکي (ناول: گارشيا مارڪئيز) ترجمو: رحمت سومرو

66: ساروٽيون ساٿيهه جون (يادگيريون) خير محمد ڪولاچي

67: ڪجلا سر (ناول) اجمير پتو

68: سامي سهاڳي (خاڪا) اقرار پيرزادو

69: ننڍڙي پري (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) وحيد محسن

2020ع

70: خوابن جو سفر (سنڌ جو سفر نامو) سلطانه وقاصي

71: ڳولا (شاعري ۽ ڪالم) منور سلطانه

72: سيد پير علي شاهه شيرازي جو ڪلام مرتب ۽ مقدمو: ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

73. محبتون پيالا ۽ پئمانا (تاثير ناڻن شاهي جي شاعري) مرتب: ذوالفقار گاڏهي

74: Standard Basic English Grammar — Nazeer Ali Bhatti

75. چوٿين مارچ ۽ سنڌي شاگرد جدوجهد سهيڙيندڙ: پروفيسر اعجاز احمد قريشي

76: ماڻهو پاڻ امله (سوانحي خاڪا) محمد هنگورجو

77. تون ئي منهنجو محور آن	(شاعري)	بينا مسرور
78: ڪنهن موڙ تي ملنداسين	(شاعري)	عظيم جلباڻي
79: واپسي	(ناول)	انور ڪليم
Dr Sher mihrani :80		Bequest of the Bhittai
81: ايلسا	(ناوليٽ)	عبدالواحد سومرو
82: آءِ لوَ يو	(ناوليٽ)	بيدل مسرور
83 . ماڻ ۽ تخليقيات تو ڪجهه ويٺو	(نثر)	آٿم ناٿن شاهي
84. پاڻي ڪوٽ ڊيم ۽ عالمي تضاد	مضمون	بشير منگي
85: ڌرتي ڌڻي شاعر، استاد بخاري	(ڪالم)	سهيڙ: سجاد يوسف سومرو ۽ تابش بخاري
86. شاهه لطيف هڪ ڪامل انسان	(لطيفيات)	فدا حسين شيخ
87. من من مور ٿهوڪا	(خاڪا ۽ مضمون)	علي نواز ڏاهري
88. ڪورونا جنگ جهڙي آ	(شاعري)	وحيد محسن
89. ڪڙو منجهه ڪڙي	(خط)	سهيڙ: احمد شاڪر
90. ڪجلي	(ڪهاڻيون)	جهانگير عباسي
91. آزاديءَ جي عشق ۾	(شاعري)	"ناشاد" رشيد سنڌي
92. سنڌ جو ابنِ بطوط	(حجاز نامو)	سهيڙيندڙ: ماڻڪ ملاح
93. ويا اُت وهي	(سوانح/شخصيت/ساروڻيون)	سهيڙيندڙ: شمس راهمون

2021ع

94. چنڊ متي آڪاس	(شاعري)	خالده نسرين
95. ڳالهيون پيٽ ورن ۾	(ڪالم)	سلطانه وقاصي
96. سڳنڌ	(سلطانه وقاصيءَ تي لکيل مضمون)	سهيڙ: مرتضيٰ لغاري
97. پنج آڱريون	(ڪهاڻيون)	سڪندر هاڙهو
Standard Basic English Grammar Nazeer Ali Bhatti :98		180_
99، پونءِ نه آياس پانءِ	(ڊاڪٽر ڪمال جي وڇوڙي تي آيل تاثراتي نثر)	سهيڙ: ڊاڪٽر عابده گهانگهرو
101: ڏونگر ڏاري وينداسين	(عبدالحڪيم "ارشد" جا ڪالم)	مرتب: مرتضيٰ لغاري
102: وفائن ۾ هُڳاءُ آ	(شاعري)	آصف اصغر پنهور
103: ڪاغذي ڳالهيون	(ڪالم ۽ مضمون)	يوسف جميل لغاري
104: بولي ڀڄهارت	(لطيفيات)	مينهون خان "سوز" بلوچ
105: پوءِ	(ڪهاڻيون)	انور ڪليم
106: قدر منجهه ڪِنار	(پروفائيل انٽرويو)	علي محمد "درد" سولنگي
107: الف الڪ من ۾	(شاعري)	عبد سنڌي

108:	ڪُلهي ڪانڌي ڪير؟	(ڪهاڻيون)	سيما عباسي
109:	لاحاصل Love	(ڪهاڻيون)	جاويد شيخ
110:	سڙيا مٿي سچ	(مضمون)	سرمد ڪوسو
111:	سپنا منهنجي ساهه جا	(آٿم ناٿن شاهيءَ جي شاعري)	سهيڙ: ذوالفقار گاڏهي
112:	تاريخ جي تهه خاني مان	(ڪالم مضمون)	سڪندر عباسي
113:	سنڌوءَ ڪناري ساروڻيون	(يادگيريون)	ڊاڪٽر غلام رسول سومرو
114:	تقدير جو احوال		ترجمو: فقير علي ڏنو نظاماڻي
115:	شاهه جي رسالي جي سنڌي انگلش ان		ڊاڪٽر علي اڪبر ڊکڻ
116:	عالم برزخ	(ناول)	ترجمو: قربان چنا
117:	روشني آهي حسين	(شاعري)	شبانه عالماڻي
118:	سنڌي شاعريءَ جو فن ۽ گهاڙيتا	(تحقيق)	عزيز قاسماڻي
119:	ڏوريندي ڏسن	(لطيفيات)	محمد هنگورجو
120:	سنڌ جو امداد ”جيئڻ مون ڏنو“	(شخصيت)	فدا حسين شيخ
121:	ستون پڙهه ساڃاهه جُون	(مضمون)	سرمد ڪوسو
122:	ڪارونجهر تي مور	(شاعري)	سليم چانڊيو
123:	سنڌ سموري گهايل ڇو؟	(شاعري)	ارشاد سومرو
124:	قلبي فڪر	(شاعري)	قاضي غلام مصطفيٰ
125.	گل و گلزار جيڪب آباد	(تاريخي يادگيريون)	قاضي غلام مصطفيٰ
126.	سنڌ سپيتا	(تاريخي ماڳ)	عنايت ڪٽياڻ
127.	ڳالهيون ڪينادا جي وڻ وڻڪار جون	(سفر نامو)	ڊاڪٽر غلام رسول سومرو
128.	ديوان	(سنڌي الفابيٽ تي غزل)	خالده نسرين



’ديوان‘ تي ڪجهه لکڻ منهنجي لاءِ ذاتي طور افتخار آهي، اعزاز آهي.
ادي خالده نسرين سان صرف هڪ ڀيرو روبرو ملاقات ٿيل آهي، پر اهي ڪجهه ’ڪلاڪ‘ ڄڻ ته اندر جي ايوان ۾ ڪٿي، ڪنهن اينٽيڪ سائيڊ ٽيبل تي چانهه جو ڪوپ رکيو، وقت جي آرسيءَ ۾ لاڳيتو نهاريندا رهن ٿا. سندس باوقار سراپو، سندس باوقار تحرير جيان آهي. ماٺڪو، چُپ ۽ شائستو.
’ديوان‘ سندس غزلن جو مجموعو آهي. ڪيڏو نه ڪمال آهي ته اسان جي هن محترم شاعره پيڻ باقاعدي عروض جي تعليم حاصل ڪئي آهي. هُن رڳو شاعري ڪونهي ڪئي بلڪ ڄڻ ته شاعريءَ سان عشق ڪيو اٿائين، جنهن جو هڪ اهم اهڃاڻ ’ديوان‘ اوهان جي هٿن ۾ آهي.
مان ڪو وڏو شاعر ناهيان، نه ئي اهڙو پختہ ڪار آهيان جو ايڏي حسين پابند شاعريءَ تي ڪا مستند راءِ ڏيان. ها، ورق جي اختصار کي ڏسندي، مان رڳو هڪ غزل جا ڪجهه شعر پيش ڪري رهيو آهيان، جيڪي ’مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلن‘ جي وزن ۾ تراشيا ويا آهن. ديڳ مان رڳو هڪڙو ڪڻو ئي، ذائقہ شناس لاءِ ڪمال هوندو آهي.

ڪمري ۾ بيڊ تي مان، ليٽي پوان ٿي چُپ
ڳالهائي ٿو ڪو مون ۾، تنهن کي ٻُڌان ٿي چُپ
پولار ۾ اڪيلو ڏسجي ٿو چنڊ پيو
هو نانءَ سان سڏي ٿو، پر مان رهان ٿي چُپ
شايد اهو سفر ۾ هوندو اڃان به گڏ
هٿ کي جهلي مان جنهن جي اُڀ تي لهان ٿي چُپ

پابند شاعريءَ جي اُڀ تي، ادي ڪمال حسناڪيءَ سان لٿي آهي. جيڪو افتخار ڪيس سدائين لاءِ مبارڪ هجي.
ڪريم رب ڪيس دامّي، درمّي، ڪرمّي، سُخني صرف پنهنجو محتاج رکي. (آمين)

محمود مغل

ISBN# 978-969-7958-39-9




سورهه سنڌي ادب



صاحب خان سورهه ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488